(New quotations)

# پنهنجي ڊائريءَ تي

# پراوا خيال

چونڊ: سعيد سومرو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# پنهنجي
# ڊائريءَ تي
# پراوا
# خيال

(ڪوٽيشنز)



چونڊ: سعيد سومرو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**BOOK NO: (200)**


• Phanje Diary te parawa khayal (Qoution)

• پنهنجي ڊائريءَ تي پراوا خيال (چونڊ)

•By: ***SAEED SOOMRO***

• سهيڙ: **سعيد سومرو**

***FIRST EDITION 2017***

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2017ع

ڪمپوزنگ@ٽائيٽل: ڪنول گروپ



*All Rights Reserved Poet*

© KANWAL



**Publication Kamber**

ڪنول

پبليڪيشن قنبر



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.


## ملهه: 200 روپيا

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

ينائي ڪتاب گهر، حيدرآباد.

ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.

سمباره پبليڪيشن هائوس، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو حيدرآباد.

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - مهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ

مدني بڪ شاپ، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر

ٽرڪتاب گهر، مٺي - ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد

تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس- سراج بڪ اسٽور، قنبر


پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

انهن سيني ڏاهن جي نالي
جن اسان کي بيوقوف سمجهي
ڪجهه نه ڪجهه سيکارڻ چاهيو!

۽
پنهنجي پياري دوست
مهيش ڪمار جيسراڻي جي نالي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اوهان جيڪو پڙهڻ چاهيو ٿا،
دراصل اهو اڃان لکيو ئي ناهي ويو!)

ڪنول پبليڪيشنز
قنبر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوٽ بڪ کي هر چوري معاف آهي ڇا ؟

اکين ڏسون پيا تہ ادبي ڪتاب پڙهڻ پڙهائڻ جو زمانو ختم ٿي رهيو آهي. اُتي اِها اميد ڪئين رکون تہ جيڪو ڪجھ پڙهيو وڃي ٿو، اُهو ٻين سان شيئر ڪجي!

پاڻ بہ جڏهن نيرا ساوا ۽ ڪارا اڇا ڪتاب پڙهي روح جي ريگذارن کي سيراب ڪرڻ جي شعوري جاکوڙ ڪئي پئي تہ ڪڏهن ڪڏهن موڊ هجڻ سبب پنهنجي پاسي ۾ مختلف دوستن کان گفت ۾ مليل ڪنهن نہ ڪنهن ناسي ڳاڙهيءَ ڊائريءَ ۾، دل کي وڻيل تخيل اُتاري رکيو پئي.

گهر ـــ در تائين ايندڙ ان وقت جي محبوب دوستن ۾ اولين درجو رکندڙ دل گُهري دوستَ مهيش ڪمار جيسراڻي کي هڪ ڀيري ائين اُها ڊائري پڙهائي هئي، جنهن ۾ انيڪ ڪتابن مان چونڊ ڪيل اسم قلمبند ٿيل ها. مهيش منهنجو غير ادبي دوست هيو، ان کي ادب ۽ شعر جي وڏي جهانَ جي ڪا پروڙ نہ هئي. ان کي اِهي سهيڙيل سوچون بيحد پسند آيون ۽ اها ڊائري گهر وڃي پڙهڻ لاءِ کڻي ويو. ٻہ ٽي ڀيرا ڊائري واپس گهرڻ تي، هُن ٻہ ٽن ڏينهن کان پوءِ مون کي هڪ نئين وڏي ڳاڙهسري ڊائري تحفي ۾ ڏيندي، خاص اها فرمائش ڪئي تہ اڳتي جيڪو ڪجھ پڙهين، ۽ توکي جيڪو وڻي، تہ اُهو هِن منهنجي ارپيل ڊائريءَ ۾ لکندو وڃ. ۽ مون کي اها پوري لکي پو گفت ڪجانءِ.

مان ساڻس انڪار ڪرڻ جهڙو نہ هيس. مون ان جي چوڻ تي پنهنجن ۽ پڙهڻ لاءِ مليل ڪتابن مان جيڪو وڻيو پيئي، اهو سندس سونپيل نوٽ بڪ نما ڊائريءَ ۾ اتاريندو رهيس. ۽ ان مان چونڊ ڪري ڪجھ صفحا اخبارن ۾ بہ شايع ڪرايا. جيڪي پڻ ادبي حلقن ۾ پسند ڪيا ويا.

وقت جو واءُ اهڙو وريو جو اُهو دوستيءَ جو وسيع دائرو، پاٽيءَ تي ڦوتهڙي وانگي فنا ٿي ويو ۽ منهنجا ٽئي يارَ، روشن سومرو، شاهد شيخ ۽ مهيش جيسراڻي پرديس جي ڊوڙ در حوالي ٿي ويا. پاڻ بہ الائي ڪٿان ڪان ڪٿي ڦهتاسين ۽ اُهي ڊائريون ۽ ڪتابَ بہ اباڻي گهر جي مٽيءَ جي تهن ۾ ائين دٻجي ويا، جئين جوانيءَ جي تيز ڌاهڙن هيٺان ٻالڪپڻي جا معصوم پل دٻجي وڃن ٿا!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿا منجھ قرار، هٿا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيائون ڏارو ڏار،
ڪوهہ ڇاٽان ٻيهار، ڪير ملندو ڪنهن سان!

هاڻ جڏهن پاڻ کي ڪجھ ڪجھ اڌورو اڌورو سنياليوسين تہ انهن شايع ٿيل اخبارن ڪٽنگ مان ڪجھ ٽڪرا هٿ آيا ۽ بهتر سمجهيو تہ انهن کي هٽيڪو ڪجي. هڪ يار جي خواهش جي حيثيت پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌي ادب جي ڪنجوس پاڙهوءَ لاءِ هي ڪتاب پنهنجي رنگ ۾ جدا نموني جو تحفو آهي، جنهن ۾ هر رنگ جو ادب هڪڃاءِ موجود آهي.

هن ڪتابَ کي سهيڙڻ ويل گهڻا ڪتاب مون کان وڃائجي ويا يا هٿ ـ پهچ کان پرانهان هيا، جنهن کي ڪري اِها دم دعويٰ نٿو ڪري سگهان تہ جن بہ دوستن ۽ ليکڪن جون سٽون ڪاپي ڪيل آهن، اُهي حرف بہ حرف اصل آهن. ان لاءِ حيات ۽ مرحيات فاضل ليکڪن کان معذرت خواه آهيان.

ڪو بہ ڪتاب پڙهڻ وقت اوهان اهو فيصلو ڪئين ڪري ٿا سگهو تہ اوهان جون پسند ڪيل سٽون، ٻين دوستن کي بہ ائين پسند ايندڀون، جئين اوهان کي پسند آيون آهن. ان ڪري اهو جبر قطعي نٿو سونهي تہ هتي چونڊيل هر سٽ يا خيال اوهان کي بہ پسند اچي! پو بہ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سڀ خيال جديد ادب جي ويجهو هجن ۽ نئين زماني جي پاڙهوءَ روح لاءِ پرڪشش هجن.

ڪيئي ڪتاب اهڙا هوندا آهن، جيڪي مڪمل پسند ڪيا ويندا آهن. انهن مان ڪا بہ هڪ سٽَ يا هڪ خيال رڳو ڪوڊ ڪرڻ ناممڪن هوندو آهي. جئين شيخ اياز جي نثر جا ڪتاب. ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي/ساهيوال جيل جي ڊائري/ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون جهڙا ڪتاب پڙهي، انهن ۾ ڪوريل پرڏيهي اڪابرن جون سٽون ياد ڪري بہ سنڌ ۾ گهڻا ڇامڙا پڙهندڙ ”مها دانشور“ ٿي ويا آهن! ايوب کوسي، اعجاز منگي، امر سندو، کان وٺي شبنم گل ۽ فراق هاليپوٽي تائين ڪيترا ئي ليکاري پڻ خوبصورت نثر لکن ٿا، جيڪو سڄو جو سڄو ڪوڊ ڪرڻ جهڙو هوندو آهي. اهڙن ڪتابن جي بہ لسٽ ڊگهي آهي، جيڪي مڪمل ڪوڊ ڪرڻ جهڙا آهن. اهڙا ڪيئي ڪتاب مون بہ ساهہ سان سانديا آهن پر هتي انهن جو تذڪرو ڪٿ بہ ناهي. ۽ اهڙيون ڪيئي ڳالهيون بہ روح تي لکجي ويون آهن، جيڪي پڻ هتي ناهن اتاريون ويون. انهن جي بيان لاءِ الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو. هي ڪتابُ ”پنهنجي ڊائريءَ تي پراوا خيال“ ـ خالص خيال کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال ڏانهن سفر آهي. جنهن ۾ هڪ اڌ پڙهي لکي ۽ تڪڙ ۾ سوچ ڪي سٽ ذريعي فيئر ڪندڙ شخص جو، پنهنجو خاڪو پاڻ ناهڻ جو عمل به آهي.

گهڻو ڪجهه ڳالهائي ۽ لکي سگهجي ٿو. اهو سڀ مائنس فارمولي هيٺ غائب ڪري اوهان کي رڳو اهو ٻڌائجي ته ڪتاب پڙهڻ جي شوق ۾ لفظن کي لتاڙڻ بدران اندر جي اڪ سان ڏسڻ جو ذوق زنده رکيوسين ته ڪو حرف اسان جي زندگي تي ''حرف'' آڻڻ نه ڏيندو.

اسان کي اهو سيڪارڻ وارو هاڻ ڪيرُ ڪونهي ته عبادته جيئڻ آهي. زندگيءَ کي ان جي حقيقي فلسفي سان سمجهي، ان کي ان جو مڪمل حق ڏيڻ آهي. دنيا بيشڪ اسٽيج ناٽڪ آهي، اسين ڪردار آهيون. پر اهو ناٽڪ ناهيون، جيڪو اسان پڙهيو/لکيو ناهي. اُهو اسان ڇو ادا ڪيون؟ اسان کي اسان جي آزاديءَ/مرضيءَ سان جيئڻ جي جهد ڪرڻ گهرجي. فرد کي فرد جي غلاميءَ ۾ رهڻ جا ڏينهن ناهن ته روح کي به ماڻهوءَ جي بناوٽي قيد پٽي جي طلب ناهي. اچو ته پنهنجي روح جي ننڍين ننڍين خواهشن کي ساپيا ڪيون، ڪين آزادي سان جنم ڏينهن ملهائڻ ڏيون.

ننڍين ننڍين خواهشن کي ساپيا ڪرڻ جا جنم ڏينهن ملهائجڻ گهرجن. اسان جنهن نفسانفسيءَ جي واهيات وقت ۾ ساهه کڻندڙ آهيون، ان ۾ اهي بي پناهه مسرتن جون محفلون موجود ناهن. اُتي ننڍڙا ننڍڙا وٺندڙ لمحات آهن، جن ۾ زندگيءَ جو اصلي سبق لڪيل آهي. انسان جو جنم، اُن جي روئڻ/ڪينجهڻ کان شروع ٿيئي ٿو، لازمي ناهي ته اهو ماڻهو باقي حياتي به سُڏڪندي/ سسڪندي مري! اِهوڪيترو نه خوش آنند موقعو هوندو آهي، جڏهن لوڪ کي دوست ڪري، درد کي ٺهڪ ۾ بدلائجي ٿو. اُهو به دل سان –

اسان هاڻ اهڙي واهيات ڪلچر جي ور چڙهي ويا آهيون، جتي ڪنهن به دوست جي دلداري به ''فنڪاري'' نظر اچي ٿي. 'پيار' جي پويان به 'سيزر' وارو خنجر تا ڳوليون... شڪ ۽ يقين جي گهوماٽي ۾ جيئڻ جي پر سوز معنائون وڃائي چڪا آهيون! وڏي ڳالهه ته پاڻ کي وري ايترو معصوم ۽ پاڪ تا ظاهر ڪيون، ڄڻ اسان جي بدران زماني ۾ ٻيو ڪوئي زنده آهي! ڄڻ ٻيو ڪوئي ٻي ڪلاس ڪلچر کي هتي ڏيئي، اي ڪلاس ڪلچر لاءِ ٻماند ٿو ڪري! اسان جي ٻنهي هٿن کي ايترو شرم حيا به ناهي ته هڪ ئي جاءِ تي مُنَڍ ۽ ماني کائڻ لاءِ پاڻ کي الڳ الڳ مخصوص ڪن! جڏهن اسان جي حوصلي جي ايتري به اوقات ناهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اسان هڪ ڪنٽرولڊ سسٽم جي تبديلي ۽ انقلاب جي گام تي پنهنجي توانائي جي سيڙپ ڪرڻ لاءِ ذهني طرح جڏهن بہ تيار ٿيون ٿا تہ هينئن ڏڙَ مان ساهہ ست ئي نڪري ٿو وڃي! وري جڏهن جسم ۾ ٻلُ ميڙي ڪجهہ ڊيولپ ٿيون ٿا تہ ذهن ايترو تہ مفلوج ۽ مائوف ملي ٿو جو حيرت جي حد ئي ناهي...!

ظاهر آهي، اهڙي سماج ۾ اسان جهڙا نرچا ماڻهو نرچائي ناڪام رهندا.

ظاهري ٻهروپي ٺهڪُ، اُڌاري مرڪ، ڪوڪلو سَڏ، گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهندو آهي. ضروري آهي تہ ماڻهوءَ جي من ۾ هلڪي ئي، پر سچيري/ اصلي مرڪ هجي، اُها مونا ليزا جي مرڪ وانگر، صدين جي سور مٿان ڀاري هوندي. باقي ٺهڪ ڏيڻ، اجايو صدمو، جو واڌارو شڪار ٿيڻ آهي. توهان جي روح ڪي خبر آهي تہ اداسيءَ جي ڏانئڻ، توهان کي کائي رهي آهي، پر توهان آهيون جو مصلحتن زماني جي ڪلڻ جي خوف ڪان، چپن تي مصنوعي مرڪ جو اشتهار چبنڙائي، ڪنهن ٽي ويءَ تي ايندڙ ايڊورٽائيزمينٽ جي ريٽ لسٽ جهڙا بڻيا بيٺا آهيو! توهان چاهيو ٿا تہ ان جبر سان اوهان جي حساس روح ڪي، اجان بہ ڪيترو سوايو رنج پهچي ٿو۔ توهان جنهن روح ڪي، پنهنجو پاڻ ڪي، نٽا سچاٽو، توهان لفظ لفظ ۾ دعوئٰ ٿا ڪيو، پنهنجو پاڻ کي سچاٽڻ ۽ خوش رکڻ جي! اِها تہ شديد ناانصافي آهي.

والٽيئر چوي ٿو تہ "جنهن پنهنجي دشمن کي سچاٽي ورتو، اُن اڌ فتح حاصل ڪري ورتي" ۽ آءٌ پوري يقين سان چوان ٿو تہ اسان کي ڪنهن بہ دشمن جي ضرورت ناهي. اسين پاڻ ئي پنهنجا زبردست دشمن آهيون.

جن ادارن کي اسين پنهنجي ماءُ جهڙو هئڻ جون دعوائون ڪندا رهون ٿا عملي طور اُنهن جون ئي پاڙون ڪمزور ڪندا رهون ٿا. سچ جو ساٿ ڏيڻ بجاءِ "سنگت جي صلاح" تي سچائي جي خلاف اُٿي بيهون ٿا.

اسان جي ميڊيا وٽ ايترو ٽائيم ناهي هوندو جو حقيقتون پروڙڻ جي ڪوشش ڪري. اڪثر اخبارون ۽ چئنلس اهو سڀ ڪجهہ شايع ۽ نشر ڪري ڇڏيندا آهن جيڪو ڪين لڪيل ملندو آهي پر جنهن سماج ۾ حقيقتن کي توڙي مروڙي پيش ڪيو ويندو هُجي ۽ هر بااصول توڙي ايماندار ماڻهو لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ معمول بڻيل هُجي اُتي ميڊيا جون ذميواريون وڌي وڃن ٿيون. اسين ادارن جي تباهہ حاليءَ جون دانهون ڪندا رهون ٿا پر اهو سمجهڻ لاءِ تيار ناهيون تہ اها تباهي ڏارين نہ پر اسان پاڻ ڪئي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ سيني کان پوئتي ۽ "حق" حاصل ڪرڻ ۾ سيني کان اڳتي آهيون. اهڙي صورتحال جي ڪري ادارن جو جيڪو حال آهي اهو به سڄي دنيا جي سامهون آهي.

مسوليني چيو آهي ته "قدم کڻڻ کان پهريان سوچي وٺو ته رستو ڪيڏانهن تو وڃي." پر اسين ڪا به ڳالهه سوچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار ناهيون، جڏهن ماڻهوءَ جي سوچ ئي غلط هوندي ته اهو صحيح رستو ڪيئن اختيار ڪندو. عقلمند ڪو به ڪم ڪرڻ کان پهريان سوچيندو آهي، جڏهن ته بي عقل پوءِ سوچيندو آهي ۽ اسين هئي قسم جي ماڻهن ۾ شامل آهيون جن اُن ڳالهه جو قسم کڻي ڇڏيو آهي ته نه سوچبو ۽ نه ئي سچ جو ساٿ ڏبو.

ڪجهه ماڻهو حقيقتن کي سمجهڻ جي باوجود سچ سان گڏ بيهڻ لاءِ تيار ناهن، اصل ۾ انهن ماڻهن جو ايمان ڪمزور آهي، جنهن ڪري اهي نه سچ سان گڏ بيهي سگهندا آهن ۽ نه ئي ڪوڙ جي مخالفت ڪري سگهندا. اها تمام وڏي منافقت آهي ۽ منافق ٿيڻ کان مخالف ٿيڻ سؤ ڀيرا وڌيڪ صحيح آهي.

سچ جي نفي ڪندڙ رويا ۽ هر معاملي کي مفادپرستي جي تارازي ۾ تورڻ اسان جي سماج ۽ ادارن کي مرڻ ڪنديءَ تي پهچائي ڇڏيو آهي، ڪم چوري، ڪوڙ ۽ لالچ اسان جي اکين تي اهڙي پٽي ٻڌي ڇڏي آهي جو اسان کي ڪجهه به نظر نٿو اچي جنهن جو سنئون سڌو مطلب آهي ته اسين پاڻ ئي پنهنجن پاڙن کي کوکلو ڪري رهيا آهيون.

اسين حقيقت پسند ٿيڻ بجاءِ ڪوڙن مفروضن تي زندگي گذاريندا رهياسين ته اسان جي تباهي ته يقيني آهي پر اسان جا ايندڙ نسل به اڻ ڳڻيا عذابن کي ڀوڳيندا رهندا. اسين پنهنجي غلط عمل سان پنهنجن ايندڙ نسلن لاءِ ڪنڊا پوکي رهيا آهيون. منهنجو ايمان آهي ته آخري فتح سچائي جي ٿيڻي آهي، ڪوڙ جي ڪلهن تي چڙهي اسين ڪڏهن به منزل تي پهچي نه ٿا سگهون. نيڪ نيتي، ايمانداري ۽ اڻ ٿڪ محنت ئي اسان کي توڙي اسان جي ايندڙ نسلن کي بچائي سگهي ٿي. ڪوڙ، منافقت ۽ منفي رويا نظر نه ايندڙ دشمن آهن، جيڪي اڌوهي جيان رڳو اسان کي ئي نه پر اسان جي ادارن توڙي سموري سماج کي اندران اندران کوکلو ڪري رهيا آهن.

ايمانداري کان وڏي ڪا به طاقت ناهي، ڪوڙ وقتي طور پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهي ٿو پر اهو ايمانداري ۽ سچائيءَ جي جاءِ وٺي سگهي اهو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناممڪن آهي. ادارن، سماج ۽ پنهنجن ايندڙ نسلن ڪي بچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ حقيقت پسند ٿيون ۽ حق سچ جو ساٿ ڏيون. اچو تہ پاڻ ڪي پنهنجي ضمير آڏو جوابدار بڻائي اهو ئي ڪريون، جيڪو اصول ۽ ضمير مطابق هُجي.
(نامعلوم جون سٽون)

هڪ جوڪر ماڻهن کي هڪ ٽوڪ ٻڌايو تہ سڀئي ماڻهو کلي کلي ڪيرا ٿي پيا. هن وري ساڳيو جوڪ ٻيهر ٻڌايو تہ ڪجهہ ماڻهن مسڪرايو. هن وري ساڳيو جوڪ ٽيهر ٻڌايو تہ سڀئي ماڻهو خاموش ٿي ويٺا رهيا. ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کو بہ ٽهڪ نہ ڏنو .تڏهن ان جوڪر هڪ خوبصورت ڳالهہ ٻڌائي تہ ”جڏهن توهان ماڻهو هڪ خوشيءَ کي ڪٽي سدائين خوش نٿا رهي سگهو، تہ پوءِ توهان هڪ غم تي سدائين روئندا ڇو آهيو؟؟!! جڏهن تہ ڪا بہ شئي مستقل نہ آهي.“

خيام فرمائي ٿو: ”ٻي هڪ، ٻہ، ٽي ڏينهن عمر گذري ويئي، جنهن نديءَ ۾ پاڻي ۽ بيابان ۾ هوا مون کي بہ غم ياد نہ آيا، هڪ اهو ڏينهن جو نہ آيو آ، اهو ڏينهن جو گذري ويو.“

۽ فيض احمد فيض چوي ٿو:

وہ خواب جو ديکا نہ کبھي لي اُڑا نيندين،
وہ درد جو اُٹا نہ کبھي کھا گيا دل کو.

بقول شبير تہ: رويا درجہ بنديءَ جيان ٿيندا آهن. ماڻهو جڏهن واضح ٿي پوندو آهي، تڏهن سندس ڇتو ڪرداري رويو ساميءَ جي سلوڪن جهڙو ٿي پوندو آهي.

جبران چيو هو تہ الجبرا ان ڪري مون کي پسند ناهي جو آلجبرا ۾ 1 + 1 = 2 ٿيندا آهن ۽ آءٌ چاهيان ٿو تہ 1 + 1 = 1 هجي. جيئن ساجن هم تم ايک هين، ديکن مين هين دو.

هڪ دفعي گوتم ٻُڌ پنهنجي هڪ ڀڪشوءَ کان پڇيو تہ ”تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟“ ڀڪشوءَ وراڻيو تہ، ”اهي ڪي ست_ اٺ سال“. گوتم تعجب منجهان ڪانئس پڇيو تہ، تنهنجي عمر تہ لڳ ڀڳ سٺ ستر سال کن ٿيندي!“ ڀڪشوءَ ڌيرج سان وراڻيو تہ ”سائين مان جڏهن کان توهان سان گڏجي گذارڻ لڳو آهيان، ان کي اهي ڪي ست_اٺ سال مَس ٿيندا. لِهاذا مان پنهنجي شعوري عمر ڳڻيندس“.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي. ايس ايليٽ جهڙو ماڻهو شاعريءَ تي ڊگهو ليڪچر ڏيندي چئي ويهي ٿو: "I do Not know what is poetry"

ڪيرٿر جي هنج ۾ جڏهن سورج مُکي اُڀا سلامي ٿين ٿا ته سنڌ ۾ ٿيندڙ شاعريءَ ۾ ساهه پئجي وڃي ٿو. مان ۽ منهنجي پسند شاعريءَ جي آسپاس رهي ئي رهي آهي. اُها دنياوي فلسفن جي ويجهو به آهي ته ڪائنات ۾ موجود تمام نظرين جي پيچ ڊاهه ڪان پري بيٺل، پنهنجي خاڪي ۾ خاص قلندراڻي مزاج جا دائرا ناهي بيٺل آهي. شاعريءَ ۾ اهو سچ ڳالهائي سگهجي ٿو، جيڪو عام طور اوهان نثر ۾ شايد ڳالهائي سگهو! ليڪن اوهان شاعري کي سمجهائي نٿا سگهو. شعر سمجهڻ کان وڌيڪ اندر ۾ آهوتي پکيڙڻ لاءِ هوندو آهي. انهن چوند ڪيل سٽن ۾ به گهٽائي شعر جي ويجهو آهي . ان کي سندس ليول تي سمجهڻ جي شعوري ۽ لاشعوري ڪوشش مون اڳي به ڪئي هئي، ۽ هاڻ به ڪيان ٿو.

مان ٿورائتو آهيان، انهن سڀني پيارن ليکڪن جو، جن جون سٽون هتي نقل ڪري ڏنيون ويون آهن. مان ٿورائتو آهيان، پنهنجي سمورن محبوب دوستن جو.

**سعيد سومرو**
Cell: 0333-7523132



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• هُو چون ٿا: ’عورت گُل آهي.‘ ۽ مان پڇان ٿي ته ڪوئلا ميڙيندڙ مدارسڻ ڪان وٺي گونھہ ڍوئيندڙ ٻنگيا ٽيءَ تائين، گُلن جا گهٽا قسم آهن!؟ (امرتا پريتم)

• ساجن! اهو نہ سمجهہ تہ توکان وڇڙي مون کي ڪوئي چين آهي. ڏيئو تہ رات جو جلي ٿو پر جيءُ ڏينهن رات جلي پيو. (امير خسرو)

• رات بنا رات۔ راڻي دکي آهي ۽ چنڊ سواءِ رات دکي. توبنا ساجن آءُ ۽ درشن بنا اکيون دکي آهن. (امير خسرو جي، دوهي جو ترجمو)

• ليٽر باڪس ۾، اسان پنهنجون حسرتون وجهي ايندا آهيون، مگر پوسٽ مين ڏاڍو سست هوندو آهي. (آدرش)

• راجا جي طاقت لشڪر، عالم جو علم، ٻار جو روئڻ ۽ عورت جي سونهن، مشڪ، جنهن سان هوءَ ڪنهن کي بہ پنهنجي وس ۾ ڪري سگهي ٿي. (موپاسان)

• جتي بہ ڪي بہ محبت ڪرڻ وارا وينا آهن، اُهي سمجهندا آهن تہ ٻيا سڀ دنيا وارا انڌا آهن. (پشتو چوٽي)

• وڏي ٽيڻ جا وڏا ڏُک آهن، ننڍي تي سختيون گهٽ آهن. تارا سدائين امن ۾ هوندا آهن، گرهڻ چنڊ ۽ سج لاءِ هوندي آهي. (حڪيم بزر جهمر)

• چڻ تہ ايئن چوڻ لاءِ تہ: ’جي مون لاءِ مرين ٿو تہ ٻلي مري وڃ.‘ هوءَ ظالم ڇوڪري روز ٻنهہ منهنجي در اڳيان لنگهي وڃي. (جاپاني شعر)

• صبح جي وقت، پنهنجي وارن کي ڦٽي ڪا نہ ڏينديس. رات انهن وارن هيٺان، تنهنجي ٻانهن وهاڻي وانگي رکيل هئي. (جاپاني شعر)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• تاريخ ايتري ڪنور رهي آهي، جو ڪنهن ڪنهن وقت مون کي خيال ايندو آهي تہ اسان جي ڄمڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي؟ ۽ اسان جي موت جي اهميت ئي ڪهڙي آهي؟ شايد ئي دنيا جي ڪنهن ديس ايترا ڏک سَٺا آهن، جيترا اسان سَٺا آهن. (**شيخ اياز**)

• هُو بہ ويو ۽ هيءُ بہ ويو! جانان پنيان جيءُ بہ ويو ... او .. ويو! .... ويو! ... ويو! .... (**فارسي شعر جي سٽ**)

• اوهان منهنجي محبوبا کي، هڪ نظر ڏسو تہ ست ڏينهن خوابن سان پريل رهو. (**دوستو وسڪي**)

• توسان نہ ملڻ جو ڪارڻ، تو بنا رهي سگهڻ جي ننڍي ڪوشش آهي. (**عابد مظهر**)

• آئون تنهنجي اکڙين جي ڪنارن تي ويهي، خوابن جي باري ۾ ڪتاب لکڻ چاهيان ٿو. (**احمد فراز**)

• وڻ کي ڪهڙي خبر تہ آءُ هُن جي ڇانوَ ۾ ويٺو آهيان. (**رياضت برڙو**)

• منهنجي من ــ مندر ۾ ڪائي مورتي نہ آهي، پوءِ اهي ڏياٽيون ڪنهن لاءِ جلائيندو آهيان! ڪنهن وقت منهنجي آتما ڪنهن ديوداسيءَ وانگر نچندي آهي، ڪنهن لاءِ .....! ڪنهن لاءِ .....! (**شيخ اياز**)

• مان ديش وديش رُليو آهيان، پر ڪنهن کي بہ پنهنجي پسند موجب پائي نہ سگهيو آهيان. هن سنسار ۾ ڪوئي بہ پنهنجو نہ آهي. (**بنگالي گيت جون سٽون**)

• 'اهڙي ڪائي شئي ڏي، جنهن سان ساري سُڌ ٻُڌ هلي وڃي. ڇاڻ وڏي ڏائڻ آهي ۽ ڪيتري وقت کان منهنجي هيانوَ کي کائيندي رهي آهي.' (**شيخ اياز**)

• دشمن کي معاف ڪري ڇڏيو. پر خدا قسمان پاڻ اهو ڪاٿي بہ نہ پڙهيو آهي تہ دوست کي معاف ڪري ڇڏيو. (**نامعلوم**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ’تون پنهنجي محبت جي جذبي کي آزمائي ڏس ته تنهنجي اها محبت جنهن جي اثر هيٺ تون هيڏو وڏو قدم کڻي رهي آهين، ڪٿي نوجوانيءَ جي جذبات جي وقتي اٿل ته نا هي.‘ (آغا سليم جي ڪهاڻيءَ جا ڊائيلاگ)

• تنهنجي هٿن ۾ پنهنجا هٿ ڏسي، خدا تي يقين پختو ٿيو آهي. (سعيد سومرو)

• انهيءَ ڏک جي پيڙا جي قيمت نٿا گهرون ۽ عيوضي ۾ ڪنهن اجوري (شهرت) جي گهرج ناهي، نه ئي ڪلينڊر جي تصوير ۾ ٽنجڻو اٿئون. بس! جي اسان ڪان پوءِ اچن، ڪين ايترو ئي چئجو: ’هڪ زندگي، هڪ ڪلپنا، هڪ مورت گهڙيندا رهياسين، روشنيءَ جي لاءِ اونداهيءَ ۾ لڙندا رهياسين.‘ (نڪولاوا پتساروف ـ روسي ليکڪ)

• ڇا ڇا نه مليو! جڏهن تو سان ملياسين. هاڻي تنهنجي نه ملڻ جي شڪايت نه ڪنداسين ... (فيض احمد فيض)

• ڇهن تي اُڪريل تحريرون ڳالهائينديون آهن ۽ ماڻهن جي اندر جا راز ٻڌائينديون آهن. (جاپاني شعر جو ترجمو)

• عورت جي ’ها‘ ۽ ’نه‘ ۾، ايترو ته قرب ۽ سڪَ هوندي آهي، جو انهيءَ جي وچ ۾ سئي به سمائجي نه سگهندي آهي. (نامعلوم)

• ڌاڪوءَ کي يا ته توهان جي زندگيءَ جي ضرورت آهي يا دولت جي. پر عورت کي ٻنهي جي ضرورت هوندي آهي. (نامعلوم)

• خدا ڪان وڌيڪ ته ڪوئي به خوبصورت نه ٿي سگهندو، پر تون به گهٽ نه آهين! (شيخ اياز)

• تون ڪارا وار اڇا ڇو ٿي ڪرين؟ تنهنجا اڇا وار مون کي ياد ڏياريندا آهن ته اسان زندگي گڏ گذاري آهي. اهي ڪارا وار توکي اوپرو بڻائي ڇڏين ٿا. (شيخ اياز)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• سيسار (پاڻيءَ جي جانور) سهڻيءَ کي سير ۾ لڙهندو ڏسي، تڏو ساهه پري سوچيو، 'ڪهڙي بزدل جي ڪِد لڳي آهي!؟' (**شيخ اياز**)

• ڦڙو، سمنڊ ۾ ملي فنا ٿي وڃي ٿو ۽ آءٌ ڦڙي کي سمندر جو اڳواڻ ٺاهڻ چاهيان ٿو. (**علامه اقبال**)

• سوين ماڻهو گڏجي، هڪ منزل گاهه ٺاهي سگهن ٿا پر گهر ٺاهڻ لاءِ هڪ عورت ئي ڪافي آهي. (**چيني چوڻي**)

• دعا ته خبر ناهي ڪهڙي هئي؟ ذهن ۾ نٿي اچي. بس ايترو سو ياد آ: ٻه هٿ دعا لاءِ کڃيا هيا، جن ۾ هڪ منهنجو هيو ۽ هڪ هٿ تنهنجو هيو!
(**پروين شاڪر**)

• عورتن ۾ وڏو نقص، سندن ئي مردن وانگي رهڻ واري تمنا آهي.
(**شيڪسپيئر**)

• جي مون کان جهجهو سئو ملي وڃئي ماڻهو ته مون کي وساري ڇڏجانءِ - جي مون کان وڌيڪ خراب ڪو ملئي ته مون کي سارجانءِ.
(**روسي گيت جون سٽون**)

• آءٌ، جيستائين جيئرو آهيان، هوءَ منهنجي ڪِڇيءَ جي چوڏس رسي سان گڏ پٽر جيان ٻڌل هوندي. (**ليوتالستاءِ**)

• اهڙو ڪو نه ڏينهن ياد نه آهي، جنهن ڏينهن توکي ياد نه ڪيو وڃي.
(**آئزڪ بيشرز - سنگر**)

• فن - موت کي فتح ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. (**پيسٽر ناڪ**)

• ساجن کي وئي، اجان ٻه ڏينهن آهن ٿيا، پر اُهي ٻه ڏينهن پنجاهه سالن جهڙا ٿا لڳن. ڀُولي، پنڊت کان پُڇي ٿي، ته هڪ ڏينهن ۾ ڪيترا مهينا ٿيندا آهن؟ (**تلسي داس - دوهي جو ترجمو**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- يادگيري، اهڙي جنت آهي، جنهن مان ڪنهن کي بہ ڪڏهن نٿو سگهجي. (**جين پال رڪٽر**)

- اي منهنجا مولا! جڏهن انسان پيدا ٿو ٿئي تہ ان وقت آذان ٿي ڏني وڃي ۽ مري ٿو تہ نماز ٿي پڙهي وڃي. منهنجا پروردگار! آذان ۽ نماز جي وچ وارو وقفو ڪيترو آهي، جو انسان کان اُن جو حساب ڪتاب ٿو وٺين ....!؟
(**عزيز ميان قوال جي قوالي جي مصرع**)

- مون کي هر گهڙي توسان نئين سر تازو عشق ٿو ٿئي، خدا ڪري! هر پل توکي بہ بيو بيو حسن عطا ٿيندو هجي. (**عمر خيام**)

- تنهنجي واعدي تي زنده رهياسين. ان مان ثابت ٿيو تہ تون ڪوڙ ڳالهائي رهي هئينءَ. جيڪڏهن اهو يقين هجي ها تہ تون سچ پئي چوين تہ اسان خوشيءَ ۾ مري نہ وڃون هان. (**غالب**)

- ان تي خوش آهيان تہ شڪار جو شوق، تنهنجي دل مان نہ ويو آهي. جيتوڻيڪ تو مون کي هزار ڀيرا پنهنجي دام ۾ ڦاسايو آهي. (**پارسي شعر**)

- مان خزائن جو ليکڪ آهيان، بهارون ايندئون تہ مان مري ويندس.
(**امر جليل**)

- توتان شروع، توتي ختم، ٿيندو آ منهنجو هر نظم۔ تون خيال کان پري ٿي تہ ڪڏهن ڪجهہ آءُ بيو بہ لکان. (**دپتي نول**)

- ڪو بہ ڏاهو عاشق پنهنجي معشوق جي تعريف ايستائين نہ ڪندو آهي، جيستائين ان کي حاصل نہ ڪري. (**سقراط**)

- قتل گاهہ ۾ بيهي مون توکي ايئن ياد ڪيو جڻ پنهنجي جواني جا ساريان. (**روسي ڪوي ــ ’بلاڪ‘ جي نظم جو ٽڪرو**)

- قانون کي قلف ۽ ڪنجيءَ وانگي مضبوط هئڻ گهرجي. (**مئڪسم گورڪي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- رڳو ڪليندر ئي تہ بدليو آهي. زخم اُهي ئي ساڳيا آهن. (**آدرش**)

- چوڪريون شيشي جي چوڙين وانگي آهن. ٻانهن ۾ هجن تہ سونهن وڌائين. جي ٽٽي پون تہ ڪو بہ انهن جا ٽڪرا ميڙي، پاڻ کي زخمي نہ ٿو ڪري. (**نامعلوم**)

- ڊچان ٿو: ڪٿي هن دؤر جي ڏاهن تي سوچيندي سوچيندي مان چريو نہ ٿي پوان. (**نامعلوم**)

- دنيا ڪنهن سنهڙي چيلهہ مان تلوار جي پار وڃڻ کان بہ وڌيڪ نندي آهي. ۽ هڪ پيغمبر جي خيمي کان بہ وڌيڪ ڪشادي آهي. مان پنهنجي پنيان بہ ڪنهن کي نٿو ڏسان پنهنجي اڳيان بہ ڪنهن کي نٿو ڏسان. مان ميڙ ۾ اڪيلائي ٿو محسوس ڪيان. منهنجو ديس منهنجو پوبون لکيل نظم آهي. (**محمود درويش ـ فلسطين**)

- مون کي هڪ ڪڙڪي آهي، جنهن مان بسنت ايئن ترندو ايندو آهي، جيئن ڪائي ٻيڙي ڳاڙهي جهنڊي سان درياهہ ۾ ترندي آئي هجي. مون کي هڪ ڪُتڙو آهي، جنهن کي انسان جهڙيون اکيون آهن، مون کي هڪ نيرو نوٽ بڪ آهي ۽ ان ۾ آهن تيتيهہ خوبصورت چوڪرين جا نالا ..... پر مون کان اهو نہ وسرندو .... منهنجي دل ۾ لڙڪ آهن. (**سيفرت**)

- زندگيءَ ۾ هڪ دوست ملي تہ گهڻو آهي. بہ ملن تہ اجان بہ سنو. ٽي دوست .... پر ملي نتا سگهن. (**نامعلوم**)

- هڪ ڏينهن انڌي فقير مون کان خيرات گُهري.مون ان کي تنهنجي پيار جي لکيل کهاڻي ڏني تہ هن کهاڻي سان گڏ چار آنا منهنجي ترىءَ تي رکيا. (**اعجاز انژ**)

- منهنجون سکيون تنهنجو نانءُ پڇن ٿيون. (تون، جو منهنجي تخيل مان جڙيو آهين!) تنهنجو وجود آهي بہ يا آهي ئي نہ؟ تنهنجو ڪو نانءُ آهي يا نہ؟ اچ .... منهنجي شاعري کو نانءَ، ڪو وجود ڳولڻ لڳي آ. تون خواب آن يا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال آن؟ تون جو آهين سپهورن راڳ جيان نچاڻ. آهين يا آهين ٻه نه، يا منهنجو رڳو تخيل آن؟ (**ناهيد مغل**)

- چانڊوڪي رات منهنجو من سپني جي ساپيان يا ساپيان جو سپنو؟ اڄو پڪي اڏامي پيو اپ ۾، چوڏس مهڪي پيو موتيو، گجرا پائي ٻارڙي ڪي ارهه سان لائي اڱڻ ۾ ستي پئي آ. سجني منهنجي. ۽ مان لکي رهيو آهيان مسلسل هڪ دعا گهري رهيو آهيان، اي مالڪ! اهڙي ۾ ڪٿان بندوق جو فائر نه ٿئي. (**سليمان سولنگي**)

- آسمان کي ڪو در گهٽي ناهي. محبوبائن جي انڪار کان پوءِ بي پرواهن جا سينا ڇتن ڪتن لاءِ پناهه گاهون ٿيندا هن. سڀ فلسفا ڪهاڻيون، آئينا، شهر، معنائون، اکيون ناقابل برداشت بڪواس وانگي هن!
(**ستار رند ـ شيزوفرينا مان ٽڪر**)

- هوءَ مون لئه سپنن جا رومال پري ٿي ۽ هر سال مون کي منهنجي ڏينهن تي تحفي طور موڪلي ڏيندي آهي. هوءَ جڏهن ٻه ملندي آهي لفافي تي لڳل ٽڪلين جيان هر دفعي نئين لڳندي آهي ۽ آءٌ هن جو خط ٻڄي پاڻ کي پڙهندو آهيان اسان ٻنهي کي پيير آهن پر هلڻ جو رستو ڪونهي. اسان ٻئي 'وڏاچور' آهيون. بي خبر چور، اسان اهو نه سوچيو ئي ناهي، جيڪڏهن ياڳيا جاڳي پيا ته اسان جيڪي هلي به نٿا سگهون، اُهي ڊوڙي ڪيئن سگهنداسين؟
(**بخشڻ مهراڻوي**)

- تون چاهي ڪيتري به 'نفرت' جي 'عام موڪل' ڪرين، پر منهنجي پيار جو اسڪول ڪڏهن به بند نه ٿيندو. (**انور ڪاڪا**)

- ليبر اند انائن جي سند ڪاز سان ڪيل ريپ مان جنم ورتل حرامي ٻار جهڙي سياسي ڪلچر ۾ جوان ٿيل نسل، 'داس ڪيپٽال' کان پروسٽريڪا' تائين جمهوري آزادين کان نيو ورلڊ آرڊر تائين ۽ اڄ ۾ رهجي ويل چمين جا سمورا فلسفا پينگ ۾ ڏئي، پنهنجا اغوا ٿيل سپنا موٽائڻ چاهي ٿو. 'ڪنهن کان؟' اهو طئه ٿيڻ اڃان باقي آهي. (**اشوتاما**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• منهنجو من وڻ جو ڪِريل پن آهي، جنهن مٿان تنهنجي پيار جا ماڪ ڦڙا پيا آهن. منهنجو آرٽ گيلري آهي، جنهن ۾ تنهنجي وڇوڙي جون پينٽنگس لڳل آهن. (ارشاد شيخ)

• اڄ ڪله مون ٻيو سڀ ڪجھ وساري ڇڏيو آ. اگر ياد آهن ته صرف ٻه ڳالهيون _ هڪ ستارن جيان تنهنجون چمڪندڙ اکيون ۽ ٻيو پنهنجي هٿن ۾ الجهيل لڪيرن جي بدنصيبي. (سيما عباسي)

• ڪجھ ٻه چوڻ ۽ نه چوڻ جي وچ ۾ هڪ لمحي ڪان گهٽ مفاصلو آهي ۽ تو اُهو ورهين تائين ويڪرو ڪري ڇڏيو آهي• (آشا)

• آءٌ آهستي آهستي ڏسڻ، ٻُڌڻ، ڳالهائڻ، روئڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي سگھ وڃائيندو ٿو وڃان. شايد هي موت جو وزيٽنگ ڪارڊ آهي. (مصطفيٰ ارباب)

• منهنجو ٽيليفون انڊيڪس مان تنهنجو فون نمبر ڪٿجي ويو آهي. تنهنجو دور ديس وڃڻ ڪان پوءِ، منهنجون آڱريون بي چين آهن، تنهنجي فون نمبر جا انگ وياڪل لڳن ٿا. منهنجي آڱرين ۾ تنهنجي فون نمبر جي وچ ۾ صدين جو فاصلو پيدا ٿيو آهي. اڄ روح مان اوچتو اڌمو اٿيو ۽ مون رسيور ڪڻڻ بغير، تنهنجو نمبر ڊائل ڪري ڇڏيو• (قدير انصاري)

• لفظن جي جسم تان معنائن جا ڪپڙا هڪ هڪ ٿي لهي ويا. تنهنجو پيار بديءَ جي بي اعتبار بارش جيان اوچتو وسي پيو هو ۽ هاڻ آسمان صاف ٿي چڪو آهي ۽ ڪتان ڪنهن ڪند تان جي اجان ٻه ڪا وڄ وراڪا ڏئي ٿي ته اها منهنجي دل آهي. (مظهر لغاري)

• ترس پنهنجي شاديءَ لاءِ ڳاڙهو وڳو ۽ پرفيوم بازار مان نه گهرائجانءِ، جو ته منهنجي خون ۾ ٻئي خاصتيون موجود آهن. (دين محمد ڪلهوڙو)

• عورت بنيادي طرح ماءُ آهي ۽ هوءَ مرد ۾ هڪ ٻار ڪي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. (امر جليل)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• منهنجي گهر جا در کُليل آهن، ڪارن ماڻهن لاءِ، سهڻن ماڻهن لاءِ، هندن ۽ مسلمانن لاءِ، عيسائين ۽ يهودن لاءِ! سيني سان منهنجو هڪ رشتو آهي، ڇو جو مان طوائف آهيان. (**عارف شفيق**)

• اجان تائين آسمان مان، زمين تي ڪتاب لٿا آهن، آءٌ هن ڌرتيءَ جو شاعر آهيان، منهنجي خواهش آهي تہ هڪ ڪتاب زمين تان آسمان تي بہ لهي، تہ جيئن آسمان وارا ڄاڻي سگهن تہ قيامت ڪان پهريائين بہ زمين تي ڪيتريون قيامتون گذريون هن! (**عارف شفيق**)

• ڪنهن بہ انسان رڳو هڪ ماڻهو سان عشق نہ ڪيو هوندو! مون بہ ڪيئي عشق ڪيا، منهنجا سڀ عشق سچا هيا، مون جن بہ عشق پئي ڪيو، سي بہ سچا هيا. پر سڀ وڇڙي ويا. ڇو تہ انهن ڪي بہ رڳو مون سان ئي عشق ڪونہ هيو . (**عارف شفيق**)

• پنهنجي جسم جو گوشت ڪٽي، مان بکايل ڪُتن کي کارائي رهيو هان. مون کي خبر آهي تہ مان مري ويس تہ ماڻهو منهنجو جسم کي بيڪار ڄاڻي، مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندا. (**عارف شفيق**)

• هن دنيا جي ڊرائنگ ڪندي مون ڪيترا تہ سندر رنگ سجايا پر سڀ رنگ ملي ڪري بس هڪ رنگ نهي پيو. .... سفيد رنگ .... (**پريمڪا**)

• پيار بنا سونهن ۾ ڪيڏي سادگي آهي؟ منهنجي بند اکين جي ڇپرن ۾ درد تڙپي رهيو آهي. لائبريري مان ڪروڙين لفظ ڪپيل آڱرين جي ماتم ۾ شريڪ ٿيڻ ويا آهن! (**پروين شاڪر**)

• تہ تون اڄي موتي نہ وڃين يا آئون توڏي نہ هليو اڃان. انهيءَ ڀڏتر ۾ مون رات در کي ڪلف بہ نہ ڏنو. (**جاپاني شعر**)

• ٿوري دير بعد مري ويندس. آخري نشاني جيڪا هن دنيا مان کڻڻ چاهيان ٿي، جنهن ڪارڻ سڪي رهي آهيان، سو تنهنجو ديدار آهي• (**غرومي شيڪبو**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• پاري جهڙي سرد راتين جو، جڏهن ماڻهو گرم ڪپڙن ۾ جسم ويڙهي سيءَ کان ڏڪندا آهن، آءُ پنهنجي خاندان جي غربت ڪري، برفيلي هوائن سان جنگ ڪندي هان ..... مان هڪڙي نائيٽ ڪلب ۾ سڄي رات اگهاڙو ناچ ڪندي هان. (**اردو شاعر ـــ عارف شفيق**)

• اهي شهر جي ٿڌن ۽ گرم رستن تي دوستن سان ڏکيون هم سفريون، اهي شام جو هوٽل تي اسان جون فضول ڪچهريون، اهي شوخين جي شرارتن جون لطيف ڪهاڻيون، اهو ڪاوڙ کي چانهه جي ڍڪ ڍڪ سان پيئڻ، اُهي سگريٽ جي دونهيءَ کي هڪ ٻئي جي چهري تي ڇڏڻ .... نه ڄاڻ اها معصوميت ڪيڏانهن هلي وئي . ڪيڏانهن هلي وئي.!؟ (**خالد ياسر اقبال**)

• ڇوڪرا ڪلهه ۽ مشڪريءَ ۾ ڏيڍرن کي پٺتي هٽي رهيا آهن، پر ڏيڍر ته سنجيدگيءَ سان مري رهيا آهن. (**ايرڪ فرائڊ ـ جرمن**)

• وڏي چالاڪيءَ سان هُو شرير مون ڏانهن آيو ۽ منهنجي هنج مان ٻار کڻڻ جي بهاني، منهنجي ڇاتين کي ڇهي ويو. (**بهاري لال**)

• مينهن ۾ ڀڃي ويل ڪبوتري، ڊپ ۾ ورتل ڇوڪري ۽ تڪل عورت، ڏاڍي سهڻي لڳندي آهي. (**محمد منون محمد ـــ عراقي**)

• مان سڄو ڏهاڙو، آرسي ڪٽي ويٺي آهيان، پنهنجا چپ ڪوليان ٿي، ڇهان ٿي ۽ لڪايان ٿي، ڇو جو منهنجي ساجن، سڄي رات انهن کي ڇهيو آ. (**بهاري لال.**)

• ٻيهه، رڳو ڏينهن ٿئي ته ان حرامي ڪڪڙ کي گهٽو ڏئي، ليٽڙائي ٿي ماريانس! جنهن جي ساجهر ٻانگ ڏيڻ ڪري منهنجو يار جلدي هليو ويو. (**نامعلوم**)

• اسان جي ٻاچولن سان چانڊوڪي بحث ڪري ٿي. هُو هن ئي شهر ۾ آهي، پر اسان جي دنيا کان دور آهي. (**جاپاني شعر**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جيڪر خبر هجي ها تہ ٻڍاپو ايندو تہ در بند ڪري، اندران نياپو ڪريانس ها تہ گھر جو مالڪ اجان نہ موٽيو آ، وڃ ۽ وڃي ٻئي ڪنهنجو جيئڻ حرام ڪر. (**نامعلوم**)

• هڪڙيءَ اڪيلي ماڪوڙيءَ گلن جهڙي سهٽي چوڪريءَ کي اگھاڙو ڪري ڇڏيو. (**جاپاني هائيڪو**)

• مان انهيءَ ساراهہ جو مستحق ناهيان، سچ پچ! منهنجا دوست! منهنجو جيءُ جلڻ لڳي ٿو، جڏهن تون منهنجي سچائيءَ جي تعريف ڪرين ٿو. مان انسان وانگر رهان ٿو نہ ڪي چيتي جيان. منهنجي ستم زده دل ۾ خوف جو آستان آهي ، اعتبار ڪر مان خوفزده آهيان، پر مون کي موت کان وڌيڪ خود فريبيءَ ۽ ذلت جي زندگيءَ کان خوف ٿئي ٿو. (**هنگري جو شاعر ـ زولنن زيلڪ**)

• بي بي مريم يسوع سان ڳالهائي رهي آهي: ’تون منهنجو پٽ آهين يا خدا آهين؟ صليب تي توتي ڪوڪا ڪوڙيا ويا آهن! جتان منهنجو گھر ڏانهن رستو آهي، ڇا مان پنهنجي شاهي در مان لنگھي سگھان ٿي؟ جيستائين مان ڪائي ڳالهہ سمجھي نہ سگھان تہ تون مري ويو آهيان يا جيئرو آهين؟‘ يسوع ان تي هُن کي موٽ ڏني: ’مئل يا جيئرو؟ اي عورت! مڙئي ڳالهہ ساڳئي آهي. پٽ يا خدا .... مان تنهنجو آهيان ...!‘ (**آمريڪي شاعر ـ براڊسڪي**)

• تنهنجون اکيون ڪنول - پتين وانگي آهن، تنهنجو مُک ڪنول جهڙو آهي. تنهنجا چپ ڪچا ڪونپل آهن ۽ تنهنجا رنگ چمپڪ جي پنن وانگر آهن. ٻُڌاءِ مون کي پريمڪا! اپائـٺهار توکي پٽر جو هانءُ ڇو ڏنو آهي؟ (**ڪاليداس**)

• تون منهنجا چپ منهنجا اِڇا (مرضي) کان سواءِ ڇو ٿو ڇهين؟ نرلجا! ايئن لج جو مکر (مڪرُ) ڇو ٿو ڪرين...؟ هٽُ ... ڇڏ ...! منهنجي گھگھي جو پاند کي ڇڏ ...! اهي سؤڳند (قسم) ڪٽي مون کي پنيلائي ڇو رهيو آهين؟ مان تنهنجو اوجاڳيل انتظار ڪڏي تڪجي پئي آهيان. موٽي وڃ ...! انهيءَ ڏانهن، جنهن سان ريڌل هئين! ماڪيءَ جون مکيون اُهي قول ڇا ڪنديون، جي ڦٽا ڪيا ويا هجن..‘ (**ڪاليداس**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڪامٽي پاڻ کي چنبڙ جي ڪرڻن ڪان، جهنگ جي وڻن ۾ ڇپائي ٿي ۽ پنهنجو گهگهو مٿي ڪري ٿي، جنهن ۾ سنڌس ارهه ڏڪيل آهن. (**پرتري هري**)

• تون اسان ڪان ڏاڍو ڏور پڇين ٿو، هرڻن جي ڪرت سکيو آهين. هوننئن بہ سهڻين اکين وارين جي پيچ ڊڪ عادت هوندي آهي. (**نامعلوم**)

• پن پن، ٻوٽو ٻوٽو اسان جو حالُ ڄاڻي ٿو، نٽو ڄاڻي تہ گل (محبوب) ئي نٽو ڄاڻي، باغ تہ سارو ڄاڻي ٿو• (**مير تقي مير جي شعر جو ترجمو**)

• آهستي ڳالهاءِ ...! منهنجو ساجن، منهنجي من ۾ آهي، متان اهو ٻڌي نہ وٺي. (**امارو**)

• مون چوواٽي تي بيهي، هُن جي دلڪش اکين تي هڪ نظم لکيو هو. رات جو هُن کي ٻئي جي ٻر ۾ ڏسي سنڌس بي وفائيءَ تي ٻيو نظم لکي، پهريون ڦاڙي ڇڏيو . . . (**ڪنول**)

• اي منهنجا محبوب! جيڪڏهن توکي ملٽو آهي تہ فقير ٿي اچ. فقيرن جا رستا ڪنهن روڪيا آهن• (**پشتو ٽپو**)

• جڏهن ڪان هُن ٻہ چوٽيون ڪرڻ شروع ڪيون آهن، ڳوٺ وارن جون ڳالهيون تہ ٻُڌ. (**جاپاني هائيڪو**)

• سرد ملڪن جي پڪين جهڙي حسين ڇوڪري! منهنجون ڏهه ئي آڱريون ميڻ بتين وانگر ٻرن، پوءِ بہ تنهنجي روح جون سڀ ڳليون سنسان ڇو؟ (**حسن درس**•)

• مان هڪ اڌ ٺهڪ ڏيان ٿو، تنهنجي پاڪر ۾ ويٺل شخص ڳڙڪائي وڃي ٿو. (**امتياز ابڙو**)

• سڀ دريافت ٿيل تشبيهون، ٻين شاعرن وٽ ٻرغمال آهن. تون مون کي سياري ۾ سٺي لڳندي آهين، ڇانهه پيئندي ۽ ڪرسي تي لڏندي. (ارشاد ڪاظمي)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• بي گهر هوائن جيان پٽڪندي، منهنجي سوچ جڏهن توسان ڇهڻي پوي ٿي تہ تون بي خبر پنهنجي دنيا ۾ مگن، ان احساس کان ڪيڏو دور رهين ٿي! (ملڪہ)

• تون تہ ڇا، تنهنجا وهم بہ نٽا وسرن. درد ايڏو ڏنو اٿئي جو روئي بہ نٿو سگهجي ۽ کلي بہ نٿو سگهجي. لڙڪ تہ رڳو نيڻن جو پاڻي آهن، تنهنجي ڏک جي ترجماني تہ نٽا ڪن. هاڻ جڏهن بہ مان ڪنهن جي تڏي تي ويندس، مون لاءِ اهو تڏو تنهنجو هوندو. (فيض الله پيرزادو)

• 'هاڻ انهن (ٽانڊن) کي تہ نہ وساءِ، ٻاهر ڏاڍي سردي ٿي پئي ....
(اشفاق احمد جي ڊراما ڪهاڻي 'آپا' ۾ روئنڊز پريمڪا کي چيل آخري ڊائلاگ.)

• هتي ڪنهن کي بہ هن جي خواهش مطابق ڪجهہ بہ نہ مليو آهي. ڪنهن کي اسان ناهيون مليا ۽ اسان کي تون ناهين مليو. (اردو شعر)

• ڪو بہ سئو دماغ، ٻار ڇٽي، ماني پچائي، زور ڏيندي .... مرڻ نہ چاهيندو. مان بہ نٿي چاهيان.

• ڏاڍي اوندهہ آهي، امان! ڪا روشني ٻار، منهنجو ساجن ايندي ڪٿي ٿاٻڙجي نہ پوي. (س . س .)

• هوءَ ڇوڪري اهڙي غلط اسٽيشن هئي، جنهن تي لهڻ کان پوءِ ويراني کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ مليو. (س ـ س)

• ڄامشوري جي هوائن جهڙي زندگي ۾، جيڪب آباد جي گرمي جهڙا دردَ ٿاڪي، هوءَ مون کي صلاح ڏيندي آهي تہ زندگي خوش ۽ مرڪي گهار. (واحد پارس هيسباڻي)

• اُها مرڪَ، ڪيڏي نہ حسين هوندي، جنهن سان اکين ۾ لڙڪ هوندا. (اڪبر سومرو ـ ڪيسو ڦل)

• پن ڇڻ جي موسم ۾ توتي ڪهڙي ڳل جي ماڪ وسي ٿي؟ (پروين شاڪر)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• نوڪري نٿي ملي، جمهوريت بہ نٿي اچي ... ان ڪري توسان پيار ڪرڻ تي دل ئي نٿي ڪري. (**فيض الله پيرزادو**)

• هُنن ڪي ڪير چوي!؟ باغي ٿيڻ بداخلاقي ناهي. ميڪ اپ هڪڙي محل ٿيندو آهي، ڪپڙو ڪجھ ڏينهن هلندو آهي، پر سهڻو ماٺهو ڏاڍو پيارو لڳندو آهي، روز نئون لڳندو آهي. هُنن ڪي ڪير چوي!؟ زندگي پرينءَ سان پنڌ گھمڻ ۾ آهي، ڪار هارُن هٽندي آهي، هُن جيان ٿهڪ ڏيندي ناهي.
(**فيض الله پيرزادو**)

• توکي وري ڏسڻ ائين هوندو، جيئن ڪنهن انڌي کي وري اکيون ملن• (**پال پانس ـــ آمريڪا**)

• چاهتن جي مند ۾، زخم جيڪو بہ لڳندو، عمر ڀر ناهي ڇٽندو. تو ٻُڌي ورتو هوندو ، شهر جي هوائن کان، اُهو جيڪو ديوانو، ايندڙ ويندڙ مسافر سان تنهنجو ذڪر ڪندو هو، هاڻي سو ڪٿي بہ نٿو ملي. (**فرحت عباس شاهہ**)

• منهنجا دوست مون لئہ آڪسيجن مثل آهن. هنن جي ٻل تي جيون جا ساھ ڪٽان ٿو. اهي جيڪس مو ن کان ڇڇي وڃن تہ هوند سيڪنڊ بہ جيئرو رهي نہ سگھان. (**واحد پارس هيسباڻي**)

• پلا ازل کان ئي جن قسمتن ۾، محبت جي بنواس ۾ پکشوءَ جيان بن بن ۾ ڀٽڪڻ لکيل هجي، اهي ڪٿ تا هڪ هنڌ گوتمہ وانگي گيان ۾ گھارين! شايد آءُ بہ ڪو پکشو آهيان ۽ مون کي بہ بن بن ۾ ڀٽڪڻو آهي.
(**خير النساءِ جعفري ـــ ڪهاڻي 'حويليءَ کان هاسٽل تائين'**)

• مان اهڙي اسڪول ۾ نہ پڙهندس، جتي نصاب محبت جو پڙهجي پر امتحان هجر جو ڏيڻو پوي. (**بيدل مسرور ـ سنڌي ٽپو**)

• ربيع ۽ خريف جي فصلن بابت هاريءَ کان پڇ ـــ مان تہ اڃان ٻوٽي مان ڪپھ نڪرڻ جي حيرت ۾ آهيان. (**بيدل مسرور**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• مان اياڳڻ تہ ترڻ بہ نتي چاڻان، سهڻي الئہ ڪيئن ميهر سان ملڻ ويندي هئي. (**بيدل مسرور**)

• مون کي ماريو، قتل ڪريو يا سنگسار ڪريو، ’ڪاري‘ ٿيڻ جي خوف کان منهنجي ساجن مون کي ’پيڻ‘ سڏيو آهي! (**بيدل مسرور**)

• آءٌ ڪنهن بہ جنگ ۾، ڪنهن جي پر نہ ٿيندس. نيڪ آهي، مون کي پلي چوڙيون پارائي ڇڏيو. (**بيدل مسرور**)

• هُن جدائيءَ جا گل، صبر جي ڪپڙي ۾ ويڙهي موڪليا. آءٌ اُهو عاشق ناهيان جو سڀ ڪجهہ سنڀالي رکان. (**بيدل مسرور**)

• مون کي پيشانيءَ تي چمي ڏي ، مون تي جنن جو پاڇو ناهي امان! (**بيدل مسرور**)

• خوابن تي بہ پابندي جو ڪو قانون هجڻ گهرجي، بي حياءُ الئہ ڪٿي ڪٿي ٿا رسن. (**بيدل مسرور**)

• ماڻهو جو شاعر هجڻ وڏي ڳالهہ ناهي، وڏي ڳالهہ شاعر جو ماڻهو هجڻ آهي•

• اڪيون تہ پينو فقير آهن سهڻا! سدائين ديدار جي ئي صدا ڪنديون آهن. (**بيدل مسرور**)

• عشق اهو ناهي جو ڳاڙهن چپن جون چميون ڦلن. جيئن ماڻهو لاءِ ڦٽن ۾ پاڪرن جو پرم کي زندگي ملي! عشق اهو آهي جو آڪاش تي ستارن هوندي بہ چنڊ اڪيلو لڳي. هوا پي ڪنهن جي ساڙهيءَ جي سر سرَ جو گمان ڏياري. ستارا نيري پاٽيءَ ۾ ڪنول لڳن. (**ايوب کوسو**)

• <u>ڇوڪريون</u>: ڇوڪريون ڪلن ٿيون، ڇوڪريون روئن ٿيون. ڇوڪريون جاڳن پيون، ڇوڪريون سمهن پيون. ڇوڪريون شادي پيون ڪن ۽ پيءُ جي قيد مان نڪري مڙس جي قيد ۾ پيون وڃن. (**مصطفيٰ ارباب**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جڏهن کان تنهنجا ڪوڙا لڙڪ ڏٺا اٿم، تڏهن کان پنهنجن سچن ڳوڙهن تان اعتبار ڪجي ويو آهي. (**ساپيا سانگي**)

• اها ڇوڪري، جيڪا توکي وڻندي هئي، ان جيمحبت کي ڳول. اها تنهنجي آس پاس ئي اڏامندي هوندي. ان کي پنهنجي قابو ۾ ڪر. اهو موقعو ٻيهر ڪونہ ملندو. ان کي ضايع نہ ڪر. جلدي ڪر. ائين نہ ٿي جو منظر نامي ۾ ڪوئي ٻيو اچي وڃي. 'رقيب' پنهنجي نادانين جي ڪري پيدا ٿيندا آهن. (**مصطفيٰ ارباب**)

• تون اهو بہ تہ چاهين ٿي، تہ پهرين جنوري تنهنجي وجود جي انڪشاف سان گڏ، منهنجي خوابن جي تتي ويل تاج محل جو سوڳوار ڏينهن بہ آهي. (**نياض چند ڪليري**)

• مون چمڻ ٿي چاهيو ـــ منهنجي سامهون يار جا ڳل ، محبوب جا هٿ، زاهد جي پيشاني ۽ پورهيت جا هٿ هئا. [مون کي صرف هڪ چمي ڏيڻي هئي.]مون فيصلہ ڪن نظر سيني تي وڌي ۽ پورهيت جي ٻنهي هٿن کي مقدس ڪتاب جيئن ڪولي، مٿس پنهنجون اکيون ۽ چپ رکي ڇڏيا • (آسي زميني)

• ڏنڊ جا پڪي ڪکڙيءَ پر بہ هجن، ڏونڊ جي پکين ڪان چڱا ٿيندا هن. (**شيخ اياز**)

• 'روجهہ' واريءَ تي پنهنجو پاڇو ڏسي سوچيو: هي ڪير آهي جو مون وانگي ڊوڙي رهيو آهي؟ چا، هن کي بہ مون وانگر اُڃ لڳي آهي!؟ (**ٽڪرا ٽٽل صليب جا ـ شيخ اياز**)

• اي خدا! قطري کي بحر بي ڪنار ۾ ملي، جا خوشي حاصل ٿئي ٿي، اها مون کي نہ گهرجي. (**ٽڪرا ٽٽل صليب جا ـ شيخ اياز**)

• زندگي جيل آهي، اسان سڀ عمر جا قيدي آهيون ۽ پنهنجي پنهنجي سزا ڪاٽي رهيا آهيون. (**بختاور جام**)

• رانديڪن جو مقدر وڏ ۾ وڏ ٽــٽڻ ئي هوندو آهي• (**سارا شگفتہ**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• منهنجي هر چڱائيءَ ۽ برائيءَ کان واقف، اي منهنجا دوست! تون منهنجو ڪيڏو نہ خطرناڪ دشمن ثابت ٿي سگهين ٿو! (**ميتا جي رچ ۾ ـ آسي زميني**)

• جيءَ ۾ آيو تہ شمعدان ۾ پنهنجي شاعري رکان تہ سوين شمعون ٻري پونديون. (**ٽڪرا ٽٽل صليب جا ـ شيخ اياز**)

• منهنجا رب! انهن کان پناهہ ڏي، جي انسان دوستيءَ جي پرچار ڪن ٿا ۽ دوستيءَ ۾ دغا ڪن ٿا. (**ٽڪرا ٽٽل صليب جا ـ شيخ اياز**)

• اُها ڪير هئي؟ جنهن لاءِ ٻٽائي چيو هو [ سڄڻ ستا ولهہ ۾، چوٽا ٻري ڪپور] ڪير هئي ....؟ ڪير....؟ (**ٽڪرا ٽٽل صليب جا ـ شيخ اياز**)

• توکان سواءِ زندگي گهارڻ جو خيال، ٿر جي ڪوسي واريءَ ۾ پاڻ کي جيئري پُوري ڇڏڻ مثل آهي. (**ساگر مشتاق ٿانوري**)

• وڇوڙي مهل شاعر پنهنجي محبوبا کي چيو: 'هاڻ اسان مطلع جي اڻ ٺهڪندڙ ۽ بي وزن قافين وانگر آهيون!' (**زبير سومرو**)

• مُور پنهنجا پير ڏسي روئندو آهي، آءٌ پنهنجا انسان ڏسي روئندي آهيان. (**سارا شگفتہ**)

• ڏک ان ڳالهہ جو ناهي تہ تو وساري ڇڏيو آهي. ڏک رڳو اهو آهي تہ ڇا مان وساري ڇڏڻ جهڙي هيس؟ (**سنجها سرواڻ**)

• توسان ملڻ لاءِ، پاڻ کان وڇوڙو نہ ٿيو. (**بدر النساء سيد**)

• اسان جي تولاءِ اڪير بہ مارئي جي اُڪير جهڙي آهي. پر فرق صرف اهو آهي تہ هاڻ هتي ڪوبہ شاهہ ڀٽائي موجود ناهي. (**امداد گوپانگ**)

• انهيءَ ڀوَ کان توکي بي آواز چمي ڏيڻ لاءِ مجبور آهيان جو چميءَ جو آواز ٻُڌڻ کان پوءِ توکي، مون کي سنگسار ڪيو ويندو. (**قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ ـ نور الهديٰ شاهہ**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• هر ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي هوءَ مون کان پڇندي آهي: تو امان بغاوت ڇو ڪانہ ڪئي؟ ’ چوندي آهيانس: ’ان ڪري جو منهنجي ماءُ منهنجي پيرن هيٺان شڪست جو ٻج ڇٽي ڇڏيو هو. مان تنهنجي پيرن هيٺان بغاوت ٿي پوکيان.‘ (**قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ - نور الهديٰ شاهہ**)

• اوهاسي بہ عجيب شئي آهي! جو محبوبا ڏي تہ ادا آهي، جي زال ڏي تہ عذاب آهي. (**حليم بروهي**)

• رات جو پڙهيل رومانسي ڪتابن جي حسين منظرن مان نڪري، جڏهن زندگيءَ جي تلخ صبحن سان منهن ڏيٺو ٿو پوي تہ سچ پچ روئڻ ٿو اچي.

• منهنجي قميص جا ڪيسا، سدائين تنهنجن ڳوڙهن سان پريل هوندا آهن. خالي ٿين تہ نوٽن سان پريان. (**ملڪ نديم**)

• ڊاتسڪن جيڏو نڪ، ۽ اڇن بادلن جي ڏاڙهي، چوماسي وانگر سجدا، ساڳيو ماڻهو دهشت گردي بہ ڪري ٿو. (**عزيز قاسماڻي**)

• اسان ڪيترا بہ غير اهم ڇو نہ هجون، ڪٿي نہ ڪٿي، ڪير نہ ڪير، اسان جي ڪمي محسوس ڪندو آهي. (**امير بخاري**)

• چوڙيون تہ هونديون ئي پڇڻ لاءِ آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن انهن سان دليون بہ جڙيل هونديون آهن، جيڪي پڻ ٽٽي پونديون آهن. (**امير بخاري**)

• خوبصورت ماڻهن جا مقدر ايترا بدصورت ڇو هوندا آهن؟ ۽ جن ماڻهن کي جيئڻ ۽ کلڻ جي گهٽي، تمنا هوندي آهي، اُهي رُلي ۽ اُجڙي ڇو ويندا آهن؟ (**امير بخاري**)

• توکان وڇڙي، ڪنهن ناچڻيءَ جي ڇڳل پازيب جيان ٿو لڳان.
(**سائل پيرزادو**)

• برف ۽ موت گهنٽي وڄائي ڪونہ ايندا آهن. (**نرمل ورما**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- شاهي تخت هجي يا غربت، خوشي هجي يا غم، موت اچي سچو قصو ختم ڪري ڇڏي ٿو.

- هر مذهب جو بنياد خالص محبت آهي.

- تاريخ ۾ ڪوبہ اهڙو دؤر ناهي آيو، جڏهن ويچاري ماڻهوءَ مٿان ڪا قيامت نہ گذري هجي. (**آگ ڪا دريا ـ قرة العين حيدر**)

- <u>ڪٿي رهندو آهين؟</u>

آسمان جي هيٺان ۽ زمين جي مٿان، هڪ سنو شاعر هر جاءِ تي ۽ هر زماني ۾ هوندو آهي. هن جو ڪبوتر آسمان تي پهچي ستارو بڻجي ويندو آهي. اسان سڀ تولاءِ هتن سان ڇانوَ ڪنداسون. حق سچ واري ماڻهوءَ کي چريو چيو ويندو آهي. مذهب اسان وٽ وڏو ڏنڊو بڻجي چڪو آهي. هر وڻ، هر ندي، هر گل ۽ هر پن ڌرتيءَ جي استيتمينٽ آهي. جتي گل هوندو، اُتي ٻَريون بہ هونديون. مينهن جي چال ۽ ايشيا جي زندگيءَ جي رفتار ساڳئي آهي. نالو، عزت جو پاسپورٽ آهي. (**گردش رنگ چمن ـ قرة العين حيدر**)

- ڪائنات ۾، فقط هڪ ئي اهڙو سودو آهي، جنهن ۾، ڪڏهين بہ ۽ ڪنهن بہ قسم جي گهاٽي جو اُلڪو ناهي. ها، تو ڪڏهين مرڪن جي مٿا سٽا ڪئي آهي؟ (**آسي زميني**)

- هُو پنهنجو هوندي بہ ٻين جو رهيو. ڏاڍو يار فاصلو رهيو. تنهنجي خيالن جي رش ۾، هو بازار ۾ اڪيلو رهيو. هو پنهنجي عمر بي حساب، زندگيءَ کان گهرندو رهيو. هُن کي پائڻ جي آس ۾ پاڻ وڃائيندو رهيو. (**رزاق ڪتي**)

- اگر منهنجو پاڇو، منهنجو پيڇو ڇڏي ڏي ها تہ آءٌ ڪڏوڪ فرار ٿي وڃان ها (**فراق هاليپوٽو**)

- قربان وڃان ان نصيحت ڪندڙ تان، جيڪو ٻڪئي کي ٻڪ برداشت ڪرڻ جون نصيحتون ڪندو آ. (**خليل جبران**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• مون دنيا ۾ اهڙو چريو نہ ڏٺو آهي، جنهن جو رت منهنجي رڳن ۾ نہ ٻوڙندو هجي. (**خليل جبران**)

• مون هڪ تري ڇوڪريءَ ڏانهن، خط ۾ بارش ۾ پوسٽ ڪري ڇڏي آهي. خط پڙهندي ئي هوءَ سرسبز ٿي ويندي. (**آصف جمالي**)

• عورت تہ عورت آهي، مون کي اهو شوق ڇو آهي تہ هوءَ هر روز 'ڪليو پيٽرا' وانگر هڪ نئين عورت لڳي! (**شيخ اياز**)

• اسان چاهيون ٿا تہ اسان ضرور هجون، انهيءَ اسرار مان ايري اچون. اڻ تر هجون، ازل کان وٺي مقدر جو تسلسل هجون. (**جيڪس موناد**)

• ڪنهن چيو تہ 'تنهنجا دوست توتي ڪاوڙيا آهن.' مون ورائيو، 'هو ڪاوڙيا تہ پنهنجي غلطيءَ تي آهن. رڳو مان ان جي نشاندهي ڪيان ٿو تہ هو مون تي ڪاوڙ ڇنڊن ٿا.' (**شيخ اياز**)

• 'ٻاٻيهي' کي ڇو ٿو مارين؟ جي ٻاٻيهي مري وئي تہ ساوڻ ڇالاءِ وسندو؟ (**شيخ اياز**)

• روحل! ڪنڊڙيءَ جون سڀ ڪنڊون جاچي ڏس! متان ڪٿي آءٌ بہ ملي وڃان. (**ش ـ ا**)

• هُن جو روح آواره ۽ تقدير ڪربلا جهڙي آهي. ويندي ويندي مون کان منهنجون اکيون کٽي ويو آهي، ڇٽي ويو آ تہ ملڪ ۾ لوڊ شيڊنگ گهٽي آهي. رستي ۾ روشني جي ضرورت آهي. چريي کي ڪير سمجهائي تہ سج کي لڪائڻ وارن هاڻ ذينهن ۾ لالٽين کڻڻ شروع ڪئي آهي. (**رزاق ڪنبي**)

• تنهنجي نيڻ نهارن ۾، شام سمي جا عڪس، سرمي جو ڏيک، ڪيڏي پياري لڳندي آهين تون ـ هر منظر تي گيت چوڻ لاءِ، لفظ ۽ آءٌ ٻيوس هوندا آهيون. (**مانڪ ملاح**)

• دنيا هڪ شاعر جو ڏکَ سان ڀريل ناٽڪ آهي. (**اناطول فرانس**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



"گيتو....؟"
"جيءُ مس!"
"موت چا چيو پيي!؟"
"مس، مون کان ڳالهه ئي
وسري وئي!
مون اهو ڳڻيو پيي...
ڪوئل ڪيترا پيرا
ڪوڪي آهي
۽
توهان جي اکين مان
ڪيترا لڙڪ ڪِريا آهن!"

- آصف جمالي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• سڄي رات اشارا ۽ پاڳل آسمان منهنجا ساٿي رهيا آهن. هاڻ مون کي پنهنجي پڪار جي وراڻي ۾ هڪ دانهن ٻڌڻ ۾ آئي. هڪ ڀيرو وري، هڪ ڀيرو هن سانت ۾ تنهنجي وراڻي پريت جي نشاني آ. (رابو بوريڻيوـ رومانيه)

• تون معتبر نہ هئين، منهنجي پيار توکي اعليٰ بڻايو ۽ تو پاڻ کي ايڏو معتبر ڀانيو جو منهنجي پيار کي ئي گهٽ سمجهي ٺڪرائي ڇڏيو. (شگفته شاه)

• هي ساري ڪائنات مون کي تنهنجي اکين وانگر گهوري رهي آهي. (ش ـ ا)

• تلوار جي جنگ هجي تہ مان ڪڏهوڪو وڙهان ها. هيءَ نصيبن جي جنگ آهي، ان لاءِ حيران پريشان بيٺو آهيان. (پشتو چوڻي)

• هڪ عورت ڪکر کي چيو: ”منهنجي محبوب کي پناهہ ۾ رکجانءِ.“ (محمود درويش جي نظم جي سٽ)

• هڪ ڪرنڊڙ تاري کي پڪڙي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏ ۽ ان کي وسامڻ نہ ڏي تہ جيئن خزان جي اونداهين راتين ۾ اهو توکي روشني ڏئي. (آمريڪي گيت)

• مان ڪنهن پهاڙ پويان ٻڏندڙ چنڊُ آهيان. تون الائي ڪٿي ستو پيو آهين؟ (حبہ خاتون ـ ڪشميري شاعره)

• مون کي ٻہ وڃڻو هو. مان موت کي ڏکي تنهنجي ملاقات لاءِ ترسي پيس. تون ڪيڏانهن هلي وئينءَ؟! (شيخ اياز)

• بيقرار آس ڪٿي اٿان تو ۽ هن کي پنهنجي ڪمري جي ڪنڊ ڪنڊ ڪري ڳوليان ٿو. پر هوءَ مون کي ڪٿي نٿي ملي. منهنجو گهر ننڍڙو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ ان مان هڪڙو ڀيرو نڪري ويو، وري واپس موٽي اچي ڪونہ سگهندو آهي. (گيتا انجلي ـ ٽئگور)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ٻار جهٽ روئڻ لڳندو آهي، جڏهن ماءُ کيس ساڄي ڇاتيءَ کان ٺڙي کاٻيءَ ڇاتيءَ ۾ کڻندي آهي. ليڪن هڪدم ٻي گهڙيءَ ئي هن کي کاٻيءَ ڇاتيءَ ۾، تسلي ملي ويندي آهي. (**گيتا انجلي ـ ٽئگور**)

• <u>سپنو ۽ سايا</u>

ڇوندي هئينءَ؛ 'ڏک سک ته ايندا ئي رهندا هن، توريءَ تورِيءَ ڳالهه تي گهبرائبو ناهي. دل وڏي ڪر، ٺيڪ ٿي ويندو سڀ ڪجهه ئي ....'

۽ رات جڏهن ڊاڪٽر ڏسي ويو آهي: مسٽر! تنهنجي دل وڏي ٿي وئي آهي. 'ته روئين ڇو ٿي؟ گهبرائين ڇو ٿي؟ (**دک جي نه پڇاڻي آ ـ اياز گل**)

• آءُ! مون سان ٻاکر پاءِ. رات مان پرڏيهه وينديس. اڙي! امامن جي سبيل ته ڪير به ڏئي سگهي ٿو. (**بيدل مسرور**)

<u>واعدي خلافي</u>

• هڪڙو واعدو جو ڪيو، تون ۽ مان، روز سمهڻ کان اڳ ۾ هڪ ٻئي جي ڪري گهر ڏي مُنهن، دوست! چوندا سين، 'خدا حافظ' ـ سو تو به هر رات ائين ڪيو هوندو. مون به هر رات ائين ڪيو آهي. معاف مون کي ڪجانءِ دوست! مگر رات واعدي خلافي ٿي وئي، رات روئندي ئي گذري وئي! (**دک جي نه پڇاڻي آ ـ اياز گل**)

• ڏِسُ ٻارُ اسڪول ۾ وڃي رهيو آهي. هن جي هٿن ۾ ٿيلهو آهي. ٿيلهي ۾ ڪتاب آهن. ڪتابن ۾ جهالت پريل آهي. (**سعيد الدين نظم سنون**)

• پنهنجيءَ حفاظت لاءِ گهر کي ڪڙو ڏنم. دنيا جي حفاظت لاءِ ڪهڙي هنڌ ڪڙو ڏيان؟ (**ونود ڪمار شڪل جي ناول مان**)

• جدائي جي ٽانگي تي، صبر جي رين ڇڪي ويهه، ديدار لاءِ وهم جي سواري هرگز نه ڪٽجانءِ. (**بيدل مسرور**)

• ميان! وظيفو وصال لاءِ ڪر. ڇمي ته مان توکي روز ڏيندي هان. (ب-م)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ها! مجيم تہ مون توکي ڪٽڪ جي داٽي ڪائڻ لاءِ چيو، پر ڇا ان ڪري مان تنھنجي دل تان ڪري پيس صوفي! (**بيدل مسرور**)

• منھنجي ڪنھن سان بہ دشمني ناھي. مڱٽھار تہ راڄ جي نياڻي ٿيندو آھي. (**بيدل مسرور**)

• منھنجي پيشانيءَ کي تنھنجي گفت ڪيل سوني زيور کان وڌيڪ تنھنجي چميءَ جي ضرورت آھي. (**فرزانہ سنڌو**)

• ڪاني سڙيي ڪوئلي وانگر ٿئي، ڪوئلو سڙيي خاڪ ٿي وڃي. پر آءٌ اھڙي ڪا پاپڻ آھيان، جيڪا سڙي نہ ڪوئلو ٿئي نہ ئي خاڪ. ('**ڪبير' جو دوھو**)

• 'انو ...! پيار کان سواءِ بہ ماڻھو ڇڻ يتيم آھي. Crash Landing ۾ تباھہ ٿيل جھاز جي ان مسافر وانگر، جيڪو حادثي ۾ اڪيلو بچي ويو ھجي.' (**ٽٽل شيشا ۽ آڱريون ـــ نور گهلو**)

Do' not touch my hands if you could not reach any part of heart.

جيڪڏھن منھنجي دل جي ڪنھن حصي کي ڇھي نٿو سگھين تہ منھنجا ھٿ بہ نہ ڇھہ. (**سعيد سومرو**)

• مان خدا ۾ يقين نہ رکندو آھيان، پر ھن کي Miss ڪندو آھيان. (**جولين بارنيس**)

• ماضي گذري ويو، حال اڌامي ٿو، مستقبل مُبھم آھي. (**آر. ڪي نارائڻ**)

• ڪريلُ ڳُل تاريءَ ڏانھن واپس ويندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر اھو تہ پوپٽ آھي! (**بوسون**)

• موسم وانگر تنھنجي در تي آيو آھيان اڪين ۾ بادلَ ۽ بادلن ۾ ماڪَ ڪٽي. (**احمد موھيب جي نظم مان**)

• جيڪڏھن خدا ڌرتيءَ تي رھندو ھجي ھا تہ ماڻھو سندس گھر جون دريون ڀڃي ڇڏين ھا. (**يھودي چوڻي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• رشتا وقت سان گڏ فاصلا طئہ ڪن ٿا. لمحن جيان رشتن جي معنيٰ متجي ٿي. گهري رشتي جي هام تہ بس هڪ روايت آهي. (**زندگيءِ خواب ۽ خودڪشي ـ چندر ڪيسواڻي**)

• تو شام جو ملڻ جو واعدو ڪيو آهي. شام تائين تہ مان پوڙهو ٿي ويندس. پڇتاوَ جو پرچاوَ جو، تنهنجي اک جو ڳوڙهو ٿي ويندس. رات تائين تہ منهنجي محبت جي رت سان هر عاشق جي اڱڻ جا رابيل رنگجي ويندا ـ جوڀن جي جادو سان سچ کي لهڻ نہ ڏي، پريت جي پيغمبري سان سانجهيءَ کي اچڻ نہ ڏي. (**ملڪ نديم**)

• اَڇا وارَ تہ اَندرَ جو اُجالو آهن، جيڪو متي تي هوندو آهي. (**جوگندر پال جي ڪهاڻيءَ مان**)

• تنهنجا اُرھَ انگُورَن وانگر نرم آهن. منهنجو پيار تولاءِ ائين آهي جيئن جَهنگَ جي وَڻن جي وچ ۾ صُوفَ جو وَڻُ هوندو آهي. (**قديم گيت جون سٽون**)

• جيڪڏهن تنهنجو بُوٽ سوڙهو آهي تہ اهو بَدلاءِ، تون پيرَ تَہ نٿو بدلائي سگهين. (**هڪ انگريزي فلم جو ڊائلاگ**)

• ٻئي جهان کي ضرور هئڻ گهرجي، پلي، اسان جي جاءِ جهنم ۾ هجي. (**بورخيس**)

• مان پنهنجي اونداهي ڪوٺيءَ جو وساٽل ڏيئو آهيان. (**مرزا غالب**)

• جنهن ملڪ جي سياسي ۽ مذهبي قيادت بازار ۾ وڪاميل مالَ وانگر بڻجي وڃي ۽ هارايل فوج جا جرنيل شرمسار ٿيڻ بدران تڪبر سان قوم جي ڪلهن تي چڙهي ويهن، اتي سڌرڻ جي اميد رکڻ چرئي جو خواب آهي. (**محمد الياس جي ناول ''گهر'' تان**)

• مون پنهنجيءَ ماءُ کي واحد سڪ اهو ڏنو، جو مان هن جي جيئري ڪو نہ مُئس. (**جمال احساني**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- توکي ان کان وڌيڪ ڪوئي سمجهائي نه ٿو سگهي، خدا اُهو آهي، جيڪو عقلَ جي حد ۾ اچي نه ٿو سگهي. (**جوش مليح آبادي**)

- ڪانڊَرُ ڏَڪُ نَه هٽي، جي هٽي ته جهوري. (**سعدي**)

- جيئن ڪو سونو زيور سوئر جي نڪ ۾، تيئن اها سهڻي زال جنهن کي تميز ڪونهي.

- سچو سائي وڻ وانگر وڌندو ويندو آهي.

- خوشيءَ جي پڇاڙي غم آهي.

- گهر ۽ دولت اَبن کان ملڻ واري ميراث آهي، پر سياڻي زال خدا کان ملي ٿي.

- جيڪو پنهنجي پيءُ يا ماءُ کي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو، تنهن جو ڏيئو سخت اونداهيءَ ۾ وسايو ويندو.

- جوان ماڻهن جو فخر سندن زور آهي ۽ ٻُڍن ماڻهن جي سونهن سندن اڇو مٿو.

- آسمان جي بلندي، زمين جي اونهائي ۽ بادشاهه جي دل جو حال ڳولي لهڻ جو ئي نه آهي. (**زبور تان ورتل**)

- لاش پاڻي مٿان ڇو ترندو آهي؟ ڇوته ٻڏڻ لاءِ به زندگي گهرجي! (**نامعلوم**)

- آئون هميشه برسات ۾ گهمڻ پسند ڪندو آهيان ته جيئن ڪو به منهنجا ڳوڙها ڏسي نه سگهي. (**مشهور مزاحيه اداڪار چارلي چپلن**)

- ڳوڙها اگهڻ جي موسم ۾ جدائي ڪرڻ ڪو توکان سکي. (**نامعلوم**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• سچل سائينءَ جي درگاهہ اندر احاطي ۾، رُکي بائيءَ جي سماڌيءَ تي هڪ رنگارنگي پوپٽ ڦيرا پئي ڏنا، نصير مرزا! اڙي ڏس تہ، ڪٿي اِهو تون تہ ڪونہ آهين!؟ (**ٿي نہ سگهيس شاعر ـ نصير مرزا**)

• ايترو ظالم نٿي، ڪجهہ رحم ڪر، توتي مران تي تہ چا ماري ڇڏيندين!

• مان پنهنجي مادري ٻوليءَ کان سواءِ ائين آهيان، ڄڻ ڪو انڌو ماڻهو، پرائي گهر ۾. (**يورام ڪانئيڪ جي نظم جون سٽون**)

• اڄ تہ دنيا کي ورهايون. سمنڊ تنهنجو، ويرو ن منهنجون. عرش تنهنجو، تارا منهنجا. سج تنهنجو، روشني منهنجي. جسم تنهنجو، روح منهنجو.. چڱو هئين ٿا ڪريون، سڀ ڪجهہ تنهنجو...۽ تون منهنجو. (**نامعلوم**)

• اسان جي تقدير اسان کان پڇڻ کان سواءِ، اڳوات لکي ڇڏيائون، ماڻهي ڪهڙي منهن سان ٿا اسان کان پڇن، تہ توهان زندگيءَ ۾ هيئن ڇو ڪيو؟ هونئن ڇو ڪيو؟ دنيا ۾ ڪو انصاف آهي يا ڪونهي؟ (**عمر خيام جي رباعي**)

• ڪيڏو نہ ظالم هيو، اُهو شخص جنهن جسم فروشيءَ جي بازار جو نالو ”هيرا منڊي“ رکيو.

”هيرا منڊي“ مطلب تہ اهڙي مَنڊي جتي هيرن جواهرن جو واپار ٿئي.

• ”چون ٿا تہ محمود مرڻ مهل وصيت ڪري ويو هو تہ منهنجو منهن ڪعبي بدران منهنجي محبوب اياز ڏانهن ڪجو“. (**فردوسي**)

• اصول پرست ماڻهو هميشہ دلير هوندا آهن، مگر دلير هميشہ اصول پرست نہ هوندا آهن. (**ڪنفيوشس**)

o جيڪو شخص ايمانداريءَ ۾ يقين نہ ٿو رکي، اهو خود بي ايمان آهي. (**عربي پهاڪو**)

o ”جيڪوشخص پنهنجي گهر ۾ اهل وعيال سان چڱو آهي اهو هر هنڌ چڱو آهي.“ (**عربي پهاڪو**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جيتوڻيڪ ڪولي ٻڌايل ڳالهيون، دل ۽ دماغ کي روشني بخشين ٿيون، پر جيڪا روشنيءَ جي زبان عشق ۾ آهي، سا دنيا جي ٻي ڪنهن به ڳالهه ۾ ڪانهي. (**مولانا رومي**)

• جنهن جي ڳالهائڻ ۾ ڪا جان ۽ ولولو نه هجي، ان جي ڳالهائڻ مان، سمجهه ۽ حوصلي جا، ڪهڙا گل ۽ ميوا پيدا ٿيندا؟ (**مولانا رومي**)

• ڪنهن جي مٿان حق جتائڻ کان اڳ ۾ اهو سوچيو ته، توهان تي به ڪنهن جو حق آهي.

• انسان جو ڪردار به ان گلاب جي گل وانگر هوندو آهي جو جيڪڏهن هڪ دفعو ٽاريءَ تان ڪري، پن پن ٿي ويو ته ٻيهر جڙي نٿو سگهي.

• گناهه شروع ۾ شايد صبح جهڙي روشني پکيڙي ڇڏي ڏيندو آهي، پر ان جي پڇاڙي رات جي اونداهيءَ جهڙي هوندي آهي.

• زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو درد گهٽائڻ لاءِ دوا جي نه پر 'ڪنهن جي' لفظن جي ضرورت هوندي آهي

• سٺو لباس پهري، واهيات ماڻهو به مهذب سڏائڻ جو شرف حاصل ڪري سگهن ٿا. (**آسڪروائلڊ**)

• زندگيءَ کان سواءِ ٻي ڪا به وڏي دولت نه آهي، انهيءَ ۾ محبت، خوشي ۽ تعريف جون سڀ طاقتون موجود آهن. (**برٽرينڊرسل**)

• توکي پنهنجي زندگيءَ جو سفر اڪيلو ئي ڪرڻو پوندو، انهيءَ ڪري ٻئي ڪنهن ساٿي جي اميد نه رک. (**داسبن**)

• ڪوڙ هڪ نندي چادر مثل آهي، جيڪڏهن ڪير انهيءَ سان مٿو لڪائيندو آهي ته پير اُگهاڙا ٿي ويندا آهن. (**اسڪاٽ**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جنهن جو ارادو پڪو ۽ مستحڪم هوندو آهي، اهو دنيا کي پنهنجي سانچي ۾ سمائيندو. (**چيني چوڻي**)

- توهان جو عقل ئي توهان جو استاد آهي. (**شيڪسپيئر**)

- عقل واري جي حد هوندي آهي، ليڪن بي عقل جي ڪا به حد نه هوندي آهي. (**ايمرسن**)

- گهٽ پڙهڻ، وڌيڪ سوچڻ، گهٽ ڳالهائڻ، وڌيڪ ٻڌڻ ئي عقل وارو بنجڻ جو ذريعو آهي. – (**ٽيگور**)

- سڀ کان وڏي ڳالهه اِها آهي، ته انسان ۾ پنهنجين غلطين کي مڃڻ جي همت هئڻ گهُرجي ۽ هو اُنهن غلطين جي روشنيءَ ۾ پنهنجي پاڻ کي گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ پاڻ کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪري. _ (**جوزف اسٽالن**)

- محبت قرباني سيکاريندي آهي، حساب ڪرڻ نه. (**عربي پهاڪو**)

- تعليم ٻن قسمن جي هوندي آهي، هڪ ڪاڻڻ جي ۽ ٻئي زندگي گذارڻ جي - (**جوزف اسٽالن**)

- اي مولا! سهڻن جي چهرن مان پنهنجي سونهن جا جلوا پيو ڏيکارين ۽ پوءِ عاشقن جي اکين جي وسيلي خود پنهنجي سونهن جو ديدار پيو ڪرين! (**جامي**)

- گل ٻڄڻ جي دعا نه گهرو، ڇو ته خوشبو هر گل جو مقدر نه آهي ۽ ڪومائجڻ هر گل جي قسمت آهي.

- ڪميني ماڻهوءَ جي ڳالهه تي ڏک ڪرڻ بيوقوفي آهي ۽ شريف شخص جي ڳالهه تي ڌيان نه ڏيڻ بدقسمتي آهي.

- جيڪڏهن توهان انسان آهيو ته دلين کي فتح ڪرڻ جو فن سکو. (**ڪونيل**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• دنيا ۾ پنهنجو پرايو ڪو بہ نہ آهي، جيڪو ڪنهن کي پنهنجو سمجهي ٿو اهو ئي پنهنجو آهي، ۽ جيڪو ڪنهن کي پرايو سمجهي ٿو اهو پنهنجي هوندي بہ پرايو آهي. (**نيگور**)

• مان پنهنجي دوستن ۾ حسن تلاش ڪندو آهيان ۽ واقفڪارن ۾ ڪردار ۽ دشمنن ۾ دماغ تلاش ڪندو آهيان. (**آسڪر وائلڊ**)

• گفتگو هڪ اهڙو عمل آهي جنهن سان انسان يا تہ دل ۾ گهر ڪندو آهي، يا تہ دل تان لهي ويندو آهي.

• زندگي ۾ اگر برو وقت نہ اچي تہ پنهنجن وچ ۾ لڪل پراوا، ۽ پراون ۾ لڪل پنهنجا هميشہ لڪل ئي رهجي ويندا.

• ننڍا چور جيلن ۾ پيل هوندا آهن، ليڪن وڏا رهزن ۽ ڌاڙيل سون ۽ چانديءَ جي ٿانون ۾ کائيندا آهن. (**ڪينو**)

• غريب جي شادي تي پنهنجا بہ ڪونہ نچندا آهن، باقي امير ماڻهو جي ڪتي جي سالگره تي چڱا ڀلا نچندا آهن.

• جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ ماڻهو اوهان کي مرشد وانگر عزت ڏين، تہ پوءِ انهن تي خرچ ڪريو، نہ تہ ٻئي صورت ۾ ياد رکو تہ ماڻهو اوهان کي مريد جيتري بہ عزت نہ ڏيندا.

• جيڪو انصاف ڪندو آهي، اهو بي خوف سمهندو آهي ۽ جيڪو ظلم ڪندو آهي، اهو خائف رهندو. (**عربي پهاڪو**)

• ڪتاب اهڙو استاد آهي، جيڪو بغير مار ڏيڻ جي، بغير سخت لفظن ڳالهائڻ جي ۽ بغير ڪاوڙ ڏيکارڻ جي تعليم ڏيندو آهي. (**افلاطون**)

• حسن ناهه نوهه ۽ سينگار ڪان سواءِ ئي دل کي موهي وجهندو آهي. (**شيخ سعدي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيڪڏهن ڪنهن ڪم ڪرڻ کان پوءِ خوشي محسوس ٿئي ته سمجهو ته توهان اخلاقي فرق ادا ڪريو آهي ۽ جيڪڏهن ڪم ڪرڻ کان پوءِ بوجهه محسوس ڪريو ته سمجهو ته توهان ان جي اخلاقي حد ٽوري آهي. (**هيمنگ وي**)

- انسان کي خطري کان پٺڻ نه گُهرجي، جيڪڏهن توهان ائين ڪيو ٿا، ته خطرو ٻيڻو ٿي وڃي ٿو. پر جيڪڏهن توهان دليريءَ سان سينو تاڻيو، سندس سامهون اچو ٿا، ته خطرو اڌ رهجي وڃي ٿو. (**وِنسٽن چَرچل**)

- لائق ماڻهن جي حق تلفي ڪرڻ ۽ نالائقن جي پرورش ڪرڻ انصاف جي ڪنڌ تي ڪاتي ڦيرائڻ جي برابر آهي. (**هربرٽ اسپنر**)

- مفلس کي ٿورين شين جي ضرورت هوندي آهي، آسودي کي گهڻين شين جي ۽ لالچيءَ کي سيني شين جي. (**بقراط**)

- شريف ڪنگال بہ ڪميڻي امير کان بهتر آهي.

- جيڪو خود حسين هوندو آهي، انهيءَ جي حسن ۾ ٻئي ڪنهن شيءِ سان واڌارو نہ ٿيندو آهي. (**ڪالي چرن**)

- جنهن محنت سان ماڻهو جهنم ۾ وڃن ٿا، انهيءَ جي اڌ محنت سان جنت ۾ وڃي سگهن ٿا. ( **ايمرسن**)

- مصيبت بيوقوفن کی تنگ ڪري ٿی، گيدين کی مايوس ڪري ٿی، ڏاهن ۽ جفاڪش جي لِڪل صلاحيتن کي ٻاهر ڪڍي ٿي ۽ ڪاهلن کي محنتي بنائي ٿي.

- عشق ٽن لفظن مان ورتل آهي جنهن جي معنئ هي آهي. ع= عبادت، ش= شهادت ۽ ق= قرباني. (**رازي فقير**)

- جڏهن حسن پيش قدمي ڪندو آهي تہ جسم جو هر عضوو خوشيءَ ۾ ٻهڪندو نظر ايندو آهي. (**شيڪسپيئر**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جيڪڏهن تون ويهن سالن ۾ خوبصورت نہ آهين، ٽيهن سالن ۾ طاقتور نہ آهين، چاليهن سالن ۾ داناءُ نہ آهين ۽ پنجاهہ سالن ۾ دولتمند نہ آهين تہ پوءِ ڪڏهن بہ خوبصورت، طاقتور، داناءُ توڙي دولتمند ٿيڻ جي اميد نہ رک. (**ڊاڪٽر گارنر**)

• حسن جي تلاش ۾ اسان چاهي پوري دنيا ۾ چڪر لڳائي اچون، جيڪڏهن اهو (حسن) اسان جي اندر ۾ نہ آهي تہ ڪٿي بہ نہ ملندو. (**ايمرسن**)

• دوست ٽن قسمن جا ٿيندا آهن: (1) ناني دوست معنيٰ ڪاڌي وارا دوست. (2) زباني دوست معني ملاقات ڪرڻ وارا دوست. (3) جاني دوست معني جان قربان ڪرڻ وارو دوست. (**شيخ سعدي**)

• اسان منجهان گهڻائي خاموشي جي سمجهاڻي ڪي سمجهندا آهن، ليڪن انهي منجهان گهٽ خبر رکندا آهن تہ خاموشي ڪڏهن اختيار ڪرڻ گهرجي. (**آسڪر وائلڊ**)

• حسن ڪان وڌيڪ انسان لاءِ ڪو بہ سفارش نامو نہ هوندو آهي. (**ارسطو**)

• اصل سوال هي نہ آهي تہ موت ڪانپوءِ زندگي آهي يا نہ؟ پر اصل سوال هي آهي تہ اوهان موت ڪان پهرين زنده بہ آهيو. (**اوشو**)

• زندگي تہ پنهنجي ڪلهن تي گذارڻي پوندي آهي، ٻين جي ڪلهن تي تہ جنازا نڪرندا آهن. (**ڀڳت سنگهہ**)

• ڌرم ۽ مذهب بنا توهان ڪي سٺا ماڻهو سٺا ڪم ڪندي نظر ايندا ۽ شيطان صفت ماڻهو شيطاني ڪاروايون ڪندا نظر ايندا، پر سٺن ماڻهن لاءِ بڇڙايون ۽ ڪدا ڪم ڪرڻ لاءِ ڪين ڌرم يا مذهب جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي". (**اسٽيون وينبرگ**)

• يعني هن جهان ۾ جيڪا بہ شيءِ ڏسين ٿو، تنهن ۾ نيٺ خلل پوي ٿو، سواءِ محبت جي، جو اها خلل ڪان خالي آهي. (**حافظ شيرازي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڪالهه رات ڏٺم، تہ ملائڪ ميخاني جو دروازو کڙڪائي رهيا هئا، آدم جي مٽيءَ کي ڳوهي، منجهائنس ميءَ جو پيمانو ٺاهي رهيا هئا. (**حافظ شيرازي**)

• ترڪيءَ ۾ مصطفي ڪمال پاشا جي مجسمي جي هيٺان لکيل آهي تہ: "**هن دور ۾ ماڻهوءَ جو مرشد، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي آهي.**"

• ڀلي تہ تون پنهنجو پير منهنجي اکين مٿان رکي ڪين هوتي ڇڏين پوءِ جستائين تون اوجهل نٿو ٿئين تيستائين تنهنجي راهن تي نهاريندو رهندس". (**مولانا رومي**)

• اسان سمنڊ جي موج وانگر متحرڪ آهيون، قرار آيو تہ ختم ٿي وينداسون. اسان زنده ان ڪري آهيون، جو آرام ڪرڻ ڪونہ چاهيون. (**حافظ شيرازي**)

• ٻين سان ائين هلو، جيئن اوهان گهرو ٿا، تہ ٻيا اوهان سان هلن.
تون عيسائي آهين يا مسلمان، منهنجا دروازا تو لاءِ کُليل آهن.
مولانا روميءَ جي روضي تي هڪ قول درج ٿيل

• هيءَ دنيا بهشت ٿي سگهي ٿي، بشرطيڪ منجهس انصاف هجي.

• بهشت اهڙو هنڌ آ، جتي ڪنهن جو بہ ڪنهن ۾ ڪو بہ ڪم ڪو نہ پوندو.

• دنيا جي سڀ کان قديم ۽ وڏي ۾ وڏي درسگاهه تجربو آهي. (**چيني چوڻي**)

• مٽي جي رانديڪن جي ڪهڙي مجال آهي، جو ڪاريگر کان پڇن، تہ ڇا لاءِ تو ٺاهين ۽ ڇا لاءِ تو ڀڃين؟ (**عمر خيام جي رباعي**)

• مولوين ۽ نانگن ۾ فرق رڳو اهو آهي، تہ سڀ نانگ زهريلا ڪو نہ ٿيندا آهن. (**نياز فتح پوري**)

• يا اهڙي طبيعت ڏاريو جو دنيا سان نڀي ۽ منجهس کپي وڃو، يا اهڙي همت ڏاريو جو مورڳو دنيا مان ٺي ٻاهر نڪري وڃو. (**فارسي شاعر**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• منهنجي دل ہرڻ چذي ڏنو آهي، اها دل اينرو تہ سڙي چڪي آهي جو هاڻي انهيءَ رک ۾ باھ لڳڻي ئي ناهي. (**قرت العين حيدر**)

• قلم تہ هٿ ۾ ڏئي ڇڏيئي، پر اها پٽي هٿ ۾ ڪا نہ ڏنئي، جنهن تي پنهنجون پرايون قسمتون لکي سگهون. (**قرت العين حيدر**)

• جڏهن ”ڏيڻ“ وارا ”پنڻ“ تي لهي اچن تہ انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻئي ڪهڙي بربادي هوندي.

• ”تيلي ننيڙي هوندي آهي، پر انهيءَ ننيڙي تيليءَ مان آڙاھ وڏو نڪرندو آهي.“

• اي سنڌ! تون ايڏي خوبصورت آهين، جو تنهنجي خاطر هر جبر سهڻ ڪان پوءِ توسان محبت وڌي ويندي آهي. (**عبدالواحد آريسر**)

• لفظ وڏا آهن، پر معنيٰ ڪانهي، پاڇا وڏي ويا آهن، قدَ ننڍا تي ويا آهن، دعوائون وڏيون ٿي ويون آهن، عمل ڪونهي، مشهوري وڏي آهي، پر انسانيت ڪانهي. (**عبدالواحد آريسر**)

• ماڻهو هر ان شيءِ جي مخالفت ڪندا آهن، جنهن ڪان هو بيخبر هوندا آهن. ( **امام غزالي**)

• حق جي پهرين نشاني اها آهي تہ ان جي هميشہ مخالفت ٿئي ٿي ۽ جنهن جي مخالفت نہ ٿئي اهو قطعي بہ حق ناهي. (**حضرت علي ڪرم الله وجهہ**)

• آئون ڪنهن کي ڪجھ بہ سيکاري نٿو سگهان، صرف ان کي سوچڻ تي آماده ڪري سگهان ٿو. (**سقراط**)

• اگر اوهين روحاني خوشي چاهيو ٿا تہ پوءِ عقيدي کي ويجها ٿيو، اگر سچ جا پيروڪار ٿيڻ ٿا چاهيو تہ پوءِ تحقيق ڪريو. (**نٽشي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• هر شهر ۾ ٻه شهر هوندا آهن، هڪ اميرن جو ٻيو غريبن جو. ٻنهي جون عادتون ۽ اخلاقيات هڪ ٻئي جي ابتڙ هونديون آهن. (افلاطون)

• مسئلا زمين تي پاتا وڃن ٿا انهن جي مزاحمت زمين تي ئي ڪئي وڃي، آسمان تي نه! (جون ايليا)

• مختصر لفظن ۾ زندگي بابت صرف اهو چئي سگهجي ٿو ته: هي هڪ "آه" آهي، جيڪا "واه" ۾ ويڙهي پيش ڪئي وئي آهي. (منٽو)

• سقراط جي اڳيان هڪ ماڻهو نهايت ئي اعليٰ لباس ۾ ٺلندو ٺامندو اچي سامهون بيٺو. سقراط چيو: اي اجنبي شخص! هاڻي ڪجهه ڳالهائي ته جيئن تنهنجي قابليت ظاهر ٿئي!

• درد جي دونهين جو ته ڪو به رنگ نه ٿيندو آهي.

• نئون عشق ڪرڻ سان نئين جواني ملندي آ.

• واريءَ ۾ اڇلايل پٿر ڪڏهن به آواز نه ڪيندو آهي.

• اي منصف! بهتر آهي ته تون ڏهه ڄڻا آزاد ڪري ڇڏ. بجاءِ ان جي جو تون ڪنهن بي گناهه کي سزا ڏئين....

• بدن ته حلال آهي پر ان تي پوندڙ اک حرام ليکجي ٿي.

• ڪو به ماڻهو، پنهنجي ڪيس ۾ جج نه ٿو بڻجي سگهي.

• مشهور مؤجد ٿامس ايڊيسن هڪ هزار ڪان مٿي ڪوشش ڪان پوءِ بجلي جو بلب ٺاهيو هو. هڪ انٽرويو ۾ هن کان پڇيو ويو ته هڪ هزار دفعا توکي ناڪامي جو منهن ڏسڻو پيو، توکي ڪئين ٿو محسوس ٿئي؟ ايڊيسن جواب ڏنو ته: ”آئون ناڪام نه ٿيس، ٻيڻو مون ته نوَ سؤ نوانوي اهڙا طريقا سکيا آهن، جن سان بجلي جو بلب نٿو ٺهي سگهي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ضرورت هجي تہ بازار وڃندا ڪريو، بازار وڃي ڪري پنهنجي ضرورت پيدا نہ ڪندا ڪريو. (امام غزالي)

• سڪندر ننڍو هو ۽ هن جو استاد ارسطو هلي ڦري هن کي علم ۽ دانش جون ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو. سڪندر پنهنجي مستقبل ۾ ٻڌل هو، اصل حڪمراني ۽ حڪمراني جي طريقن تي سوال ڪندي انهن جا جواب ياد ڪري رهيو هو. اوچتو سڪندر پنهنجي پر ۾ نهايت اهم سوال ڪري ورتو:
”استاد محترم! بادشاهن لئہ ڪهڙي شيءِ ضروري آهي عدل يا بهادري؟“
ارسطو هڪ پل لئي ويٺو، سڪندر کي شفقت سان ڏسندي چيائين:
”جيڪي بادشاهہ عدل ڪندا آهن، انهن کي بهادري جي ضرورت نا هي پوندي.“

• جيڪڏهن تون ايترو روز قرب جو ذرو ڏيندي رهين، زندگيءَ جي ويڙهہ ۾ هارجڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿئي. (راشد مورائي)

• ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان پيار ڪرڻ، جيڪو پيار جي موٽ نہ ڏي! ائين آهي ، جيئن پوڄا ڪجي ڪنهن ٻوڏي ديول ۾، ڪنهن بي پرواهہ ديوتا جي!! (_ جاپاني شاعره ليڊي ڪاسا )

• زندگيءَ جا ڪجھ سفر اهڙا بہ هوندا آهن، جن ۾ پير نہ پر دل ٿڪجي پوندي آ. (نامعلوم)

• جيڪو ماڻهو اڪيلو رهي سگهي ٿو سو يا تہ ديوتا آهي يا ڇريو! (ارسطو)

• وقت جي هڪ ڳالهہ تمام بهترين هوندي آ، جهڙو بہ هوندو آهي، گذري ويندو آهي. (نامعلوم)

• اڄوڪو انسان پنهنجي ڏک کان نہ پر ٻين جي سکن جي ڪري دکي آهي.

• ڪاوڙ بيوقوفي کان شروع ٿيندي آهي ۽ پڇتاءَ تي ختم ٿيندو آهي . ( ارسطو)

• ”گُل جي خُوشبوءِ نڪ تائين، مُرڪن جي خوشبوءِ مُلڪن تائين“ . (ٽري چوٽي)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- مئخاني ۾ آذان ٻڌي، نڪتاسين پاڻ نماز پڙهڻ، پر رستي تي ڪا سونهن ڏسي، ملان وارو خدا اسان ڪان وسري ويو. (س ـ س)

- جيڪو اوهان سان رهڻ چاهي ان سان پرچڻ سڪو، ۽ جنهن سان اوهان رهڻ چاهيو ان کي پرچائڻ سکو. اِها ئي زندگي آهي.

- دنيا سان ائين تعلق رکو جئين باهه سان رکندا آهيو، ان مان فائدو به حاصل ڪيو ۽ ان کان پاڻ به بچائيو. (حضرت علي ع)

- جڏهن ننهن وڏا ٿي ويندا آهن ته ننهن ئي ڪاٽيا وڃن ٿا. آڱريون نه ـ جڏهن غلط فهميون پيدا ٿي وڃن ته غلط فهميون ئي ختم ڪجن، رشتا نه ـــ (حضرت علي ع)

- هر شخص اهو ثابت ڪرڻ ۾ مصروف هوندو آهي ته ''آءُ توکان بهتر آهيان.'' پر سچ اهو آهي ته ''تون مون کان بهتر آهين.''

- عذابن جو گهر صرف جهنم ناهي، پر اُها دل به آهي، جنهن ۾ پيار ناهي. (نامعلوم)

- جيڪي ڇڏي ويندا آهن ته اُهي پنهنجا سبب به ناهي وٺندا آهن. (تو پڇاڻان ـــ ناول منير چانڊيو)

- گهر ۾ ڪاوڙ ۾ هئڻ، ڇڻ گهر کي ويران ڪرڻ آهي. حضرت علي ع

- بهتر تعلقات جي بقا لاءِ رابطو ضرور آهي ڇو ته وسارڻ سان ته اُهي وڃ به سُڪي وڃن ٿا، جيڪي پنهنجن هٿن سان پوکيندا آهيون.

- مون جڏهن پاڻ کي پرکيو ته مون کان ٻين سمورن جا گناهه وسري ويا.
- شهرت بهادريءَ جي ڪارنامن جي خوشبو آهي. (ارسطو)

- منافقن جي وچ ۾ رهڻ وينٽيليٽر تي ساهه کڻڻ جي برابر هوندو آهي. (عبدالسلام تهيم)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• دل جي آئيني ۾ محبوب جو عڪس هميشه پلو نظر ايندو آهي، عشق اُها رنگين عينڪ آهي، جنهن مان اُس به چانڊوڪي لڳندي آهي. (**شيخ اياز**)

• خدا مون کي چيو ته پنهنجي دشمن سان پيار ڪر. مون خدا جي ڳالهه مڃي ۽ پنهنجو پاڻ سان پيار ڪيو. (**خليل جبران**)

• جڏهن ڪا به ماءُ پنهنجي پُٽ کي ''چنڊ'' چوندي آهي ته ڪوئي به ان کي ڪوڙو نه سمجهندو آهي. ( **انتون چيخوف**)

• اسان نوٽن سان وقت جو هڪ منٽ به خريد نه ٿا ڪري سگهون. ( **اوهينري**)

• متي جي وارن جي ڳڻپ ڪري سگهجي ٿي، پر منهنجي توسان محبت جو ڪوئي به اندازو نه ٿو ڪري سگهي. ( **اوهينري**)

• مُلان کي پنهنجي حلوي سان ڪم. مُردو جنت ۾ وڃي يا جهنم ۾. ( **اوهينري**)

• ليکڪ هميشه بهترين پڙهندڙ هوندا آهن. جيتوڻيڪ اڪثر هوش ۾ نه هوندا آهن. پر اهي هميشه دنيا جي سار لهندا رهندا آهن. ( **پال ٿيرو**)

• سفر توهان کي، توهان جي ۽ ٻين جي ماضي ۽ مستقبل جي باري ۾ جهڪا جهڪا عڪس ڏيکاري ٿو. ( **پال ٿيرو**)

• ترڪيءَ جي ليکڪ ايلف شفق، ايڏي ته سهڻي هئي، جو ڪيس ڏسندي ئي سندس ڪتاب، لکڻيون سڀ وساري وينس. ( **پال ٿيرو**)

• شراب ڪڏهن به ٻوليءَ تي غالب نه هي ايندو. ( **پال ٿيرو**)

• ڪا به لکڻي جنهن ۾ پنهنجي زندگيءَ جون حقيقتون شامل نه هونديون آهن- اها صرف ادبي چوري هوندي آهي. ( **پيڊرو المڊون**)

• ٻارن جون رانديون وڏا نه هن ڪيڏندا. ( **انگريزي فلم جو ڊائلاگ**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• توهانجو دعوائون ڪوڙي سڪي جو اهڙو روپ آهن. جنهن کي پاڻ سنياليندڙ به نفرت جي نگاهه سان ڏسندو آهي. اوهين انسانيت کي سنگسار ڪيو به تا ته صرف ان لاءِ ته جيئن اها امرتا جا عڪس نه ٻڌجي سگهي. ڪرڻا جڏهن پرهه جي سينڌ ڳاڙهي ڪندي پکڙجي ٿي چڪا آهن ته پوءِ اونداهه ڪيئن ٿي روشنيءَ کي ختم ڪري سگهي؟! نه سچاپچندڙ قدامت پسندي ڪيتري نه قابل نفرت آهي جو نفرتون به ڪائنس پناهه پيون گهرن. (ثناءُ الله عتيق)

• مستي ته ڏيکاءُ آهي. سرمستي برحق آهي! دنيا عبث آهي. قلندري طريقو ئي ازل ۽ ابد آهي.. جي ايئن نه هجي ته پوءِ هر دور جي سرمد ۽ منصور سان اورنگزيب جو اڪيو بيٺو هجي ها...؟! (ثناءُ الله عتيق)

• اسين سُتل روح آهيون، پتڪندڙ روح به دگ لهي ويندا آهن. (ثناءالله عتيق)

• پٿرن کان ڳالهرائي ته خدا ئي سگهي ٿو. (ثناءُ الله عتيق)

• جيڪو دل جو خراب آ، اُهو پنهنجي قسمت کي چوي. (ثناءُ الله عتيق)

• چور به ننڊ اڳيان حياءَ ڪندو آهي ۽ سدائين رات جو هلڪيون وکُون کڻي ايندو آهي. (نِٽشي)

• بُري خبر جلد ڦهلبي آهي. (انگريزي فلم جو ڊائلاگ)

• ڪلاڪار ڪُوڙ ڳالهائيندا آهن، سچ ٻُڌڻ لاءِ. (انگريزي فلم جو ڊائلاگ)

• اوسيئڙو ڏايو ڏکيو هوندو آهي، روح به رُوئي ويهندو آهي. (نجيب محفوظ)

• فقير پنهنجي جاءِ نا هن ڇڏيندا. . (نجيب محفوظ)

• بک موت کان به وڌيڪ تڪليف واري آهي. . (نجيب محفوظ)

• جنهن شيءَ کان نفرت هجي، اُها نه ڪريو. . (نجيب محفوظ)

• رُولو ماڻهو شيطان کان وڌيڪ ذهين هوندو آهي. . (نجيب محفوظ)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وهم جي ڪائي حقيقت نا هي هوندي. ( سَر رائيڊر هيگرڊ)

- ذات جي دوزخ کان ٻيو وڏو دوزخ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ ( سَر رائيڊر هيگرڊ)

- ساڳُ وِجهي مچيءَ کي لڪائي نہ ٿو سگهجي. (تارا شنڪر)

- پادرين جو حڪم سپاهين کان سولو آهي. ( مئڪسم گورڪي)

- ماءُ پنهنجي پٽ کان تڪليفون لڪائيندي آهي. (مئڪسم گورڪي)

- انساني قرب اهڙي شيءَ نا هي جيڪا هٽن تي وڪامي. (مئڪسم گورڪي)

- ٻُڪ تہ ٻگهڙ کي ٻہ جهنگ کان ٻاهر وٺي ايندي آهي. ( فرينم نا ولست بالزاڪ)

- آخري انصاف تہ خدا ڪندو آهي. انسان، انسان سان ڪهڙو انصاف ڪندو؟ ( ثناءُالله عتيق)

- انصاف جيان ساهن ۾ خوابن جو بہ ڪو مذهب نہ هوندو آهي. ( ثناءُالله عتيق)

- ”خدا ڇا تون خوابن کان بہ پُڇا ڳاڇا ڪندين؟“ ( ثناءُالله عتيق)

- خدا توکي هزارين سال اڳ تخليق ڪري منهنجي تهيءَ ۾ ئي ڌرتي تي موڪليو، منهنجو سرير ۾ وشواس ڇوي ٿو تہ تون منهنجي آخري ۾ پهرين بهشت آهين. ( ثناءُالله عتيق)

- تجربو ڪُوڙ نہ ڳالهائيندو آهي. ( ثناءُالله عتيق)
- اهو منهنجو اصول رهيو آهي تہ آءُ وڏي ڳالهہ ننڍڙن ذهنن سان ناهيان ڪندو ۽ ننڍي ڳالهہ وڏن ذهنن سان ناهيان ڪندو. ( ثناءُالله عتيق)

- هينئر بہ ڌرتي منهنجي پيرن هيٺيان گردش ڪري رهي آهي. (گليلو)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ''اسان لاءِ تہ ڌرتيءَ جو اهو شخص بہ مقدس آهي، جنهن پهريون پيرو جنم ورتو، جيڪو پهريون پيرو مُئو ۽ جو پهريون پيرو امر ٿيو. اسان لاءِ ڪائنات جو آخري فرد بہ عظيم آهي، جيڪو ڪائنات اندر آخر ۾ مرندو ۽ آخر ۾ امر ٿيندو.!'' (ثناءُالله عتيق)

- مون کي پير رکڻ جي جڳهہ ملي وڃي تہ آءٌ پوري ڌرتيءَ کي بہ توري چڏيان . (يوناني ڏاهو ارشميدس)

- غلامي جو نظام هو ئي اهڙو، جنهن انسان کي قيمتي جي ايجاد جي باري ۾ سوچڻ ئي ڪو نہ ڏنو. (شوارتز)

- پکي چيو: وڃ، وڃ، وڃ...!! انسان ذات تمام گهڻي حقيقت کي برداشت نہ ٿي ڪري سگهي. (ٽي ايس ايليٽ)

- ماتم ڪارن ڪپڙن سان نہ ٿيندو آهي. ماتم تہ دل سان ٿيندو آهي. (فرينچ ناولسٽ بالزاڪ)

- شيطان عقل مند آهي، پر خدا وٽ ان جي ڪا بہ عزت ناهي. (مئڪسم گورڪي)

- انسان کي جيڪڏهن متو نہ هجي ها تہ هو سوچي نہ سگهي ها. (والٽيئر)

- ”زندگي هاٿي ڪافيءَ جي چمچن ۾ ماپجي ٿي“. ۽ خيال فقط ”ٽُٽَل تصويرن جا ڍگ آهن.“ (ٽي ايس ايليٽ)

- "میں نے زندگی ناپ کے دیکھی ، یہ بالشت بھر ہی ہے". (بلوچی لوک گیت)

- تون ڏيوا ٻال ڪي رک جا.......هوا چاٽي خدا چاٽي..(استاد دامن)

- اونچائي تي اڏام ڪندڙ پڇي، ننڍن ننڍن وڻن سان دل ناهن لڳائيندا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• اهو ماڻهو مري ويو! هن کي خبر نہ هئي تہ هن قدرت جي صرافخاني تي هلان ڪري وڏو ڏاڙو هڻڻ تي چاهيو، بادل چرائڻ تي چاهيا، ستارا، سونهري تارا ۽ سارو آڪاس لٽڻ تي چاهيو! ها اهو ماڻهو مري ويو! ۽ آئون چوان ٿو تہ نہ ٿو ڄاڻان تہ،اهو ماڻهو ڪيترا ڏينهن جيئرو رهندو!؟ (اسپيني شاعر رافيل آلبرٽي)

• سرڪاري جنتريون خراب ڇپجن ٿيون، سرڪاري جنتريون ڪوڙ ڳالهائن ٿيون، سرڪاري ڇاپن ۾ بہ وفات جي جاءِ تي ولادت ۽ عزا جي بدران جشن لکيل آهي. انهن سيني جي درستي ٿيڻ گهرجي، سرخ خون جي رنگ جهڙي مس سان. ( فارسي شاعري)

• روح ٽڪجي پئي تہ ڪنهن کي بہ خدا حافظ چوڻ مشڪل نٿو رهي.

• هڪ پڙهيل ڳڙهيل جاهل کان خدا جي پناهہ! جڻ سوئر موتي پاتا هُجن! (ڪاسيم - يوناني شاعره)

• فتح جا سوين وارث ٿين ٿا، پر شڪست لا وارث ٿيندي آهي.

• ڊاڪٽر هڪ اهڙو ماڻهو هوندو آ، جيڪو خوبصورت عورت کي ڏسڻ جا بہ پيسا وٺندو آهي.

• گوتم ٻُڌ کان پڇيو ويو تہ انسان ۽ جانور ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
چيائين تہ: جيڪو پاڻ لاءِ جيئي اهو جانور آهي، جيڪو ٻين لاءِ جيئي اهو انسان آهي.

• زماني جي پرواهہ ڪرڻ صحيح آهي. پر هر ماڻهو جو زمانو اُن جي گهر کان شروع ٿئي ٿو.

• آزادي جي معشوقا چوي ٿي مان غلام يار کي چمي نہ ڏينديس. (پشتو ٽپو)

• قبرون سُون جون نا هن نهيل هونديون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• اسلام جهڙي اعليٰ مذهب ۾ جتي انسان ۽ خدا جو سڌو سنئون رابطو آهي، اتي ملان جو وجود اضافي لڳي ٿو. ماڻهن سان محبت ئي خدا سان محنت آهي.

• مذهب مظلوم جو ٿڌو ساهه آهي،عوام لاءِ آفيم آهي (**ڪارل مارڪس**)

• مان جڏهن ڪنهن مذهبي ماڻهو سان هٿ ملائيندو آهيان، تڏهن پنهنجو هٿ ڌوئي ڇڏيندو آهيان. (**فيڊرڪ نطشي**)

• انهن دشمنن کان نه ڊڄو، جيڪي توهان تي حملو ڪن ٿا پر انهن دوستن کان ڊڄو، جيڪي توهان جي خوشامد ڪن ٿا. (Emerson)

• خدا جتي ڪٿي نه ٿي نٿو سگهي ان ڪري هن ماءُ تخليق ڪئي.
(**يهودي چوڻي**)

• ماڻهو سيئي دانشور هوندا آهن ها البت ڪو ماڻهو ائين ضرور چئي سگهي ٿو ته سماج ۾ سيني ماڻهن جو ڪم دانشورن وارو ناهي هوندو. (گرامچي)

• جسم کان سوا عشق خوشبو جو جهونڪو آهي جنهن کي پوپٽ جا پر ڇهي نٿا سگهن. (**شيخ اياز**)

**دردست نه تيراست نه بردوش ڪمان است،**
**اين سادگي هست ڪه بِسمل دوجهان است۔**

منهنجن هٿن ۾ ڪڏهن به ڪو تير ڪو نه رهيو آهي، نه ئي وري ڪڏهن ڪمان تاڻي اٿم. اها اسان جي ضرب المثل سادگي آهي ته ٻنهي جهانن جا ڪُٺل آهيون.

• حسن لاءِ ضروري ناهي ته ان سان گفتگو ڪئي وڃي - ڪي عورتون تنهنجي ياد ۾ رهجي ٿيون وڃن، جن سان تون فقط گهٽيءَ جي ڇيڙي تائين گهميو آهين! (**رڊيارڊ ڪلپنگ**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**عاقبت منزل _ ما واديِ خموشان است**
**حاليا غلغله در گنبذ _ افلاک انداز حافظ**

ترجمو: نيٺ ته اسان جي منزل خاموشين جي وادي آهي، پر هاڻي ته آسمانن جي گنبذ ۾ غلغلو وجهي ڇڏ.

- اُها هڪ غلطي هئي پاڻ کي قيمتي ڪتاب سمجهندا رهياسين .. خبر پوءِ پئي ته رف ڪاپي جيان آهيون. جنهن کي جئين وڻيو تئين ليڪا پائيندو رهيو!

- جيڪڏهن ڪنهن جي دل ڪاري ٿي وڃي ته ان کي اڳتي هلي وقت ۾ حالتون ئي ڌوئي سگهن ٿا...

- مون سمجهيو ته آزاد پيو ٿيان، پر اها خبر نه هئي ته زنجير پئي تبديل ٿي.

- Father`s Day..

رنڊيءَ جو پُٽ، فادرس ڊي نه ملهائي سگهيو آهي، اوهان ڄاڻو، ان جو حساب آهي!

- منهنجو ذهن ئي منهنجي ڪليسا آهي. ( تامس پين)

- چمي هڪ مئائي آهي. جيڪي دل جي ٻُڪ متائي ٿي. (چوٽي)

- بر نه ٿي پوي ته جيڪي ماڻهو جيون ۾ گهڙي ڪن به پري رهي نه سگهندا هئا، انهن اڄ مون کي قبر ۾ اڪيلو ڪئين ڇڏي ڏنو. ( شعر)

**دردست نه تيراست نه بردُوش کمان است،**
**اين سادگِی هست که بِسمل دوجهان است۔**

منهنجن هٿن ۾ ڪڏهن به ڪو تير ڪو نه رهيو آهي، نه ئي وري ڪڏهن ڪمان تاڻي اٿم. اها اسان جي ضرب المثل سادگي آهي ته ٻنهي جهانن جا ڪُٺل آهيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چادر چڙھائی مزار پر ننگا رھا فقير.
اندھے عقيدون نے کيسا غضب کيا کبير.
(ڀڳت ڪبير)

• سئو ماڻهون عملن سان سچاتو ويندو آهي، نہ تہ سئين ڳالهيون تہ پتين تي بہ لکيل هونديون آهن. (نامعلوم)

• جيڪو شخص پنهنجا راز لڪائي نہ ٿو سگهي، اهو پنهنجو وقار وڃائي ويهي ٿو. (سرٿامس مور)

• مان نٿو چاهيان تہ مونکي ياد ڪيو وڃي. هي انسانيت سوز دؤر آهي. بهتر آهي تہ ماڻهو وسري وڃي.... (ڪوئنسڪي)

• جيڪي سچ ڳالهائڻ جو حوصلو نٿا رکن، اهي ڪاميابي جو بار بہ برداشت نٿا ڪري سگهن. (سقراط)

• پاڻ کي ڏاهو سمجهڻ وارو حقيقت ۾ بيوقوف هوندو آهي. (لي هاور)

• ليڊر جو هڪ غلط فيصلو، هزارين سالن کان پوءِ پنهنجو اثر قائم رکندو آهي. (لنڪن)

• پنهنجي عزت ڪرائڻ چاهيو ٿا تہ پهرين ٻين جي عزت ڪريو. (شيخ سعدي)

• سئو دوست زندگي جي دستر خوان تي لوڻ جيان هوندو آهي، جنهن سواءِ سموريون لذتون ڦڪيون هونديون آهن. (چيني چوڻي)

• درجن ڪتاب پڙهي خاموش ٿي ويهي رهڻ کان اُهو جاهل هزار ڀيرا بهتر آهي جيڪو هميشه عمل جي ميدان ۾ سرگرم رهي...! (ابوالڪلام آزاد)

• نئون دوست پراڻي پيار جي دريافت هوندو آهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• اچو تہ تعزيت ڪريون، انهن وڏن وڏن نالن سان، جن جي اندر وارو ٻارُ مري ويو آهي. (**امر فياض**)

• اسين وفا ڪيون ٿا، ملامت سهون ٿا ۽ خوش ٿيون ٿا، ڇو تہ اسان جي مذهب ۾ رنج رهڻ ڪفر آهي. (**حافظ شيرازي**)

• نقاد رڙ ڪري چيو: ” هتاءِ پردو تہ ڏسان ڇا ناهيو اٿئي...“ مصور مسڪرايو ۽ چيو: ”پردو ئي تہ ناهيو آهي.“ (**امر فياض**)

• جيڪو خدا جي محبت جي دعويٰ ڪري ۽ پنهنجي ڀاءُ کان نفرت ڪري تہ سندس دعويٰ غلط ۽ ڪوڙي آهي۔ (**حضرت عيسيٰ عليہ**)

• ڪو مسئلو نہ آهي تہ ماضي ڪيترو ڏکيو هو اوهان نيئن سر شروعات ڪري سگهو ٿا. (**گوتم ٻڌ**)

• جنهن سماج ۾ اختلاف راءِ جي گنجائش ڪونهي، اهو سماج تباهيءَ جي رستي تي هلندو آهي. (**رابرٽ فراسٽ**)

• انسان جي قسمت تيستائين تبديل نہ ٿيندي آهي جيستائين انسان پنهنجي عادت ۽ فطرت کي تبديل نہ ڪندو آهي.... رومي




• ڪنهن جي نظر ۾ پنهنجي عزت ڏسڻي آهي تہ پنهنجي نظر ۾ ان جي عزت ڏسو.

- جڏهن کهاڙي ٻيلي ۾ پهتي تہ هڪ وڻ رڙ ڪري چيو "هن ڪان بچجو، هن جو ڳن پنهنجن مان آهي" (ترڪي چوڻي)

- جيڪڏهن ٻين جي دل ۾ رهڻ ۽ جڳهہ ناهڻ چاهيو ٿا تہ ٻين کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيو. (ڊيل ڪارنيگي)

- خلوص ۽ محبت جو هڪ پنهنجو ئي ذائقو هوندو آهي، جنهن کي زبان جي ذائقي سان محسوس نٿو ڪري سگهجي، پر روح ان ڪان چڱي نموني واقف هوندو آهي. (هاشم نديم)

- يادون، ڪينسر جان لادوا آهن، جنهن جي ويڪسين ڪنهن بہ ميڊيڪل اسٽور وٽ موجود نہ آهي. (فياض جتوئي)

- نيڪ سلوڪ ڪرڻ تہ انساني تقاضا آهي، پر ان جي شهرت نہ ڪرڻ انسانيت ڪان گهٽو متي آهي. (هينري برنٽ)

- مُئل ماڻهن جي قبرن تي ڳوڙها وهائڻ جي بہ هڪ حد ٿيندي آهي، هنن جي لاشن تي پار ڪيڻ ڪان بهتر آهي تہ اتي وڃي هنن پاران پنهنجي ديس جي عظمت لاءِ ڪيل پيار تي سوچيون ۽ انهيءَ حب کي محسوس ڪريون. (ڪيوبن شاعر ايل ائپسنل)

- انقلاب مونکي فن ڪان واقف ڪرايو، ۽ ساڳي ئي طريقي سان، فن مونکي انقلاب ڪان واقف ڪرايو - البرٽ آئن اسٽائن

- يادون ميندي مثل آهن، جيڪي سُڪي وڃڻ ڪان پوءِ ئي رنگ ظاهر ڪنديون آهن.

- هي مصيبتون ۽ ڏُک اسان کي پنهنجي گهٽ همت جي ڪري ئي گهڻا خطرناڪ نظر ايندا آهن. (ارسطو)

- ڏاهو ماڻهو دليل ڏيندو آهي ۽ بي سمجهہ ماڻهو دڙڪو ڏيندو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سهارا کسجي ويندا آهن ته وجود به وزني لڳندو آهي.

- نوڪر ڪائڻ کان اڳ جيڪو هوشيار ٿيندو، اهو جلد ڪامياب ويندو. (سقراط)
- جيڪي جاڳ سان آهن، سور به انهن سان آهن.

- ماڻهو عمر جي حساب سان وزن جو هلڪو ٿيئي ته وڌندڙ لڳندو آ، پر جي عمر جي لحاظ کان طبعيت جو هلڪو ٿيندو ته شخصيت جي سونهن وڃائي ويهندو آهي. (مولانا رومي)

- سوچڻ وارن جي ڪائنات، دنيا وارن جي سوچ کان مختلف هوندي آهي.

- دنيا ۾ جيتريون بدلعنتون آهن بُک انهن جي ماءُ آهي. (منٽو)

- زندگي ۾ دوست نه ملندا آهن دوستن مان زندگي ملندي آهي.

- ڪالهه تائين ''سياڻو'' هيس، سڄي دنيا تبديل ڪرڻ پئي چاهيم، اڄ ''ڏاهو'' آهيان پاڻ کي تبديل ڪرڻ ٿو چاهيان.

- نفرت جو مطلب پنهنجي ذات جي ڪمزوري جو اعتراف آهي.
Barudh Spinoza

- دوستن جا بدلجندڙ رويا ڏسي لڳي ٿو ته دوستي جي آئين ۾ ڪو نئين ترميمي بل آڻيو پوندو. (سيف الحق سيف)

- طاقت جي ضرورت تڏهن پوندي آهي، جڏهن ڪجهه برو ڪرڻو هجي، نه ته دنيا ۾ سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ پيار ئي ڪافي آهي.

- ماڻهن کي موت کان خوفزده ڪرڻ کان بهتر آهي ته انهن کي جيئڻ جو حوصلو سيکاريو وڃي.

- پنهنجي ضرورت کي گهٽائيندا، ته آرام ماڻيندا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيڪڏهن ڪو مسئلو آهي تہ ان کي منهنجي زندگيءَ ۾ ٿي حل ٿيڻ ڏيو تہ جئين منهنجا ٻچا امن سان رهي سگهن. (**ٿامسن بين**)

- چوڪري باغ جي صوف جهڙي ٿي وئي آهي، باغائي ڪيس جَون جي مڻ تي پيو وڪٽي. (**چونڊ عالمي شاعري مان ورتل**)

- صدقو اهو آهي، تہ دل ڳالهائي، يعني اها ڳالھ ڪري جيڪا دل ۾ هجي.

- گهٽو روءَ ڪل نہ، گهٽو خوش رهو ۽ ڳالھ نہ ڪر، گهٽو ڏيو ۽ گهٽ کائو، گهٽو جاڳو ۽ گهٽ سمهو. (**حضرت ابوالحسن خرقاني** )

- وڏائي انهيءَ ۾ آهي ، تہ پنهنجي ٿوري مال تي قناعت ڪري، ٻئي جي ملڪيت تي نظر نہ ڪريو. (**حضرت اويس قرني** )

- ڪنهن بہ حالت ۾ پنهنجي حوصلي کي نہ ڪيرائيو، ڇو تہ ، ماڻهو ڪريل عمارت جون سرون بہ کڻي ويندا آهن---! (**ٽالسٽاءِ**)

- عقلمند جڏهن خاموش هوندو آهي تہ فڪر ڪندو آهي، جڏهن ڳالهائيدو آهي تہ ذڪر ڪندو آهي، جڏهن ڏسندو آهي تہ عبرت حاصل ڪندو آهي...

- اسانجي عظيم ماءُ (فطرت) ڪنهن جي بہ سائيبد نہ وٺندي آه ...هوءَ بس زندگي جي توازن جو تحفظ ڪندي آهي ـ ( **اوتار فلم تان ورتل ڊائيلاگ** )

- شراب جي نشي کان بهتر آهي تہ محبوب جي چپڙن تي انگور رکي چوسجن.

مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ مون ڄاتو تہ زندگي مختصر آ..



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا خوشبوءِ اتو گوهيندڙ سنڌياڻين جي سهڻن هٿن ۾ آهي، اها مهڪ پيرس يا يورپ جي ملڪن گهٽين ۾ گهمندڙ برگر عورت جي هٿن ۾ نٿي هجي سگهي. (**ايوب کوسو**)

- صرف اهي ماڻهو بي پناهه محبت ڪري سگهن ٿا، جيڪي سخت صدمي جو مزو چاٽيندا هجن!!

**از فراق تلخ ميگوئی سخن۔۔۔ہر چہ خواهی کن و ليکن اين مکن**

(وڇڙڻ جون تلخ ڳالهيون ٿو ڪرين... هر شئي ڪر مگر ايئن نہ ڪر)

- هڪڙي چمي ڪنهن کي ننڊ مان اٿائي سگهي ٿي يا ان جي ننڊ ڦٽائي سگهي ٿي. **پائولو ڪولهو**

- محنت انساني فطرت جو عظيم مقصد آهي، ۽ اهوئي هن زمين تي خوشيءَ جو ذريعو آهي. **ٽالسٽاءِ**

- ماڻهن کي موت کان خوفزده ڪرڻ کان بهتر آهي تہ انهن کي جيئڻ جو حوصلو سيکاريو وڃي. **ڀڳت سنگهہ**

- خدا جي نظر ۾ ڪنهن ڏکويل جي اک مان ڪريل ڳوڙهو، شهيد جي رت جهڙو مقدس آهي۔ **مولانا رومي**

- ماڻهن جا ڪن نصيحت ۽ مشوري جي ٻڌڻ کان ٻوڙا هوندا آهن، ليڪن خوشامد ٻڌڻ لاءِ سرلا. (**شيڪسپيئر**)

- ڪتابن جي ورقن کان وڌيڪ، انساني چهرن جو مطالعو دلچسپ ۽ سبق آموز هوندو آهي. (**بالمورٽ**)

- خود پرست ڪڏهن بہ خدا پرست نہ ٿو ٿي سگهي ! **سقراط**

- عزم جو انت دنيا جو ڪوبہ عزرائيل نٿو آڻي سگهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- "ان ڳالھ کان خوفزده نہ ٿيو تہ توهان آهستگيءَ سان اسري رهيا آهيو، پر خوفزده ان ڳالھ کان ٿيو تہ توهان غير متحرڪ بيٺا آهيو." (**چيني محاورو**)

- دنيا ۾ ادب ۽ ڪتابن جي ڪڏهن بہ ڊيٽ ايڪسپائر نا هي ٿيندي.

- سئيون ڳالهيون ڪرڻ سان اگر ماڻهو سٺا ٿي وڃن ها تہ دنيا ۾ جيتريون سئيون ڳالهيون آهن اوترائي سٺا ماڻهو هجن ها (**خادم بالادي**)

- هڪڙو تجربو هزار نصيحتن کان بهتر آهي.

- توهان هر انسان کي اهميت ڏيندا رهو. جيڪو لائق هوندو، ان کان خوشي ملندي. جيڪو نالائق هوندو، ان کان سبق ملندو. (**حضرت علي ع**)

- خوشيون خيرات ۾ ملڻ کان ڏک پنهنجا ئي چڱا آهن. (**نامعلوم**)

- اگر ڪنهنجي اکين مان اوهان جي ڪري هڪ لڙڪ بہ لڙيو تہ روز محشر تائين اوهان ان جا قرضدار رهندا. (**حضرت علي ع**)

- خوشيءَ واعدو ڪيو هو تہ هوءَ پنجين ڏينهن واپس ايندي پر جڏهن مون زندگيءَ جو ڪتاب کولي ڏٺو تہ 'زندگي فقط چار ڏينهن هئي.' (**عزيز ڪنگراڻي**)

- صبر قسمت جي طوفانن لاءِ هڪ بهترين لشڪر آهي. (**نامعلوم**)

- عشق قديم ترين ديوتا آهي ۽ سيني کان طاقتور آهي. اهو ئي اصول آهي، جنهن جي پيروي عام ماڻهوءَ کي هيرو بڻائي ڇڏي ٿي. جو تہ عاشق معشوق جي موجودگيءَ ۾ بزدليءَ جو ڏيک نہ ڏيندو آهي. مون کي عاشقن جي فوج ڏيو تہ مان اوهان لاءِ دنيا فتح ڪري سگهان ٿو. (**فيئريڊس**)

- ماچيس جي قيمت کي ڏسي مون کي اها خبر پئي تہ باهہ لڳائڻ ڪيتري نہ سستي هوندي آهي. (**نامعلوم**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



• پاڻ
اُن
اُداس ناول
جا
ٻه
الگ ڪردار
ٿي ويا آهيون
جنهن ڪي
اڪيلائپ
ويجهو اچڻ
ئي نٿي ڏي.

(اياز امر شيخ)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جيڪڏهن پکين جي پيرن ۾ ڌاڳا وچڙي ٻه پوندا آهن، تڏهن ٻه اهي اڏار جي عزم کي ناهن ڇڏيندا. (**جي - ايم سيد**)

• سڻا رشتا گهڙيال هي ڪانٽي وانگر هوندا آهن. جيڪي پاڻ ۾ ڪجھ وقت لاءِ ملندا آهن پر هميشه رابطي ۾ رهندا آهن. (**نامعلوم**)

• جيڪو ماڻهو سماج جي اجتماعي مفادن ۽ انهن جي تحفظ جي عمل جو شعور نٿو رکي اهو سياسي نٿو ٿي سگهي ۽ جيڪو سياسي ناهي اهو مهذب به نٿو ٿي سگهي. (**ارسطو**)

• وڏا وڏا ارادا ڪرڻ کان بهتر آهي ته ننڍاي ڪان ننڍا ڪم ڪري وٺجن. (**پائي لابيلي**)

• ڪو سنت متيءَ ڏانهن ڏسي، ته اها سون ٿيو پوي پر منهنجو محبوب اهڙو ڪونهي، هُو مون کي ئي سون ٿو سڏي پر هُن جي هڪ نگاھ مون کي متي ڪريو ڇڏي. (**شاعر نامعلوم**)

• ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان پيار ڪرڻ جيڪو پيار جي موٽ نه ڏي.
ائين آهي، جيئن پوڄا ڪجي، ڪنهن ٻوڏي ديول ۾، ڪنهن بي پرواھ ديوتا جي!
(**8 صدي عيسوي جي شاعره "ليڊي ڪاسا"**)

• تون پنهنجي پريڻءَ سان ملي، جڏهن ٻهڪين ٿي، ته تنهنجو چهرو، چمڪي سونو ٿي پوي ٿو. ڇڻ ته پارس ڇُهي ورتو هُجئي!
(**9 صدي ۾ بزنطيني يونان سان تعلق رکندڙ شاعره "ڪاسه"**)

• هُو مون تي، ڪو گُناھ نٿا مڙهي سگهن، سواءِ پيار جي.
**1506ع ترڪي شاعره "مهري هاتن**

• پل ته زاهد سمجهن، پيار، گُناھ آهي. مون کي ان پيار لاءِ دوزخ جي باھ جي، بنهه ڪا پرواھ ناهي. **1506ع ترڪي شاعره "مهري هاتن**



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## محبت

جُڙڻ ۽ ڀڄي پوڻ
ڀڄي پوڻ ۽
جُڙڻ جو نالو آهي.
جُڙ،
ڀڄي پئہ،
۽ هڪ ڏينهن اهڙو ڀڄي پئہ،
جو ڪنهن ڪان ٻہ نہ جُڙ
پاڻ ڪان ٻہ نہ....!

(علي اظهار)

• ڌيان ڪر منهنجي پياري! هر هڪ پٽر هيٺان هت هڪ وڇون ويٺل آهي. پراڪسيلا (450 ق.م) يونان

"مانو بدهه تن اَڇهه ڇهَب سُڇهه راکهي ڪاج،
دِرگ پَڪ پُوڇهن ڪُوڪئي بهوشن پا انداج."

ترجمو: (مان توڏي اهو سوچي نٿو ڏسان، ڪٿي منهنجي نگاهہ پوڻ سان تنهنجو حسن ميرو نہ ٿي وڃي.)

"رحمان دهاڳا پريم ڪا جن توڙو چٽڪائي،
توڙي سي جُڙي نهين، بيچ ڳانٺ پڙجائي."

ترجمو: (رحمان! پريم جو ڌاڳو ڇپٽين سان ڇِنڻ جي ڪوشش نہ ڪر، اهو ڌاڳو جي ڇِني ڳنڍبو، تہ ڏهن ٻہ اُن جي وچ ۾ ڳنڍ رهجي ويندي.)

• اوهان بنا ڪنهن نالي جي پيدا ٿيا، پر اوهان پنهنجي نالي سان مرندا. ان ڪري نالو صرف هڪ لفظ نہ پر اها تاريخ هجڻ گهرجي... (ارسطو)

• بارود ناهي تہ پٿرن سان ۽ نڪرن سان، جي تلوار ناهي تہ لفظن، ٻانهن ۽ پاڪرن سان مزاحمت جاري رکو. چاڪاڻ تہ گوڏن پر زندهہ رهڻ ڪان پيرن تي بيهي مرڻ بهتر آ (هوشو شيدي)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اسان فقير ماڻهو آهيون، بازار ڏسي دل جي سلطنت سستي ۾ وڪڻي ڇڏيندا آهيون... !

- <u>هڪ ماءُ جي سوچ جو اُڳر</u>

پهريون پٽ تي گهمندڙ ڪرڙيءَ کان ٻه ڊڄندي هيم، پر هاڻ ماءُ آهيان ۽ نانگ ٻه مٺ ۾ پيڪوڙي ماري سگهان ٿي.

- مان گلن جو عاشق ناهيان پر انهن سڪل ٻجن جي تلاش ۾ آهيان جنهن جو هڪ داڻو پورو باغ پيدا ڪري سگهي ٿو. (مولانا ابوالڪلام آزاد)

- زندگي جون ڪيتريون ئي ناڪاميون انهن ماڻهن جي ڪري هونديون آهن، جيڪي اهو نٿا محسوس ڪن ته جڏهن هو مايوس ٿيا انهي وقت هو ڪاميابي جي ڪيترو ويجهو هئا. (ٿامس اي . ايڊيسن)

- اگر توهان ڪنهن شخص کي ڌوڪو ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃو ته اهو نه سمجهيو ته اهو شخص ڪيڏو نه بيوقوف هو، بلڪ اهو سمجهيو ته ان شخص جو توهان تي ڪيڏو نه اعتماد هو. (امام علي عليه السلام)

- جيڪڏهن توهان منتشر ٿي وڃو ٿا ته مصيبتون متحد ٿي وڃن ٿيون، جڏهن توهان متحد ٿي وڃو ٿا ته مصيبتون منتشر ٿي وڃن ٿيون. (مائوزينگ)

- اهو جيڪو سچ کي ٻڏي ٿو، اهو سچ ڳالهائڻ واري کان گهٽ نه آهي.

- ماڻهو حقيقت ۾ ٻه ماڻهو آهن. هڪ انڌيري ۾ ٻه سجاڳ آهي، ته ٻيو اجالي ۾ ٻه ستل آهي.

- پيهر جڏهن باٿ روم ۾ روئين ته شاور هلائي ڇڏيندو ڪر .... ڪجهه ڳالهيون اسان عورتن کان ٻـ سڪڻ گهرجن ـ شيلا (فلم رين ڪوٽ تان ورتل هڪ جملو)

- سچ ايرڻ تائين ٽئگور جي ڏيئي جي جوت جلايو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• گناھ کان سواءِ زندگي، زندگي ناهي. ان جو سبب اهو آهي تہ گناھ کان سواءِ ”ندامت“ نٿي ٿئي ۽ اگر جي ندامت نہ هجي تہ خوشي نٿي ٿئي.

• مون کي لڳندو آهي تہ مان مائيڪل اينجلو جو اهو آخري مجسمو آهيان جيڪو هو پنهنجي حياتي جي آخري ڏينهن ۾ ٺاهي رهيو هو ۽ اهو اڄ ڏينهن تائين اڌورو آهي ۽ ڪائنات جي اختتام تائين نامڪمل رهندو

• مون کي بس تون هڪڙي پل لاءِ پنهنجي پاسي ۾ ويهڻ جو عيش بخش، جيڪي ڪم مون هٿ ۾ ڪنيا آهن، تن کي پوءِ ٺي پورو ڪندس. رابندر ناٿ ٽئگور

• تون هڪ اهڙي سنگدل راڻي آهين جيڪا پنهنجي غلام جي آڏو لٽا تہ لاهي سگهين ٿي پر ان سان پيار نہ ٿي ڪري سگهين: دوستووسڪي

• مان سڄي رات سوچيندي رهيس ۽ اهو سوچي روئيندي رهيس تہ منهنجو ۽ دشمنن جو خدا هڪ آهي. (نامعلوم)

• پيار گهٽ ستارن جيڏو بہ هوندو آهي، تہ هڪ چميءَ جيڏو ڪشادو بہ.....! پيبلو نرودا (چليءَ جو شاعر)

• تون مون کي چوڪنيو بڻائُ، هتڪڙيون وجهہ، ڪتابن ۽ سگريٽن کان محروم ڪري ڇڏ، منهنجي وات ۾ مٽي وجهہ. چهبڪُ هڻ، پر پوءِ بہ مان پنهنجن نَهن سان، پٽ تي نظم ضرور لکندس.... محمود درويش (فلسطيني شاعر)

• سياست کان پاسو ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ بدڪردار ماڻهو اوهان تي حڪمراني ڪندا آهن. (ارسطو)

• منهنجو لاش جڏهن پاڻيءَ تي تريو ۽ ڪناري تي آيو مون محسوس ڪيو تہ اُها ڳوراڻ منهنجي جسم جي نہ هئي پر ساھ جي هئي.... جينت پانڪ

• پاڻ وٽ نہ اٿئي تہ پنهنجي دوستن کان ٺي وٺ، هڪ ننڍڙي مرڪ. (سرڪش سنڌي)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چيو: ”اَچُ!“
هن چيو: ’ويھ!‘
هن چيو: ’مُرڪُ!‘
هن چيو: ’مري وَڃ!‘
مان
آيسُ، وينس، مُرڪيسُ
۽ مَري ويسُ....
(ويرا جي نالي.... ناظم حڪمت (ترڪيءَ جو شاعر)

• مون لاءِ ڪافي آهي تہ مان پنهنجي ڌرتيءَ تي مران! اُن ۾ دفن ٿي اُن جي مٽيءَ ۾ گم ٿي وڃان! پوءِ منهنجي ديس جا ٻارَ مون سان ڪيڏن، مون لاءِ ڪافي آهي تہ، مان پنهنجي ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ سان چنبڙيل هجان پوءِ ڀَل منهنجي پاڳ ۾ گاهہ ٻٽجٽو هجي يا گُل....!! فِدوا توقان (عرب شاعر)

• هيءَ ماٿهو اڪيلو هو، ڪنهن پاڳل جيان هلي رهيو هو، فوٽ پاٿ سان ڳالهائي رهيو هو. درين ڏانهن نهاري مُرڪي رهيو هو مَن۔ اَندر لُڙڪ لاڙي رهيو هو ۽ اسان هِن کي گرفتار ڪيو....!! زان تارديو (فرينچ شاعر)

• جيئن ئي پهرين ڪويتا پڙهيم، ڪاٻي پيرَ جي جُتيءَ اسٽيج تي اچي نڪاءُ ڪيو ”هڪڙي جُتيءَ ڪي ڇا ڪندو...؟؟!“ آڊينس مان آواز آيو ”ڪا ٻي ڪويتا بہ ڪٽي ٻڌايو سرڪار...!!“ ريسڪ مهتا (هندي شاعر)

• دشمن ڏانهن....
قاتلو! مون کي گوڏن ڀر ڌسڻ ڏيو سر نوڙ ڪوشش نہ ڪريو! اَڇو! مون کي ڏيئو نہ گهرجي تنهنجو رت سان رڱيل هٿوڙو منهنجي اک کي نہ چنيائيندو مان ويهي نہ، بيهي مرندس.... موسيٰ جليل (روسي شاعر)

الوداع....
• مان، جيڪڏهن مَري وڃان، وراندي کي ڪليل ئي رهڻ ڏجو. ننڍڙو نينگر صوف کائي پيو، مان ڪيس وراندي مان ڏسي . هاري سنگ لٽي پيو مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وراندي مان سندس آواز ٻڌي سگهان. مان، جيڪڏهن مري وڃان، وراندي کي کُليل ئي رهڻ ڏجو. فريدرڪو گارشيا لورڪا (آسپيني شاعر)

• اَڏُ....

ڏڳهو ڇوڪر آيو، پنهنجي ڪلهن تي هڪ مڇي کڻي جنهن جو مٿيون حصو عورت جو هو ۽ هيٺيون حصو مڇيءَ جو. هن مهاڻي ڇوڪر هڪ مڇي ڦاسائي اَڌ کائڻ لاءِ اَڌ شاديءَ لاءِ. لينگسٽن هيُوز (آمريڪي شاعر)

• پرهه ڦٽي....

تڏا، پر چست هَٿ اونداهيءَ مٿان ويڙهيل تلهيون پٽيون، هڪ هڪ ڪري لاهين ٿا. مان پنهنجون اکيون کوليان ٿو، ته ائين پاسي ٿو، ڇڻ مان جيئرو آهيان، ان زخم جي وچ ۾، جيڪو اجان تازو آهي....
اوڪتاويوپاز (لاطيني آمريڪي شاعر)

• دنيا جتي دوستن کي ٽشو پيپر وانگي استعمال ڪري اڇلايو ويندو آ،اتي مون توکي ڪنهن مقدس ڪتاب جي ورق جيان جمي اکين تي رکيو آ دنيا مونکي چريو چوڻ لڳي آ..

• دل، هڪ اهڙي اين جي او آهي، جيڪا، ڪيتري به، رشوت ڏيڻ باوجود،رجسٽر نہ ٿي ٿئي.! (خوابن جو لانگ مارچ - تان ورتل)

• دنيا ۾ سب ڪان وڏيڪ گهر اُن خدا جا آهن، جنهن کي ڪنهن گهر جي ضرورت ئي ناهي. ٻئي پاسي ڪروڙين انسان سڄي حياتي بي گهر بنجي زندگي گذارين ٿا!

• جيڪڏهن ڌرتيءَ تي رڳو ٻہ ماڻهو ئي وڃي بچن، جيڪي هڪ ٻئي جا دشمن بہ هجن تہ شايد دوست ٿي پون.
(سرڪش سنڌي ـ ڄوٽيون جيءَ جهان جون واليم 1)

• ڌرتيءَ جا ڪروڙين انسان پيٽ سان پٿر ٻڌي ٿا جيئن، ۽ تون ڪروڙين ڊالر خرچ ڪري چنڊ تان پٿر کڻي آيو آهين!
(وساري نہ ڇڏجو ـ ادل سومرو)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ايڏو رڳم توکي ڪنهن ڏنو آهي! ڪاش تنهنجي پيرن جي پٺي هجان ها اي ناچڻي! ڪهڙيءَ نہ سهڻي طرح پيئل هجان ها!
(رياضت برڙو- شام جي هوا)

• تون مون کان، چميءَ جو رنگ پڇين ٿو، تہ ٻڌ: جڏهن متيءَ کي روح چميو تہ انسان ٿيو، ها چُمي جو رنگ انسان جهڙو ئي آهي"

• اسان چمڪ جا هيراڪ آهيون، ان ڪري اسان کي "هيملاڪ" بہ خوبصورت پيڪنگ ۾ ڏنو ويندو آهي.

• تو سواءِ منهنجو وجود، تاڙي نڪتل ڪجي جيان ٽي پيو آهي ان ڪري هرڪو مونکي سواليہ نظرن سان ڏسي ٿو.

• زندگيءَ جي ڪتاب ۾ ايتريون غلطيون نہ ڪيو جو پينسل کان اڳي ربڙ ختم ٿي وڃي. (امرتا پريتم)

• هنن کي دانشوري ٿي پئي آهي، جيڪڏهن دانشوري ٿي پئي تہ اها ڪينسر کان وڌيڪ خراب هوندي آهي..! (حسام ميمڻ)

• پکي مختلف آوازن جا ڏينهن جي پڇاڙي تائين محبت ۾ ترجما ڪن ٿا. (فاضل حنود گلارڪا - ترڪي)

• (اخبار)

بي خبر ماڻهو صبح جو اٿڻ سان، اڪيون مهٽڻ کان پوءِ اخبار پڙهڻ ۾ جنبي ويندا آهن. سرخين کان بقايائن تائين سڄي اخبار چٽي ويندا آهن ۽ سمهي پوندا آهن. وري ٻئي ڏينهن اٿندا ۽ ساڳيو ئي بي خبر .... باخبر ماڻهو، ڪڏهن بہ اخبار نہ پڙهندا آهن. (ڊاڪٽر خادم منگي ـــــ ڪُمبا ڪنديس ڪيڙا)

• نرواڻ:

تنهنجي اکين جون آيتون پڙهندي پڙهندي، مون کي نرواڻ ملي ويو ۽ مان گوتم جو مجسمو ٿي ويس. (ڊاڪٽر خادم منگي ـــــ ڪُمبا ڪنديس ڪيڙا)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• خدا جي نظر ۾ ڪنهن ڏکويل جي اک مان ڪريل ڳوڙهو، شهيد جي رت جهڙو مقدس آهي . (رومي)

• جڏهن ڪو شاعر مري ٿو تہ خدا سپ ڪان پهريان محسوس ڪري ٿو.
(فاضل حنود گلارڪا ـــ ترڪي)

**دامنِ تهہ سنگ آمده پيمانِ وفا (فيض احمد فيض)**

وفا جو واعدو ائين آهي، جئن پٿر هيٺان پاند اچي وڃي.

گمان مدار ڪہ تو چُون بگذري، جهانِ بگذشت
هزار شمع بڪشتند و انجمنِ با قيست.
(اهو خيال ۾ بہ نہ آڻ تہ جڏهن تون اُجهامي ويندين، تڏهن سارو جهان اجهامي ويندو. هزار شمع اجهامي ويون هن پر محفل اجان باقي آهي.)

I HAVE NO GUN,BUT I CAN SPIT..........
مون ڪي بندوق تہ ڪانهي پر مان ٿُوڪاري سگهان ٿو..
(انگريز شاعر آڊن)

• ڪنهن ڪُتي سان دوستي ٿي وڃڻ جو اهو مطلب ناهي تہ لَٺ ڀَڃي ڇڏجي.

• ماڪيءَ ۾ هٿ وجهڻ وارو، آڱريون چَٽڻ تي مجبور ٿئي ٿو.
• بيوقوف جي دِل، هن جي وات ۾ هوندي آهي ۽ عقلمند جو وات هن جي دل ۾.

• پيٽ ڀرجڻ بعد جيڪو کائي ٿو، اهو پنهنجي قبر ڏندن سان کوٽي ٿو.

• دولتمند ڪُتو بہ ’صاحب‘ سڏجي ٿو.

• بيضي جي ڇا مجال جو پٿرن سان وڙهي.

• پنهنجي گهر ۾ ٻليءَ کي بہ شينهن جا ڏند ٿين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- توهان جي زال توهانجي گهر ۾ هجڻ ڪپي يا قبر ۾.

- جيئن صحرا جي ٿڪل مسافر لاءِ واريءَ جو طوفان آهي، تيئن لفظ ان انسان لاءِ آهن، جيڪو خاموشي پسند ڪري ٿو.

- ملڪ جو حاڪم جي ڏينهن تتي جو اعلان ڪري ته، رات آهي ته عوام کي تارن جي تعريف ڪرڻ ڪپي.

- جيڪڏهن ڪُتن جون دعائون قبول ٿين ته آسمان مان روز هَڏن جو مينهن وسي.

- اچيءَ پڳ مان ماٿهوءَ جي وڏي ماٿهپيءَ جو اندازو نه لڳاءِ، صابڻ اوڏر تي به ملي ٿو.

- ڪانگ جي پٺ وٺي هلڻ وارو ٻوندي تي ئي پهچي ٿو.

- ڳوٺ جو دروازو بند ڪري سگهجي ٿو پر بيوقوف جو وات هرگز نه.

- نهنائيءَ سان توهان شينهن جون مڇون به پٽي سگهو ٿا.

- اٺ جي خريدار کي پهرين پنهنجي گهر جو دروازو مٿانهون ڪرڻ ڪپي.

- هر ڪُتو پنهنجي جسم تي چنبڙيل ٻگهين کي هرٽين جهڙو سهڻو سمجهي ٿو.

- يلي ياڳ واري کي توهان نيل نديءَ ۾ اڇلائيندئو، ته به نه ٻڏندو. هو سلامت ٻاهر نڪري ايندو ۽ مڇي سندس وات ۾ هوندي.

- سچ جي غير حاضريءَ ۾ ئي چنڊ چمڪي ٿو.

- مڇي چار ۾ ڦاسڻ بعد ئي سوچڻ شروع ڪري ٿي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• زندگي امڙي طريقي سان گذاريو جو جيئرا هجو ته ماڻهو توهان سان ملڻ جي خواهش رکن ۽ جي مري وڃو ته ماڻهو توهان کي ساري روئن.

• اڄ کان ڏيڍ پوڻا ٻه سو سال اڳ سنڌ جي ان وقت جي حڪمران مير نصير خان ٽالپر کي هڪ سنڌي بهادر علي بخش لغاري. تلوار جو تحفو ڏنو. مير صاحب تلوار جانچي ڏٺي ۽ چيائين.... ”منهنجو نه ٿيو اٿس. جيڪڏهن منهنجو رتي برابر وڏو هجي ها ته دشمن تي واهه جو وار ڪري ها.“ ته مير صاحب جي ڳالهه ٻڌي علي بخش لغاري وراڻيو.... ”مير صاحب رتئين سون وڪامندو آ..... سوين سر ڏئي وٺبي آ، وار وڪ وڏائي ڪبو آهي.“

• ڏک ورهائجي نه ٿا سگهن ، نه ته تون منهنجي من جي زمين. سورن سان ستيل ڏسين ها.

• بائيبل ۾ آهي ته ”جڏهن هڪ انڌو ٻئي انڌي جي رهنمائي ڪندو ته ٻئي کڏ ۾ وڃي ڪرندا.“

• اولاد کي پلي سون جو گرهه کارائيو پر سدائين شينهن جي نظر سان ڏسو.

• جيڪڏهن اوهان هن کي ڏسندؤ ته ڇاٽي سگهندؤ ته پکي هن جي وات مان اُڏامندا آهن، ۽ روشني هن جي وارن ۾ ستل هوندي آهي، هن جي آڱر دائرن ۾ دائرا ٺاهيندي آهي. اهو پل مان ٻڌائي نه ٿو سگهان پر مان ڏسندو آهيان ته هن جي آڱر رات جي آسمان کي ڇُهندي آهي هن مون کي ٻڌايو هو ته: ’رات وارو آسمان هن جي تخليق آهي....!!‘ پر هن جي آڱر منهنجي نظم ۾ هڪ سِٽ وانگر آهي.... **ٿام ميڪ ڪيون (آمريڪي شاعر)**

• ماک ڪرندي ڪنڊا به نه ڏسندي آ.

• تو کي تقدير ۾ اعتبار نه آهي، مان ٻانيان ٿو ته اها ڳالهه به تنهنجي تقدير ۾ آهي. **(شيخ اياز)**



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• مان پنهنجي پٽ جو نالو "يزيد" رکندس ته ڇا ان ۾ "يزيدي خصلت" اچي ويندي؟

(نامعلوم)

• هپي قبول ڪن ٿا ته دنيا کي بدلائي نه ٿو سگهجي، ان ڪري سٺو آهي ته پاڻ کي بدلائجي

موهن ڪلپنا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• فطرت اسان کي آزاد پيد ڪيو. پر اسين هر هنڌ زنجيرن ۾ جڪڙيا پيا آهيون.

• اها فقط خدا جي قدرت آ جو متيءَ تي پوي ته ماڻهو ٿا هي چڙي.

• حضرت لقمان پنهنجي پٽ کي چيو: ''ڪڪڙ کان گهٽ نه رهجاءِ جو اهو اَسُر سان پڪاري ٿو ۽ تون سمهيو رهين.''

• ڇا شرافت ماڻهوءَ کي ڏڄڻو ڪري ڇڏيندي آ.؟
''تي سگهي ٿو ته ائين هجي پر منهنجي خيال ۾ ته پرائي پيٽ پويان لڳڻ ڪري ماڻهو شينهن جي کَلَ لاهي گدڙ جي کَلَ پائيندو آ.''

• جڏهن تو ۽ مون. ٻئي جي بک کي پنهنجي بک سمجهو ته هن ڌيهه تان ڏڪار لهي ويندو.

• جيئن درياهه جي پاڻي جي قسمت ۾ ڪُنَ هوندا آهن. تئين عورت جي قسمت ۾ به بروپا پلو پر رڳو انسان هوندو آ.

• پيٽ جي دعا ياءُ کي لڳندي آ. ڇو ته اها تج ۾ ٻڏل هوندي آ.... ان ڪري ئي چوان ٿو ته نياڻن سان نه اُڇاءِ.......

• ڇا اها تنهنجي شرافت آ ته هر ننڍي وڏي ڳالهه تي لٽ ڪنيون متائين بينو آهين.

• ''وقت جو قدر ڪر... ڇو ته ڪائنات جي پڇاڻي تي به صرف وقت ئي باقي بچندو."

• ''نه حَسين عورت آ ۽ نه وري گلاب جا گُلَ. پر وقت جون ڪجهه گهڙيون آهن جيڪي زندگيءَ جي اونداهي رات ۾ روشن ستارن جيان چمڪنديون آهن.'' ڪرشن چندر

• 'ڪتي جي پونڪڻ سان فقير جي روزيءَ ۾ فرق نه ايندو آ' پر اڄ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪله فرق پوي ٿو ڇو ته اڄ جو ڪتو نه رڳو ڀونڪي ٿو پر چڪ به هڻي ٿو.''
(نامعلوم)

• جيڪي به ملڪ جنگ جو شڪار ٿيندا آهن ته اتي جي ماڻهن جو اخلاق ۽ عظمت سڀ کان اول تباهه ٿيندا آهن. ۽ ڪنهن کي به برائي جو احساس نه ٿيندو آ.

• عرب شاعر زهير بن ڪعب جي چواڻي ته انسان جي قيمت سندس دل ۽ زبان کي ڏسي لڳائبي آ، ڇو ته ماڻهو جو باقي جسم، رت ۽ ريل گوشت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي.

• نفرت نه ڪر....... ڇو ته مون کي ڪوبه اهڙو مندر، مسجد يا ڪليسا ڪونه ٿا سجهن، جتي تنهنجون نفرتون ڌوپي سگهن.

• حسن جي تڪميل جو خيال فقط انهيءَ کي زيب ڏئي ٿو. جنهن حسن جي تخليق ڪئي هجي.

• محبت جڏهن جسم ۽ جان جي تقاضائن کان بلند ٿي ويندي آه ته الهام بڻجي ويندي آ ۽ حسن جڏهن لطافت جو آخري حدون ڇهندو ته سرهاڻ بڻجي ويندو آ.

• جيڪڏهن ڪابه راءِ بنا، خوشامد ڪرڻ جي تمام جلدي ڏني وڃي ته دنيا مان دوستي ختم ٿي ويندي.

• ڪي ماڻهو پيدائشي ميزبان هوندا آهن ته ڪي وري پيدائشي مهمان. پهرئين گروپ وارن ماڻهن کي مهمانن کان سواءِ مزو نه ايندو آ. جڏهن ته ٻئي گروپ وارا رڳو مهمان بڻجڻ ئي چاهيندا آهن.

• هر برائي جا ٽون پاڻ سان نه ٿو چاهين، اي ياءُ! ٻئي ڪنهن سان به نه ڪر. جي توکي تنهنجي ماءُ پياري آ ته منهنجي ماءُ کي گار نه ڏي. (شيخ سعدي)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• موت زندگي جو دشمن نہ پر ہيو پاسو آ. موت تي ماتم ڪرڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آ تہ ماڻهن زندگيءَ کي نہ سمجهو آ. موت ئي هن دنيا ۾ اُها واحد شيءِ آ جنهن کي ماڻهو ڪرپٽ ڪري نہ سگهيو آ. ۽ موت اجا تائين معصوم ۽ اڻ ڇُهيَ چيز آهي. (اوشو)

• واريءَ ۾ اچلايل پٿر ڪڏهن بہ آواز نہ ڪندو آهي.

• نئون عشق ڪرڻ سان نئين جواني ملندي آ.

• مرندڙ ماڻهو نہ تہ پاڻ کي ملندڙ آڪسيجن جا پئسا ڳڻيندو ۽ نہ وري انهن بابت ڳڻتي ڪندو آ.

• عورت جو ڏڪُ يا تہ سندس مڙس يا قبر جي مٽي آهي.

• فطرت جي تعاون کان سواءِ ڪوبہ شاهڪار وجود ۾ نہ ايندو آهي.

• ''گوشت جي بوءِ سنگهي سوين ڪتا ڪهي ايندا آهن.'' ۽ توکي خبر آهي تہ اُهي ڪتا ڪير آهن؟ ...... اهي جن کي تو يا مون اهميت ڏني.

• مايا تي موهجي، ماڻهوءَ جو ملهہ نہ ڪَٿِ اي ياءُ، ياد رک تہ انسان فرشتن کان بہ عظيم آ.

• موت جي گهر جو دَرُ صرف غريب نہ پر امير لاءِ بہ کليل هوندو.

• اهو چاٽيندي بہ تہ مَن مان مير ڪڍي جيئڻ وارن لاءِ دنيا جنت وانگي آ تہ پوءِ هي نفرت جا نانگ ڇا لاءِ پيو پالين.

• تاريخ مٽيءَ جو اهو طوفان آ جنهن ۾ ماڻهو تہ ڇا تهذيبون بہ لٽجي وينديون آهن.

• قسمت جو آسرو ڪمزور ماڻهو ڪندا آهن. همت وارو ماڻهو تدبير سان پنهنجي تقدير سنواريندو آ.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- دل ۾ هر انسان جو خانو الڳ هوندو آ. ضروري ناهي تہ هڪڙي جو راز ٻئي کي ٻڌايو وڃي. ها باقي محبتون ونڊڻ ۾ فرق نہ رکجي.

- مرد تہ رڳو هڪ ڀيرو مرندو آهي. پر ان سان لاڳاپيل عورت. مرد جي مرڻ کان پوءِ جيترو عرصو جيئري رهندي آهي. خبر ناهي ڪيترا ڀيرا مرندي آهي .

- افلاطون عورت جو وڏو حمايتي هئو پر هن بہ دعا گهري هئي ۽ شڪر ادا ڪيائين تہ ڪيس هن جڳ ۾ مرد ڪري پئدا ڪيو ويو.

- ماڻهو موت کي وساري سگهي ٿو پر موت ڪڏهن بہ ماڻهوءَ کي وساري نہ سگهندو.

- ياد رک تہ قسمت ڪڏهن بہ ماڻهو جو قد ڪڇي يا سونهن سوڀيا ڏسي نعمتون ڪونہ ورهائيندي آ، پر اهو سڀ محنت جو قل آ.

- تون سمجهين يا نہ پر اها حقيقت آ، تہ توکي ڏسي پوڙها بہ جوان ٿيڻ جون دعائون گهرندا آهن.

- ڇا تون دنياداري ۽ ديانتداري ۾ فرق سمجهين ٿو "دنيا داري" لفظ چوري، رشوت ۽ پنهنجن کي نوازڻ جو نالو آ.

- ياد رک تہ دنيا جو هر ميل ذهن . وقت ، محبت ۽ موت جي ٽڪنڊي ۾ گم ٿي ويندو آ.

- ڪتي توکي چڪ پاتو. تون چوين ٿو تہ "ان سان پلاند ڪندس. ڇا بدلي ۾ تون بہ ڪتي کي چڪ پائيندين."

- ياد رک تہ ڪي ماڻهو ننڊ ۾ ئي مري ويندا آهن تہ ڪي وري موت جي تختي تان بہ بچيو وڃن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڪنهن جي مجبوري مان ايترو فائدو نہ وٺ جو هن کي وڌيڪ مجبور ٿيڻو پوي.

- رزق جيڪڏهن عقل سان حاصل ٿئي ها تہ دنيا جا سڀ بيوقوف بکيا مري وڃن ها.

- محبت ڪان منهن موڙي نفرتن جي ڪيتي ڪيڙيندڙن کي بتئي ۾ صرف ڪنڊا ئي پلئہ پوندا آهن.

- چا توکي خبر نہ آهي تہ لفظ ماحول جي پيداوار آهن. هن جو ڪو بہ ملڪ ۽ ڪابہ سرحد نہ ٿيندي آ.

- زر زن ۽ زمين جي چڪر ۾ نہ ڦاسُ اي منهنجا ياءُ! ياد رک اهي شيون رت کي رت ڪان ڌار ڪن ٿيون.

- نوڙت سان نينهن رک اي دوست ! چو تہ جيڪا ٽاري نمندي ناهي سا ٽٽي پوندي آ.

- محبتن جي ميراث اهڙي مڏي آ. جيڪا جهول پري ورهائڻ سان بہ نہ ٿي کٽي.

- منافق ماڻهو مان ڪنهن بہ چڱائي جي اميد نہ ڪر چو تہ سنڌ عورت ڪڏهن بہ پار چڙهي نہ ٿي سگهي.

- پنهنجي ڏيهہ واسين مان نا اميد نہ ٿيءُ منهنجا ياءُ پر ياد رَکُ تہ ڪم ڪرڻ وارا سڪٽي ڪني وانگي گهٽو نہ ايامندا آهن

- واندو ويهڻ ڪان چڱو اٿئي تہ ڪو ڪتاب پڙهہ. چو تہ ڪابہ ڪرت اختيار ڪرڻ سان . ماڻهو بيڪار ڪمن ڪان آجو ٿي، ذهن کي تازو ڪندي، پنهنجي جيون ۾ ڪو مقصد تہ پيدا ڪري سگهي ٿو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• حالتون روايتن کي ختم ڪنديون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن تمام اعليٰ قدر به وقت جي هٿان تباهه ٿي ويندا آهن.

• روپلي ڪولهيءَ جي زال پنهنجي ابتي ٽنگيل مڙس ڏي ڏسي ۽ چيائين، انگريزن اڳيان نه جهڪجانءِ روپلا! نه ته مون کي ڪارونجهر جون ڪولهياڻيون مهڻا ڏينديون.

• جنگي سپهه سالار غلام قادر روهيلي جڏهن دهليءَ ۾ مغلن جي محل تي قبضو ڪيو ته اتي رهندڙ شهزادين کي الف اگهاڙو ڪري خنجر هٿ ۾ ڏيئي ناچ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ چادر اوڍي سمهي رهيو. جڏهن ته مايون ٿڪاوٽ کان چور ٿينديون به نچنديون رهيون. روهيلي پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي گهرائي چيو ته ”مون دهلي فتح ڪو نه ڪئي آهي، پر...... مغلن جي غيرت ئي مري ويئي هئي.“

• عشق صرف هڪ، پر معشوق ڪيئي هوندا آهن ۽ ڪنهن عشق تي ته فرشتا به ساڙ ڪن ٿا.

• ڪير پلي ڪيڏي به ڪوشش ڪري پر ڪَئين غلط شيون گڏي به هڪ صحيح شيءَ ڪو نه ٿي ناهي سگهجي.

• انڌا ماڻهو اونداهيءَ ۾ هڪ اهڙي ڪاري ٻلي کي ڳولي رهيا آهن. جنهن جو ڪو وجود ئي ڪونهي.

• ”هر سهڻي عورت جو حسن. ڪنهن به ماڻهو جو ذهن خراب ڪري سگهي ٿو.“ **تيمورلنگ**

• مان مٽيءَ جي روح جو خواب آهيان ۽ سياڻي ان ئي مٽيءَ ۾ سمهي پوندس.

• پرديسي پلي لک پيرا سونو ٿي پوي پر ان سان يا ري نه لائجانءِ. پر هڪ لحاظ کان پرديسي چڱو آهي جو ياد ڪري روئي ٿو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• تون هر ڳالھ کي قسمت جو لکيو ٿو چوين. پر ڪڏهن ڪڏهن تہ ماڻهو جي پنهنجي بيوقوفي تجربي جي ڪوٽ بہ ڪيس بد قسمت بڻائيندي آ.

• جي تو محبت جي موت محبت سان ڏني تہ سک جا سوين ڪوٽ اڏجي سگهجن ٿا.

• ڪنهن ٻئي جي پاڻ تي توک ڪان پهريان ، ڇا تون پاڻ ۾ پنهنجا عيب ڳولي نٿو سگهين.

• اهو ڄاڻيندي بہ تہ مان رڳو محبتن جي ڪيتي ڪيڙيندو آهيان. تون مون کي نفرتن جي پوک پوکڻ لاءِ ڇو چوين.

• سچ ۽ سونهن، توکي ڪڏهن بہ ڪنهن سڌي رستي تي نہ ملندا، انهن کي پائڻ لاءِ توکي اٽانگين ۽ دشوار راهن جو تعين ڪرڻو پوندو.

• مسلمان..... ڪنهن ڪولهياڻي عورت سان سمهي تہ سگهي ٿو پر ان کي پنهنجي گلاس ۾ پاڻي پيئڻ نہ ڏيندو.

• اي آدم جا اولاد! پنهنجي حوس جي باھ اجهائڻ لاءِ سڀ ڪجھ جائز ٿو سمجهين پر... ٻين جي اڃ اجهائڻ لاءِ ڪي بہ ڪونہ ٿو سوچين..

• ڪاش! ماڻهو ان هنڌ پيدا ٿين جتي ڪي بہ فضول رشتن جون حد بنديون نہ هجن.

• ”جيڪڏهن دشمن دعا گهري تہ ضرور قبول پوندي آ.“ **عربي قول**

• جيڪڏهن ڪو غلام ننڊ ۾ ستل هجي تہ ان کي آرام لاءِ ڇڏي ڏيو. ڇو تہ متان هو ڪو آزاديءَ جو خواب ڏسندو هجي. پر اهو ڇوان ٿو تہ ان کي ٿڏو هڻي بہ اٿارڻ گهرجي، ڇو تہ آزادي سستي ڪو نہ ملندي.

• جلاوطن رهڻ ڪان وطن ۾ قيد رهڻ بهتر آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وقت سمونڊ جي انهيءَ ڇولي وانگر آهي جيڪا اڳتي وڌڻ کان پوءِ پوئتي نہ موٽندي آهي. وقت هٿن مان ترڪندڙ واري وانگر آهي.

- دوست جي سوڪڙي ڪيتري بہ ننڍڙي هجي پر اوهان دل سان قبول ڪريو.

- انسان جو وڏو ۾ وڏو دشمن سندس ذات آهي. ڇو تہ هن کي پنهنجي ذات تي فخر آهي.

- ايترو نرم نہ ٿي جو نپوڙيو وڃي، ايترو سخت نہ ٿئي جو ٽوڙيو وڃي.

- 'انسان ۽ حيوان ۾ فرق ؟'
'انسان جي هٿ ۾ ڪاتي آهي ۽ حيوان ان ڪاتي هيٺان'

- اڪيلو شخص محفوظ آهي ڇاڪاڻ تہ هو گناهہ جي تڪميل ہن سان ٿئي ٿي. **شيخ عبدالقادر جيلاني**

- عاقل ۽ دانائُ شخص جي دماغ ۾ بہ بيوقوفي جو هڪ عنصر ضرور هوندو آهي. **ارسطو**

- خواهشون پلي ڪر پر حد اندر ڇو تہ ڳاهہ جو تيلو جبل جو بار کڻي ڪو نہ سگهندو آ. (**مولانا رومي**)

- اي ساقي! مون کي موهن جي دڙي جي مٽي مان ٺهيل پيالي ۾ شراب ڏي ..... مٽان اها مٽي منهنجي وڏڙن جي هجي. (**ايراني شاعر جو شعر**)

- جيڪي ماڻهو پنهنجي ڌرتي سنڀالي نہ سگهندا آهن. انهن کي دنيا جي ڪابہ مٽي، پنهنجي هنج ۾ پناهہ ڏيڻ جو ڏوهہ نہ ڪندي آ.

- هر هڪ ڪميڻو ڪم ظرف هوندو آهي، پر هر ڪم ڪميڻو نہ ٿو ٿي سگهي. ڪي ڪم سٺا بہ ٿيندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- رستو ڪيترو بہ اونداھو ھجي پر ماڻھو تہ روشنين ۾ ئي آس رکي ٿو.

- مايوسين جي انتھا انقلابن تي ٿيندي آھي.

- حڪمت، روح جي حياتي آھي.

- جدوجھد نہ ڪرڻ محتاجي جو باعث آھي.

- تڪليف ڪان نہ ڊڄ، ڇو تہ تارا اونداھيءَ ۾ ئي چمڪندا آھن.

- عقل جھڙي ڪابہ دولت ڪانھي، ۽ جھالت جھڙي ڪابہ غربت ناھي.

- جھيڙي ۾ ٽپڻ تمام سولو آھي، پر نڪرڻ تمام مشڪل آھي.

- معاف ڪرڻ، دشمن تي فتح حاصل ڪرڻ آھي.

- جيڪڏھن دوستي جو اھل نہ ملي تہ نااھل سان دوستي نہ رک.

- جيڪي ماڻھو توھان جا دوست ٿيڻ گھرن ٿا، انھن جا دوست ٿيو، عامل سڏبا.

- گھٽ عمر واري جا گناھ پاڻ کان گھٽ ڄاڻي ان جي عزت ڪر.

- خوشامد ماڻھو تولاءِ تڪبر جو ٻج آھي.

- اھي عالم حق تعاليٰ جا دشمن آھن، جيڪي اميرن وٽ وڃن ٿا ۽ اھي امير حق تعاليٰ جا دوست آھن، جيڪي عالمن وٽ وڃن ٿا.

- ظالمن کي معاف ڪرڻ مظلومن تي ظلم آھي.

- زبان جو لوڏو، قدمن جي لوڏي کان وڌيڪ خطرناڪ آھي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- خواب پلي ڪڙا ٻه ڏسڻ پر رڳو ننڊ ۾ ئي اکيون پنهنجون هونديون آهن.

- تون منهنجي هر جنون جو ساحل آهين ۽ ساحل کي پنهنجو ئي تقدس آهي تڏهن ته ساحل تي هميشه پيرين اگهاڙين هلبو آ

- جيڪا جنگ بغير لڙڻ جي هارائبي آهي، اُها منهنجي اندر ۾ آهي

- اڪيلي وک ڳوري ئي نه ڏنگيندڙ هوندي آهي، پنهنجي وک ڏي ته زندگي ڏانهن پنڌ ڪيان.

- گهڻن ڏينهن کان سُتي ناهيان، شب بخير جي چُمي موڪل ته ننڊ اچي.

- جا شام تو وٽان اداس موٽي هئي، مون اڄوڪي شام واري چانهن اُن سان پيتي آهي.

- دوستي پنهنجي ئي اندر جي گهٽين جي مسافري آهي، دوست ته فقط گهٽيون دريافت ڪن ٿا. (**امر سنڌو ـ اوجاڳيل اکين جا سپنا**)

- بد بُنياد ماڻهوءَ تي نيڪن جو اثر پوڻ ايئن محال آهي،جيئن ڦُبي جي چوٽيءَ تي اکروٽ جو بيهڻ ناممڪن آهي!" **شيخ سعدي**

- انا جي جنگ ۾ هارايل رشتا وري ناهن جڙي سگهندا. انا جي تسڪين عارضي هوندي آهي ان عارضي تسڪين تان عظيم ۽ خوبصورت رشتا قربان ڪرڻ وارن ماڻهن جي آجيان سدائين اڪيلائي ڪندي آهي.... (**امر جليل**)

- مهاتما گانڌيءَ چيو هو ته، "جي اسان هندستاني هڪ هڪ ٺُڪ ڦِتي ڪريون ته سڀ انگريز انهيءَ ۾ ٻُڏي مرن." اسان تي جبر ڪرڻ وارا ته ايترا به ڪو نه آهن! **شيخ اياز**

- حساس پولنگن تي ته فوج مقرر ڪئي وڃي ٿي مگر حساس دلين تي ڪهڙي سيڪيورٽي مقرر ڪجي...!؟ (**حبيب لغاري**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• مون دل جي دروازي تي لکيو، "اندر اچڻ منع آهي" مُحبت کِلندي آئي، دل جي دروازي تي قدم رکندي چيائين، "معاف ڪجان، آئون انڌي آهيان." (**گمنام**)

• قومن جا حق لفظن جي جادوگري سان نہ بلڪ شيهي جي گولي سان ملندا آهن، سامراجي راڪاس فقط ان قوم جي اڳيان جهڪندو آهي جنهن قوم جون آڱريون رائفل جي ٽريگر تي هونديون آهن !۔ **چي گويرا**

• ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجي هٿن تي موجود ڏنڌلين لڪيرن تي غور ڪندو آهيان تہ محسوس ٿيندو آ تہ منهنجي زندگي جي ليڪ ڪنهن وڏي سيلاب جي زد ۾ اچي ويل ريل جي پٽڙي جيان آهي جيڪا ڪيترن ئي هنڌن تان اکڙيل آهي .......

• جڏهن مونکي خبر پئي تہ بخمل جي گدن ۽ پَٽ تي سمهڻ وارن جا خواب هڪ جهڙا هوندا آهن تہ مونکي خدا جي انصاف تي يقين اچي ويو. (**خليل جبران**)

• تون هڪ اهڙي سنگدل راڻي آهين جيڪا پنهنجي غلام جي آڏو لٽا تہ لاهي سگهين ٿي پر ان سان پيار نہ ٿي ڪري سگهين: **دوستو وسڪي**

• جي جوانن ڪان اهو ڪم نہ ٿيو تہ اي پيارا وطن! تنهنجي حفاظت تنهنجي سرزمين جون ڪنواريون ڇوڪريون ڪنديون.

• اي ڪتاب! ٽڪڙو ٽڪڙو ختم ٿي. مون پويان وطن ۾ بيمار ڇڏيا آهن.

• ڇوڪري باغ جي صوف جهڙي ٿي وئي آهي. باغائي ڪيس جون جي مٿ تي پيو وڪٽي.

• جڏهن منهنجو محبوب مون سان گڏ هوندو آهي، تڏهن دهليءَ جي تخت تي منهنجي اک بہ ڪانہ ٻُڏندي آهي.

• ڪتي! مون تي نہ ڀونڪ! تنهنجي مالڪيا ٽيءَ جو گهر ايل مهمان آهيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• منهنجو محبوب تلوارن جي چمڪات ۾ بہ منهنجي ٻانهن مضبوطيءَ سان پڪڙيو بيٺو هو.

• آءٌ پنهنجي سيني جو تخت توکي انعام ڏينديس، جو تو قوم جي غدار جي رت سان پنهنجا هٿ رنڱيا آهن.

• آءٌ جوان ڇوڪرين جي سردار ٿي وئي آهيان، جو منهنجي محبوب سيني ڪان اڳ وڏي مورچو سنڀاليو آهي.

• رڻ تي تہ محبوب ڪي ڪٽ تي ڪٽيو پيا اڇن. منهنجي دل ٻُڌڻ لڳي تہ متان پُٺ ۾ ڌڪ لڳل تہ ڪونهيس.

• منهنجي ٽُڪر ٽُڪر لاش ڪي منهنجي ماءُ جي اڳيان رکو تہ پاڙي جون ڪنواريون ڇوڪريون ڪيس (منهنجي سورهيائيءَ جون) مبارڪون ڏيڻ اچن.

• منهنجي دل ۾ تنهنجي محبت ايئن لاڳيتو پئي وڌي۔ جيئن پلي زمين جو فصل وڌندو ويندو آهي.

• عشق جي گِٽنين وڏا وڏا پهاڙ ڊاهي وڌا ـ شاباس آهي مون ڪي جو پنهنجي پيرن بيٺي آهيان.

• اي قاصد! چئينس وجي تہ آءٌ ان سان ويندس، جنهن ۾ دشمن جو مقابلو ڪرڻ جي طاقت هجي.

• اي قلم! آءٌ تنهنجي زبان تان قربان وڃان، جنهن منهنجو رُٺل يار پرچايو آهي.

• ان ڪري توڏانهن اکيون نٿي کڻان، جو منهنجي دل ۾ تنهنجي محبت جو چور ويٺو آهي.

• فقير ٿي مون وٽ اچ، فقيرن جون واٽون پلا ڪنهن روڪيون آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جي عاشقي هجي ها ۽ جدائي نہ هجي ها، تہ اي خدايا! تو وٽ ڪهڙي ڪوٽ ٿئي ها.

• جنهن وڇوڙي جي باھہ ڏٺي آهي، تنهن کي دوزخ جي باھہ بہ ٿڌي لڳندي.

• منهنجي پيرن ۾ وڇوڙي جون بيڙيون پيون آهن، ۽ آءٌ آهستي آهستي پير ڪڍندي اُميد جي واٽ تي رواني پئي ٿيان.

• محبوبہ! ڪوھ تي توکي ڪهڙي بلا ٿي چنبڙي، جو تنهنجو ننڍو پاءُ پهريدار وانگر توسان گڏ ٿو هلي.

• اڄ تہ غم ۾ هڪبئي سان پائيوار ٿيون، رڳو مون اڪيليءَ کي ٿانڊن تي نہ ساڙ.

• مون تي هوندن ئي، تنهنجي تهمت لڳل آهي- پنهنجي پڳ ڏئيم تہ اها پائي، سڄي ڳوٺ ۾ قران، پلي سپ ڏسن.

• تون جو اڄا تائين، پنهنجي ماءُ جي چوٽ ۾ آهين، اهو تہ ٻڌاءِ؟ تہ آءٌ پلا هيءَ ڪاري چوٽي، ڪنهن جي لاءِ پئي اڄي ڪريان.

• اي خدا، تو وري رات ڪري ڇڏي، ۽ وري گلن جون ٽاريون موڏي (مڙسن) جي ڪتن ڏانهن ويندیون.

• منا! اکين سان ڳالهاءِ.... گليون ۽ گهٽيون، چغلخورن سان پريون پيون آهن.

• ڪنهن کي بہ منهنجي حال جي خبر نہ پئي. آءٌ اها ڪاٺي آهيان: جيڪا پڇي ڪوئلو ٿئي. ۽ پوءِ! ان ڪوئلي کي وري، باھہ ۾ وڌو وڃي.

• وڃان اڳتي پيئي، نهاريان پوئتي پيئي، نيڪ انسانو! پنيان منهنجي دل رهجي وئي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڏيئو چو وسائي ڇڏيئي؟ تيل ڪٽي آءُ پنهنجي گهران، آڻيان ها.

- توپيءَ تي جيڪر پرت پري ڏيانءِ، پر ماءُ جا اڪيلا پٽ! ڊڄان ٿي، متان نظر نہ لڳي وڃنئي.

- ملان جا تعويذ! مزا تہ سڀ تو ورتا. منهنجي سهڻي جي سيني تي ليٽيو پيو آهين، ۽ خوبصورت گل پيو سونگهين!

- نِندا ملان! بانگ ٿوري دير سان ڏجان! آءُ محبوب جي پاسي ۾، اڃا اجهو هينئر پهتي آهيان.

- تنهنجي وصال جو، اثر اهڙو آهي، جو ڪٽ سان لڳل بيمار بہ، اُٿيو ويهيو رهن ٿا.

- مدرسي جا طالب، تون ڪهڙو ملان ٿيندين؟ ڪتاب کُليو پيو آهي ۽ تون محبوب جا ترِ پيو ياد ڪرين.

- اڄ تہ هڪبئي جو هٿ پڪڙيون، باقي قصا پاڻهي ڳوٺ جا اڄين ڏاڙهين وارا نبيريندا.

- اي بزدل شال انڌو ٿين! مون ڏانهن نهاريندين، تہ ڪو تنهنجي سسي تہ ڪونہ پٽي ونڌو!

- جيل جي ڪڙڪيءَ وٽ اڄ، منهنجو روح مون کان وٺي ڇڏ، مون کي ڦاسيءَ تي ٽا چاڙهين.

- جيڪڏهن روئڻ سان، محبوب واپس اچي سگهي ها، تہ آءُ سُڪل گاهہ کي پنهنجن لڙڪن جو پاڻي ڏئي، سرسبز ڪري ڇڏيان ها.

- ڪو تہ ڪنهن جي ديدار لاءِ، انڌو هوندو آهي، ۽ ڪو ان کي ايئن چئي، ڪٽ تان لاهي ڇڏيندو آهي تہ، ”مو نکي ننڊ ٿي اچي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• آءٌ تنهنجي افلاطوني حڪمت کي، چا ڪريان، جيڪڏهن تون منهنجي دل جي درد کي، اجا تائين نہ سمجهي سگهيو آهين.

• اڪيون تہ اٿئي، ڪنهن ڪدي تہ ڪونہ چڏيون اٿئي، جڏهن تنهنجي پاڙي ۾ وڏي پئي تيس، تڏهن مون کي چو نہ تي ڏنئي۔

• منهنجو محبوب، جنگ مان اُتي يڳو، پوئين رات ڏنل چميءَ تي، پڇتايان پيئي.

• الله تنهنجي ماءُ جي عمر وڏي ڪري جنهن منهنجي لاءِ تو جهڙو خوبصورت گل پاليو.

• اي قرآن! منهنجي پنيان متان پوين، آءٌ تہ رڳو پنهنجي محبوب جي ڪري، تو متان هٿ پئي رکان.

• جي ڪو پاٺهي عاشق نتو ٿئي، تنهن کي اي الله سائين، ڪنهن ملان جي تعويذ جي ڪري مون تي عاشق متان ڪرين.

• درگاهن جي زيارتن مان بہ مرادون پوريون نٿيون ٿين، اي الله سائين! انهن پٿر جي درگاهن کي ويران ڪري ڇڏ.

• مون غريب جو هيءُ پيغام بادشاهن ڏانهن ڪير کڻي ويندو، تہ مئي وڪٽندڙن جي گهٽيءَ ۾ بہ هزار بادشاهن جو مُلهہ هڪڙي شراب جي پيالي جيترو آهي.

• بزرگ سڳورا! اهو دور ويو جو تون مون کي وري عبادت خاني ۾ ڏسين، هاڻ اسان جو ڪم ساقيءَ جي ڇهري ۽ جام جي چپن ۾ پئجي ويو آهي.

• جنهن ڏينهن تنهنجو خوشبودار قلم مون کي ياد ڪندو، ان ڏينهن بہ سؤ غلامن کي آزد ڪرڻ جيترو ثواب ڪٽندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• شمع وانگر وصل جو پروانو ان کي ملندو، جيڪو تنهنجي تلوار جي هيٺان، هر گهڙيءَ نئون نئون سر رکندو.

• رستي جي ڌوڙ وانگر ايڏو پٽ تي ڪريل آهيان، جو جيستائين پنهنجي عزت ۽ آبرو نٿو وڃايان، تيسين ماني ٽڪر نٿو مليم.

• حافظ! صبر ڪر، عاشقيءَ جي راهه ۾، جنهن جان نہ ڏني هوندي آهي، سو جانيءَ تائين نٿو پهچي سگهي.

• جهان ۾ زندگي ايئن گذار، جو جڏهن مري وڃين، تہ ماڻهو ايئن نہ چون تہ ڪو فلاڻو "مري ويو!"

• جيڪو عشق جي ڪري زنده نہ آهي، تنهن جي، منهنجي فتوا سان، جنازي نماز پڙهي ڇڏيو.

• جيڪڏهن ٻنهي جهانن ۾، يار سان فقط هڪڙو ساهه گڏ ڪٽان، تہ ٻنهي جهانن مان منهنجي حاصلات، اهو هڪڙو پساهه ٿيندو.

• جنهن بہ پنهنجو چهرو ڌاهيو، سينگاريءَ، سو دلير ڪونہ ٿي پيو، جنهن بہ آئينو بڻايو، سو سڪندر ڪونہ ٿي پيو، هن ڳالهه ۾ هزارين وارن کان بہ سنهڙا نقطا آهن، جنهن بہ متو ڪوڙ آيو، سو قلندر ڪونہ ٿي پيو.

• ان عافيت برباد ڪندڙ مست جي همت جو غلام آهيان، جو گدائيءَ جي حالت ۾، پتل کي سون بڻائڻ جي ڪيمياگري ڄاڻي ٿو.

• پره جي هير جا ساهه، مُشڪ جون سرهاڻيون ورهائيندا، هي پوڙهو جهان وري جوان ٿي ويندو.

• حافظ تنهنجي خاطر ئي وجود ۾ بادشاهيءَ ۾ آيو، بہ پيرِ پري ڪانئس موڪلاءِ جو، واپس روانو ٿي ويندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- هڪڙو مسئلو اٿم، محفل جي ڏاهن کان وري پڇو، تہ ٻين کي توبہ جون فرمائشون ڪندڙ، پاڻ توبہ ڇو گهٽ ڪندا آهن؟

- ڪلهہ يار لنگهيو ۽ اسان ڏانهن نظر بہ نہ ڪيائين، ويچاري منهنجي دل! عمر لنگهي وئي ۽ ڪجهہ بہ نہ ڏنائين!

- يار جي جدائيءَ ۾ جيڪو صبر ڪيم، تنهن وات کي ڪڙو زهر ڪري ڇڏيو آهي، يار جا مٺا چپ، جن مان مصريون ۽ ماکيون پيون ڳڙن، تن جو ڪو معجزو ۽ ڪرشمو ڪٽي اچ.

- غريبيءَ، فراق ۽ دل جي غم، پوڙهو ڪري ڇڏيو اٿم، ڪنهن نوخيز جوان جي هٿان شراب جو پيالو ڪٽائي اچ.

- ڀانيان ٿو تہ محشر جي ڏينهن، بزرگ جي تسبيح ۽ شرابي مست جي گودڙي، ٻئي واڳ سان واڳ ملائي هلندا.

- اسان جي پڇاڙيءَ جي منزل، اها واري آهي جتي سڀ خاموش هوندا، في الحال تہ آسمان جي گنبذ ۾، ڪو شور ۽ ڪو غلغلو تہ وجهي ڇڏ.

- اسان سڪندر ۽ دارا بادشاهہ جا داستان ڪونہ پڙهيا آهن، اسان کان محبت ۽ وفا جي حڪايتن کان سواءِ ٻي ڳالهہ ئي نہ پڇ.

- مئخاني جي دخل تي ويهہ ۽ شراب جو ٻيالو پيءُ، هن جهان ۾، ايتري دولت ۽ ايتري آبروءَ جي طلب تولاءِ ڪافي آهي.

- آسمان مرادن جي واڳ، جاهلن جي هٿ ۾ ڏيندو آهي، تون داناءُ آهين،۽ عالمن، فاضلن منجهان آهين. ايترو گناهہ تو لاءِ ڪافي آهي.

- بهشت جا محل ۽ باغ سُٺن عملن جي ڪري بخشيا ويندا آهن، اسين جيڪي مست ۽ فقير آهيون، شراب خانو، اسان لاءِ ڪافي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• اُهي زمانا ويا، جڏهن اهل نظر ڪنڌن ۾ پاسن ۾ وچي ويهندا هئا، سندن وات هزار قسمن جا سخن بيان ڪرڻ لاءِ بي چين هوندا هئا، پر سندن چپ خاموش هوندا هئا.

• ڪالهه ميخاني جي گِلِيءَ مان، نشي ۾ بدمست شهر جي امام کي، ڪلهن تي کڻيو پي ويا. هي اهو ئي بزرگ آهي، جيڪو ڪالهه مصلو ڪلهي تي کنيو پئي هليو.

• چيائين ته گهٽي جاکوڙ نه ڪندو ڪر، ڇو ته زماني جي عادت آهي، جو سخت جاکوڙ ڪندڙن سان تمام گهٽي سختي ڪندو آهي.

• آئون پنهنجي ٻانهن جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان، جو ماڻهن کي ستائڻ جي طاقت ڪانه اٿس.

• وفا ڪندا آهيون، ماڻهن جون ملامتون سهندا آهيون ۽ خوش گذاريندا آهيون، ڇو ته، اسان جي دين ۾ رنج ٿيڻ ڪفر آهي.

• جيتوڻيڪ وڇوڙو، وصال جو ميوو پيدا ڪندو آهي، پر ڪاش ازل جو هاري، وڇوڙي جو ٻج مرڳو پوکي ئي نه ها!

• ڪجهه دير سڪون سان ڪنهن چنڊ جهڙي سهڻي کي ڏسڻ، متي تي بادشاهيءَ جو ڇٽ پهري، سڄو ڏينهن وٺ پڪڙ ۾ گذارڻ، ڪان بهتر آهي.

• ساقيءَ شايد حافظ کي شراب مان سندس حصو ڏنو آهي، جو مولويءَ جو دستار جو طُرو، ٽرٽلي ۾ پئجي ويو آهي.

• جڏهن کو ٻڌڻ وارو ڪونهي، تڏهن خاموشي بهتر آهي، نااهلن کي جي ڪنهن ڳالهه جو انت لڪائي ڇڏجي ته بهتر آهي.

• هي ڳالهيون ٻُبن ۾ پيل ڪير وانگر آهن،اهو ڪير چُوسي ڪيڏڻ وارن کان سواءِ ٻاهر نه نڪرنديون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جيڪڏهن ٻُڌڻ وارو ٻُڌڻ لاءِ پياسو ۽ بيچين هوندو آهي، ته پوءِ ٻُڌائڻ وارو ڪٿي مئل هجي ته به اُتي ڳالهائڻ لڳندو آهي.

• جيڪڏهن سدائين پيو عشق جي سمجهاڻي ڏيان، ته جي سؤ قيامتون گذري وڃن، ته به قصو پورو نه ٿيندو.

• جيڪو رڳو پڙهيل آهي ڪڙهيل ناهي، تنهن ڪي جڏهن به ڪو خريدار ملندو، تڏهن پنهنجي علم کي بازار جي شيءِ وانگر وڪڻي ڇڏيندو.

• منهنجا يارُ! تنهنجي اصل هستي، تنهنجي سوچ آهي، باقي ته رڳو هڏا ۽ سڪڻو گوشت آهي.

• شراب جي سموري مستي، اسان جي اندر جي مستيءَ جي ڪري آهي، اسان جي ذهن ۾ گردش جو تصور نه هجي ها، ته آسمان هيٺئن ڦرندو نظر نه اچي ها.

• خواهشون پلي ڪر، پر حد اندر! گاهه جو ڪانو، جبل جو بار ڪٿي کڻي سگهندو.

• جيڪڏهن خدا وانگر، منهنجو به هن فلڪ تي وس هجي، ته هن فلڪ کي وچان ڪيي، اُچلائي ڇڏيان ها، ۽ نئين سر هڪڙو اهڙو فلڪ ناهيان ها، جو آزاد طبيعت وارو انسان، آسانيءَ سان، پنهنجي دل جون تمنائون پوريون ڪري سگهي ها. **عمر خيام**

• چون ٿا بهشت ۾ حورون واقعي هونديون، ۽ شراب هوندا، کير هوندا، ماکيون هونديون. جيڪڏهن اسين مئہ ۽ محبوب سان دل لڳايون ٿا ته ان ۾ ڪهڙو عيب ٿي پيو؟ جو ته پس پيش به ته ايئن ئي ٿيندو. **عمر خيام**

• آئون ان گهڙيءَ تان قربان وڃان، جنهن گهڙيءَ ساقي چوي: ”اچي هي پيو پيالو به وٺ.“ ۽ آئون نه وٺي سگهان. **عمر خيام**



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




o اوهان بنا ڪنهن نالي جي پيدا ٿيا، پر اوهان پنهنجي نالي سان مرندا. ان ڪري نالو صرف هڪ لفظ نه پر اها تاريخ هجڻ گهرجي... (ارسطو)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن عاشق ۽ مست دوزخي ٿيندا ته پوءِ بهشت جو منهن ڏسڻ لاءِ
ٻه ڪير تيار نه ٿيندو. **عمر خيام**

• ڪڪر آيو ۽ وري اچي چهر جي مٿان روئي چوڻ لڳو: "گلن جي رنگ جهڙي شراب کان سواءِ جڳ ۾ جيئڻ نه ٿو جڳائي." **عمر خيام**

• جيڪڏهن، هن آسمان جا ڪم ڪار انصاف ۽ سنجيدگيءَ سان ٿين ها زماني جا حال احوال وٽندڙ هجن ها. جيڪڏهن فلڪ جا ڪم عدل ۽ انصاف سان ٿين ها، ته علم ۽ فضل وارا ماڻهو اهڙا ڏکويل ڇو هجن ها؟

• خوش گذار، ڪارين اکين وارن سان، خوش گذار، هي جهان سواءِ قصن ڪهاڻين جي ٻيو ڪجھ ڪونهي. **رودڪي**

• سڪندر جو داستان پراڻو ٿي، ٺلهي ڳالھ بڻجي ويو. نيون ڳالهيون پيدا ڪر، نئين جو ميناج ٻيو آهي. **فرخي** (**محمود غزنويءَ جو درٻاري شاعر**)

• زماني ۾ مون جهڙو مضبوط ايمان وارو هڪڙو، سو ٻه جي ٿيو ڪافر، ته چئبو ته، دنيا ۾ هڪڙو به مسلمان ڪونهي. **بو علي سينا**

• آسمان هر ڏاهي ماڻهوءَ لاءِ، سوين موت مار شربت ملائي رکي ڇڏيا آهن، زماني وٽ جيڪو به زهر هو سو، هر مڙس ماڻهوءَ جي پيالي ۾، وجهي ڇڏيو اٿس. **ابو الفرج روني** (**وفات 1116**)

• چوءِ، ڇا ڪريان، يار لاءِ ڪهڙو تحفو آڻيان؟ بنا درد جي مٿان اچين، باقي ٻيو جيڪي آڻيندين، سو ڀلو هوندو. **ابو سعد ابوالخير**

• منهنجي مرڻ کان پوءِ، منهنجي قبر زمين تي مٿان ڳولين، منهنجي قبر، دانا ۽ اهل دل، ماڻهن جي سينن ۾ آهي. **شيخ سعودي**

• گُل پٺ پٺ ڪري روئي ڇا ٿيو چوي، جو وبچاريون بي زبان بلبليون، دانهن ۽ ڪوڪن ۾ پئجيو وڃن. **سلمان ساوجي**



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• اڄو تہ دنيا کي ٻچڙن جي حوالي نہ ڪريون سعيو ڪري نيڪيءَ کي زور وٺايون. **خواجہ ڪرماني** (1280 - 1352)

پرچانو ان پکڙڻ واليو، ڇاتي وچ ٻلدي آڳ دا پر ڇانوان نہين هوندا
(ٻاچن پويان پيڇڻ وارو، سيني ۾ ٻرندڙ باهہ جا ڇاڇا نہ ٿيندا آهن)

• جڏهن ڪنهن جي دل پيار ۾ ٽٽي پئي تہ انهي کي سون جا ٽانڪا بہ نٽا جوڙي سگهن

• گل گلاب جو، خوشبو صندل جي، ڇانوءَ وڻ جي ۽ ننڊ محبوب جي وٽندي آهي

• عاشقي هڪ شهر وانگر آهي ۽ پيار انهي جو بازار آهي ۽ انهي مان جيڪي بہ گهٽيون محبوب جي گهر ڏانهن وڃن ٿيون سي سيئي غم جون آهن

• آسمان ستارن سان سهٽو لڳندو آهي جيئن ڪنهن سهٽي ڇوڪريءَ جي ڳچي ترن سان.

• اي دوستو! منهنجو لاش قبرڏانهن کڻي هلو آئون ڪارين زلفن جو شهيد آهيان مون تي غسل واجب ناهي

• گهڙي جو بخت ڀلو آهي جو محبوبا جي ڇاتي کان ٿيندو متي تائين پهتو آهي

• فرض ۽ حق هڪ ئي سڪي جا بہ پاسا آهن، فرض جي پورائي ڪانسواءِ حق گهرڻ بلڪل ائين آهي جيئن پئسا خرچ ڪرڻ بنا خريداري ڪرڻ.

• خود پسندي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏي ٿي.

• پريس تي پابندي وجهڻ، قوم جي بي عزتي ڪرڻ برابر آهي.

• بي انصافي برداشت ڪرڻ کان بي انصافي ڪرڻ سٺو آهي. (ارسطو)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پنهنجن ڪمزورين جو اعتراف ڪرڻ وڏي بهادري آهي.

- ڪنهن سان دشمني ڪرڻي هجي ته اُن جي اجائي واهه واهه ڪجي.

- جن ماڻهن لاءِ اصولن جي ڪا به اهميت نه هجي انهن جي ڪنهن به ڳالهه تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي.

- ناڪامي اها ناهي ته توهان ڪم ڪري نه سگهيا، ناڪامي ته اها آهي جو توهان ڪم جي شروعات ئي غلط ڪئي.

- دنيا ۾ تمام گهڻو ڪوڙ آهي پر دنيا جو قائم هجڻ اُن حقيقت جو دليل آهي ته سچ پنهنجي سگهه نه وڃائي.

- سڀ ڪجهه برداشت ڪريو پر اهڙو ڪوڙ ڪڏهن به برداشت نه ڪريو جيڪو اوهان کي پنهنجن کان پري ڪرڻ جو سبب بڻجي.

- اعتماد قائم ٿيڻ ۾ سال به لڳي سگهن ٿا پر ٽٽڻ ۾ پل به نه ٿو لڳي. اعتماد ٽوڙيندڙ تي ٻيهر اعتماد ڪرڻ بيوقوفي آهي.

- منهنجي محبوبه جي، نيڻن مان، هڪ سپنو اڏامي، منهنجي ڊائريءَ ۾ اچي لڪو ۽ نظم بڻجي ويو. (آدرش)

- هيءَ ڪائنات عدم جي ڳل تي ڏنل وجود جي چميءَ جو نشان آهي. (امر گل)

- جوانيءَ ۾ ڏينهن ننڍا ۽ سال ڊگها ٿين ٿا، جڏهن ته پوڙهائپ ۾ ڏينهن ڊگها ۽ سال مختصر ٿين ٿا.

- هر ماڻهو چاهيندو آهي ته سندس عمر ڊگهي ٿئي، پر ڪو به پوڙهائپ کي پسند نه ٿو ڪري.

- سيرت ۾ ڪائي خامي رهجي وڃي ته تنگدستيءَ ۾ ضرور اڀري اچي ٿي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- لامحدود خواهشون، محدود زندگيءَ لاءِ عذاب آهي.

- جيڪڏهن تون خاموشيءَ جي بيماريءَ سبب مري وڃين تہ تو لاءِ گفتگوءَ جي بيماريءَ کان بهتر آهي.

- جا ڳالهہ ڪَن ۾ ٻڌائي وڃي، سا سَو سَو ميلن تي بہ ٻڌي ويندي آهي.

- ڪنهن بہ باغ جو گل ڪانديري تي وينل پوپٽ کان وڌيڪ حسين ٿي نہ ٿو سگهي.

- مون کي ديوتائن جي باري ۾ گهڻي ڄاڻ ناهي، پر مان سمجهان ٿو تہ درياهہ بہ هڪ ميرانجهڙو ديوتا آهي. ٽي ايس ايليٽ THE DRY SALVAGES

- "ماڻهن ۾ سڀ کان لاچار اهو آهي جيڪو دوستَ نہ ٿو ناهي سگهي ۽ گهڻو ويچارو اهو آهي جيڪو ناهيل دوست بہ وڃائي ويهي." **حضرت علي**

- هڪ عالم وٽ هڪ لک جاهلن کان بہ وڌيڪ طاقت هوندي آهي. **بايزيد بسطامي**

- پنهنجو پاڻ کي پرکڻ بنا زندگي گذارڻ بي معنيٰ آهي. **سقراط**

- ڏاڙهيءَ سان ڪو بہ رِيس نہ ٿو ڪري سگهي، سواءِ ٻوڙي جي. **خليل جبران**

- مان ان ڪري رنجيده نہ ٿيندو آهيان جو مون وٽ ڪا اهڙي شَي آهي ئي ڪا نہ، جنهن جي وڃائڻ جو مون کي غمُ ٿئي.

- منا اڄ منهنجي سيني جو گل ٿي وڃ. آئون توکي روز صبح جو پنهنجي ديدار سان تازو ڪنديس

- پرين اڄ تہ ڪٽ تي ويهون ۽ تارا ڳڻيون، پلي صبح ٿي وڃي

- هڪ پل جي جذبہ محبت، دوست لاءِ خير جي دعا بابر آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اي منهنجا رب! جنهن زمين ۽ آسمان وچ ۾ منهنجو محبوب رهي تو انهي کي گلزار ڪري ڇڏ.

- پيارا اڄ ته ملي وٺون حياتي ته سياري جي اس اٿئي، گذري ويندي.

- عاشقي هڪ شهر وانگر آهي ۽ پيار انهي جي بازار آهي ۽ انهي مان جيڪي ٻه گهٽيون محبوب جي گهر ڏانهن وڃن ٿيون، سي سيئي غم جون آهن.

- اي محبوبا! تنهنجو وات عنبري تاڪيئي جو دڪان آهي ۽ آئون اهڙو سوداگر آهيان، جيڪو ڪپڙي کي ڏندن سان جانچي ڏسندو آهي.

- هن جو چهرو گلاب ۽ نيڻ شمع آهن اي خدا! منجهي پيو آهيان هن لاءِ پوئنر ٿيان يا پتنگ.

- جڏهن ڪنهن جي دل پيار ۾ ٽتي پئي ته انهي کي سون جا ٽانڪا ٻه نتا جوڙي سگهن.

- زندگيءَ جا سونهري پل دوستن جي نذر ڪياسين ۽ شام ٿي ته اڪيلا هياسين ! (ورق ورق زندگي – غلام حسين رنگريز (94

- اهو شخص سٺو آ. جيڪو ناراض ته دير سان ٿئي پر راضي جلدي ٿي وڃي. بيڪار آ اهو ماڻهو جنهن کي غصو ته جلد اچي وڃي پر، راضي دير سان ٿئي.

- جيڪو شخص پنهنجي ظالم کي بد دعا ڏئي ٿو. ان ڄڻ پنهنجو بدلو چُڪايو.

- جيڪو مال جمع ڪرڻ لاءِ خيرات گهري ٿو. اهو ڄڻ ٽانڊا جمع ڪري ٿو.

- بُري دوست کان بچو، ڇو ته هو توهان جو تعارف ٿي ويندا.

- شيطان اڪيلي ماڻهو سان گڏ هوندو آ . ٻن کان پري پڃي ويندو آ.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيڪو ماڻهو دوست کي گناه جو طعنو ڏئي، اهو گناه ڪري ئي مرندو.

- سڀ کان وڏي خيانت اها آهي، جو توهان جنهن پاءِ سان ڪوڙي ڳالهه ڪيو ۽ هو انِ کي سچ سمجهي وٺي.

- جيڪو گهر ۾ ليئو پائي ان کي گهر ۾ اچڻ جي اجازت نه ڏيو.

- صبر اهو آ جيڪو مصيبت جي پهرئين ٺوڪر لڳڻ وقت اختيار ڪيو وڃي.

- جيڪو ماڻهو ٻئي کي ڪافر چئي ٻنهي مان هڪ ڪافر ضرور هوندو.

- تندرستي جي حالت ۾ هڪ پئسي جو صدقو . موت جي وقت سو پئسن کان به وڌيڪ آ.

- اگر مان سجدي جو حڪم ڪيان ها ته، عورت کي پنهنجي مڙس کي سجدو ڪرڻ لاءِ ڪيان ها.

- ماڻهو جي ڪوڙي هجڻ لاءِ ڪافي آ ته جيڪا ڳالهه ٻڌي بغير تحقيق جي اڳتي پهچائي ڇڏي.

- جيڪو توهان جي بي جا تعريف ڪري، ان جي منهن ۾ مِٽي وجهو.

- بدترين ماڻهو اهو آهي جيڪو ڪنهن جي خطا معاف نه ٿو ڪري معذرت قبول نه ٿو ڪري ۽ گناهگار کي بخشي نه ٿو.

- ٻه زبانو ماڻهو خراب آهي.

- پنهنجي مهمان سان دروازي تائين وڃڻ لازم آهي.

- منهنجي نصيحت قبول ڪرڻ واري دل، موت کان وڌيڪ ڪنهن کي به محبوب نٿي سمهجي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- بد بخت آ اهو شخص جيڪو پاڻ تہ مري وڃي پر ان جا ڪيل گناه نتا مرن.

- هر شيءِ جي ثواب جو ڪو نہ ڪو اندازو هوندو آهي پر صبر جي ثواب جو ڪو بہ اندازو ڪونهي.

- ان ڏينهن تي روئو جيڪو بغير نيڪ عمل جي گذري ويو.

- جنهن کي روئڻ جي طاقت نہ آهي. اهو روئڻ وارن تي رحم ڪري.

- محنت سان ڪمائڻ گھرڻ کان بهتر آهي.

- جيڪو عيب کان واقف ڪري اهو دوست، ۽ بيجا تعريف ڪندڙ ڪاسائي آهي.

- مائرن جن کي آزاد ڄڻيو، اوهان انهن کي غلام ڇو بنائي رکيو آهي.

- جيڪو پاڻ کي گهٽ سمجهي. اهو ٻئي جي نظر ۾ معزز هوندو آهي.

- پوڙهائپ کان پهريون جواني ۽ موت کان پهريون پوڙهائپ نعمت سمجھ.

- مان سائل جي سوال کان ان جي عقل جو اندازو لڳايان ٿو.

- جنهن ماڻهو کي غصي ۾ نہ ڏسو تيستائين ان تي اعتبار نہ ڪريو.

- صبر ۽ شڪر اگر ٻہ اٺ هجن ها تہ مون کي سواري لاءِ ترجيح نہ ڏيڻي پوندي.

- جنهن عالم کي ڏسو تہ دنيا سان محبت ڪري ٿو دين جي معاملي ۾ ان تي اعتبار نہ ڪيو.

- صرف اهو ڪم ڪيو، جنهن جي ڪندي، ڪوئي توهان کي ڏسي وٺي تہ توهان کي برو محسوس نہ ٿئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيڪو پاڻ کي تهمت کان آجو ٿو سمجهي، اهو تنقيد ڪرڻ وارن تي ملامت نہ ڪري.

- خيرو عافيت جا نو حصا جدائي ۾ آهن ۽ هڪ حصو ملڻ ۾ .

- پنهنجو بار خلقِ خدا تي نہ وجهو چاهي اهو ٿورو هجي يا گهڻو.

- تعجب آ ان تي جيڪو حساب ڪتاب تي يقين رکي ٿو پوءِ بہ مال جمع ڪري ٿو.

- زبان جي نيڪ ٿي وڃڻ سان دل ۾ نيڪ ٿي ويندي آهي.

- ماڻهو تنهنجي عيبن جا جاسوس آهن.

- حاجتمند غريب جو تو وٽ اچڻ، خدا جو انعام آهي.

- جيڪو شخص توهان جي نگاهن مان توهان جي ضرورتن کي محسوس نٿو ڪري، ان کي زبان سان چئي خود کي شرمندو نہ ڪيو.

- جيڪو پاڻ مان راضي آ، ان کان ناراض ماڻهن جو تعداد ۾ اضافو ٿيندو ويندو آ.

- تمنائون ڇڏي ڏيڻ سڀ کان وڏي دولت آ.

- دوستن کي وڃائي ويهڻ هڪ غريب الوطني آ.

- جڏهن عقل ڪامل ٿيندو وڃي، ڳالهائڻ از خود گهٽجندو ويندو.

- جڏهن معاملن ۽ مسئلن جي صحيح يا غلط هجڻ ۾ شڪ پيدا ٿئي تہ ان مسئلي جي شروعات کي ئي ان جو انجام سمجهيو وڃي.

- جيڪو اعتدال سان خرچ ڪندو اهو تنگدست ڪڏهن بہ نہ ٿيندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- دنيا نانگ جي مثل آهي. جنهن کي هٿ لايو تہ نرم ۽ نازڪ پر اندر ۾ زهر ڀريل اٿس، جاهل ۽ فريبي ان جا پرستار ٿين ٿا. ۽ عقل وارا ان کان بچي نڪرن ٿا.

- غم اڌ پوڙهائپ آهي.

- هر اچڻ وارو پوئتي هٽندو آهي، ۽ جيڪو هتجي ويو اهو چڻ هيو ئي ڪين.

- ماڻهو جنهن ڳالهہ کان لاعلم هوندا آهن، ان جي مخالفت ڪندا آهن.

- عام ماڻهن جي راءِ کي منهن ڏيندڙ. خطا جي جاءِ سڃاڻي وٺي ٿو.

- خواهشات جي بجلي جي چانون ۾ عقل قتل ٿين ٿا.

- سانت طاري ٿيڻ سان هيبت وڌندي آ، انصاف ڪرڻ سان مستقل دوست وڌندا.

- حسد نہ ڪرڻ سان بدن تندرست رهندو آ.

- بيوفائن سان وفا ڪرڻ، خدا وٽ بيوفائي آهي. وفادارن سان وفا ڪرڻ خدا جي نزديڪ وفاداري آهي.

- دانشورن جا قول جڏهن درست هجن تہ دوا، نہ تہ (درد) مرض بنجي پون ٿا.

- توهان جا دوست ٽي آهن. هڪ توهان جو دوست، ٻيو توهان جي دوستن جو دوست ۽ ٽيون توهان جي دشمن جو دشمن.
- توهان جا دشمن بہ ٽي آهن، هڪ توهان جو دشمن . ٻيو توهان جي دوست جو دشمن ٽيون توهان جي دشمن جو دوست.

- پوڙهي ماڻهو جي صلاح، جوانن جي ارادن کان بہ مضبوط هوندي آ.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- معذرت جي ڪري بي نيازي جي قدر قيمت سچي معذرت کان ٻه وڌيڪ آ.

- ائين ٻه ٿيندو آ ته حسن انسان کي ديوانو بڻائي ڇڏيندو آ.

- جڏهن توهان خواهش متان خواهش جي پنيان هجو ته موت جي اوچتي آمد کي ياد رکو.

- دنيا مسافر خانو آ .بدبختن ان کي وطن سمجهي ورتو آ.

- جيڪو شخص خواه مخواه ڪنهن کي محتاج بڻائي ٿو. اهو خود محتاج رهي ٿو.

- جنهن سان ڳالهايو ان جي عقل ۽ فهم جيترو ڳالهايو.

- ارادن جي ٽٽڻ عقيدن جي مضبوط ٿيڻ سان مان خدا کي سڃاتو.

- دنيا ۽ آخرت جي مثال ائين آهي، جڇڪِ ڪنهن کي ٻه زالون هجن هڪ کي راضي رکي ته ٻي ناراض ٿي وڃي.

- ڪجهه ماڻهو زندگي ڀر ئي سمهيا رهندا آهن ۽ جڏهن مرن ٿا ته جاڳيو پون.

- پيدائش موت جي قاصد آهي.

- خيرات ۾ ڪمال اهو آ ته سائل کي انتظار نه ڪرايو.

- تجربا ڪڏهن ٻه ختم نه ٿيندا آهن. عقلمند اهو آ جيڪو تجربن جو ڪامل هجي.

- پنهنجي دلين کان دوستيءَ جو حال پڇو. ڇو ته اها اهڙي گواه آ، جا ڪنهن کان رشوت ڪونه ٿي وٺي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيڪو حق سچ چوڻ لاءِ گونگو آ، اصل ۾ اهو شيطان آ.

- ان عقل جو هڪ حصو ختم ڪيو جنهن ڪابہ فضول ڳالهہ ڪئي.

- زبان وحشي جانور آ . ڪليل ڇڏيو تہ جبل بہ ڪائيو ڇڏي.

- علم جو لاڀ ان تي عمل ڪرڻ ۾، ۽ احسان جو لاڀ تہ ان ڪي، نہ جتلائڻ ۾ آهي.

- اگر ڪوئي لائق ماڻهو نہ ملي تہ نالائق سان دوستي نہ رک.

- شڪريو ضرور ادا ڪريو ورنہ، محسن منهن ڦيري ويندا.

- عورت شر ۽ خرابي آ .مگر ان ڪان بہ وڏي خرابي اها آ تہ عورت ڪان بغير گذارو بہ ڪونهي.

- عورت وڇون آ جا چنبڙي تہ بہ ان جي زهر ۾ لذت آ.

- جنهن ڪي ويجهي وارا ماڻهو ڇڏي ڏيندا. ان ڪي پري وارا پنهنجو ڪندا.

- جڏهن تون دنيا ڪي پٺي ڏيکاري رهيو آهين ۽ موت توڏانهن وڌندو اچي ٿو تہ پوءِ ملاقات ۾ دير ڇو ؟

- نادان جي دل ان جي وات ۾ ۽ عقلمند جي زبان ان جي دل ۾ هوندي آهي.

- فتح خود اعتمادي ذريعي ۽ خود اعتمادي وري سوچڻ ۽ راز جي حفاظت تي دارو مدار رکي ٿي.

- انسان جي دل وحشي آهي. جيڪو ان ڪي موهي وٺي، ان ڏانهن جهڪي پوي ٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيستائين قسمت ساٿ ڏئي ٿي تہ عيب لڪل رهن ٿا.

- عقل کان وڌيڪ بي نيازي  جهالت کان وڌيڪ محتاجي، ادب کان ڏيڪ ورثو. سٺي مشوري کان وڌيڪ جي پنيرائي ڪابہ نہ آهي.

- سفارش ڪندڙ، سوال ڪندڙ جي ٻانهن آهي.

- دنيا وارا انهن مسافرن وانگر آهن جنهن جو قافلو  وڃي رهيو هجي، هو ستا پيا هجن.

- دوستن جي جدائي مسافرت آهي.

- عقل کان بهتر ڪو ڪمال ڪونهي.

- هر دل اسرار ۽ دانائي جو ٿان آهي.

- اي انسان پنهنجي غذا کان وڌيڪ ڪماءِ، تون ٻين جو  خزانچي بہ ٻين.

- هي دليون بہ اهڙي طرح ٿڪبيون آهن جهڙي طرح جسم، پوءِ دلين ڏاهپ ڀريا گفتا تلاش ڪيو.

- هي دنيا ارهہ زورائي ڏيکارڻ کان پوءِ، وري اسان ڏانهن جهڪندي.

- حسد جي گهٽتائي بدن جي تندرستي جو موجب آهي.

- اڪين سان ڏسڻ ۾ دوکو اچي سگهي ٿو. ان ڪري عقل سان ڏس.

- جو لڙائي جهڳڙي ۾ حدون اورانگهي سوئي گناهگار ٿيندو آ.

- بي عمل عالمَ، تيرن کان سواءِ تير انداز آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- فڪر ڪرڻ هڪ روشن آئينو آهي، عبرت حاصل ڪرڻ خبرداري آهي.

- ڳالهايو، جيئن توهان جي سڃاڻپ ٿي سگهي، ڇو ته انسان پنهنجي زبان هيٺان لڪل آهي.

- دل اکين جو ڪتابچو آهي.

- علم ۽ تعمل هڪ پورو قبيلو آهي.

- ڪمزور جو اهو ئي زور هلي ٿو ته هو پر پٺ گلا ڪري ٿو.

- ڪيترائي ماڻهو انهيءَ ڳالهه سبب فتني جو شڪار ٿين ٿا ته، انهن متعلق ماڻهن جا خيال چڱا آهن.

- دنيا هڪ بي منزل لاءِ گذر گاهه آهي، نه ڪي منزل.

- اک ، پنيءَ لاءِ بندڻ ) بيلٽ) آهي.

- اميري ان ۾ آ ته مقدر تي راضي رهو.

- ماڻهو جي ڀلائي ان ۾ آ ته ان جو دشمن عقلمند هجي.

- ان جو نه ڪائو جيڪو غريب بڪيو هيو، پوءِ تمام مالدار ٿيو.

- جڏهن توکي خاموش رهڻ جي خواهش ٿئي ان وقت ڳالهاءِ، ۽ جڏهن ڳالهائڻ جي ته خاموش رهه.

- جيڪو ڪلندي ڪلندي گناهه ڪري ٿو اهو روئندي روئندي جهنم ۾ ويندو.

- جيڪو ڪاوڙ واري ڳالهه تي غصو نه ڪري اهو گڏه آ، ۽ پرچائڻ سان نه پرچي شيطان آ.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- دشمن کان هر وقت بچو ۽ دوست کان اُن وقت جڏهن هو توهان جي تعريف ڪري.

- جڏهن محبت ڪامل ٿي ويندي آ، ته ادب جو شرط ختم ٿي ويندو آ.

- اگر تون ٽيهن سالن ۾ طاقتور ۽، چاليهن سالن ۾ عاقل نٿو بنجين ته ڪڏهن به طاقتور ۽ عقلمد نه ٿيندين.

- برا عمل خدا سان سراسر دشمني جي برابر آهن.

- پنهنجو پاڻ کي اوترو ظاهر ڪر جيترو تون آهين يا اوترو ٿي ڏيکار جيترو چورائين ٿو.

- هڪ عالم وٽ، هڪ لک جاهلن کان به وڌيڪ طاقت هوندي آ.

- پنهنجو انجام موت آ .ان کي خوشي کهڙي ڳاله جي.

- مومن کي ننڊ ڪرڻ زيب نه ٿي ڏي، جيستائين هو وصيت نامو لکي مٿان نه رکي.

- تَونگري گناهن جو چار آ.

- دنيا حڪمت جو گهَرُ آهي ۽ آخرت قُدرت جو گهر آه.

- زبان جي ذريعي اهڙي دعا نه گهر، جنهن تي تنهنجي دل اعتراض ڪندي هجي.

- پنهنجي طبعيت جو ساٿ نه ڏي. چو ته اها بي سمجهه ننڍڙي ٻار مثل آهي.

- جسم دل جي ملڪيت آهي. ان مملڪت جا ڪيترائي لشڪر آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• دوست جيڪو تنهنجي سٺي حالت ۾ گڏهجي ۽ بري حالت ۾ ڪم نہ اچي ان کان بچيو رهہ. اهو دوست نہ پر دشمن آهي.

• سچو دوست اهو آ .جيڪو دوست طرفان ڏنل مصيبتن تي رانيت نہ ڪري.

• برو چوڻ تہ برو آهي ئي، مگر ڪنهن لاءِ برو چاهڻ ان کان بہ بدتر آهي.

• جنهن جي طبع لطيف هجي، اهو جلد ئي ناراض ٿي ويندو آ.

• پنهنجو راز دوست کي بہ نہ ٻڌايو پلي هو ڪيترو مخلص ڇو نہ هجي، ڇو تہ هو ڪڏهن دشمن بہ ٿي سگهي ٿو ۽ پنهنجي دشمن کي بہ ايترو نہ ايذايو متان هو توهان جو ڪڏهن دوست ٿي وڃي.

• اگر ڪنهن جانور تي ڪتاب ستيا وڃن تہ ڇا هو محقق ۽ دانشمند ٿيندو.

• مشڪ اهو آهي جا پنهنجي خوشبو سان پاڻ ٻڌائي. عطار کي ٻڌائڻ جي ضرورت نہ پوي.

• داناءَ وٽ هڪ داڻو ڪونهي جنهن وٽ داڻا آهن. ان وٽ دانائي ڪونهي.

• ڳالهائڻ وقت چپ رهڻ ۽ چپ رهڻ وقت ڳالهائڻ عقل جي خلاف آهي.

• مون تي اگر گند ۾ ڪري پوي تہ بہ قيمتي آ .ٻڙ اگر آسمان تي چڙهي وڃي پوءِ بہ مٽي آ.

• ڪنهن دوست وٽ بدنصيب جي ڪري شڪل پيلي ڪري نہ وڃو. هو تنهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندو. ضرورت وقت بہ ڪل مک تي وڃ، ڇو تہ خوش مزاج جو ڪم رڪجندو ناهي.

• جيڪو پڪي، ڪِول کان داڻو چني اهو ڪمينو آ.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• اگر ڪوئل دنيا مان غائب ٿي وڃي پوءِ بہ الو جي پر ۾ ڪوئي بہ نہ ويهندو.

• حضرت عيسيٰ جي گڏھ ڪي مڪي مديني مان گهمائي اچو پوءِ بہ گڏھ ئي رهندو..

• نالائق ۽ بدچلن ٻارن کان عورتون نانگ ڄڻن تہ بهتر آ.

• پنهنجي ڌيئرن جي مست جواني کي نظر انداز ڪري هو ڏارين ڇوڪرين جي اکين ۾ نفس جي نچندڙ چور جي نگراني ڪندو آهي! (شبنم گل)

• اڄ اسان 'ڪنهن کي' دفنائي آيا آهيون، ڪيرُ سياڻي اسان کي پُوري ايندو! حيرت رڳو ان وقفي تي آهي، جنهن کي اوهان 'زندگي' سڏيو ٿا! (**سعيد سومرو**)

• مسجد جي منارن تي ويٺل ڪبوتر آذان جا اهي اکر آهن. جن جي پويان هر دعا ۾ مون توکي خدا کان گهريو آهي. (**ايوب گل**)

• روئي يارن ڪاڻ، نالو ڪٽي ياڻرن جو. (**پنجابي چوڻي**)

• رڳن ۾ درد جو محشر، سلامت آ

• سوڪهڙو هو. رب کي مينهن لاءِ ٻاڏائڻ لاءِ، سڀ ئي ڳوٺ وارا گڏجي دعا گهرڻ واسطي ميدان ڏانهن وڃڻ لڳا. رڳو هڪ ڇوڪر جي ڪڇ ۾ ڇٽي هئي. اهو ڪامل يقين آهي.

جڏهن توهان ننڍڙي ٻارکي ٻانهن ۾ کڻي مٿي اڇلايو ٿا تہ هو کلي ٿو. ڪيس پڪ آهي تہ اوهان هن کي جهپي وٺندئو. . . .

**اهو اعتماد آهي.**

هر رات کٽ تي ننڊ ڪرڻ لاءِ سمهون ٿا. توهان کي سڌ ناهي تہ اوهان صبح جو اٿندئو الائي نہ پوءِ بہ گهڙيال ۾ الارم رکي ڇڏيو ٿا.

**اها اُميد آهي.**



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڪنهن ڏاهي هڪ سٺي ڳالهه ڪئي تہ ”ماضي ردي ينو آهي. حالُ اخباري ينو آهي. مستقبل سوال جو ينو آهي. سو مهرباني ڪري ان کي خبرداريءَ سان پڙهي، سوچي سمجهي جواب لک، نہ تہ زندگي تشو پنو ٿي ويندءِ.“

• نااهل جي تربيت ڪرڻ ائين آهي. جيئن گنبذ تي اخروٽ رکڻ.

• غربت هڪ اهڙي وبا آهي، جنهن ۾ سڀ کان پهريان دوست مري ويندا آهن. [سعيد سومرو]

بي خبري:

مون پنهنجن ڪتابن تان، ڪنڌ ڪٽي ڏٺو تہ منهنجون سرتيون پوڙهيون ٿي ويون هيون...! (بشريٰ شيرين)

• ٻڪرار بانسري ڀڃي ڇڏي ۽ ماٽ ميٽ ۾ شهر وڃي، ڪارخاني ۾ نوڪري ڪئي. (اسلم ڪولسري)

• اعزاز ، تمغا، وڏ لقبَ سڀ پاڻ وٽ رک ... بس رڳو مرڪي ملڻ جي مهرباني ٿئي. (روشن شيخ)

• ڪنڊن تي ڪائي موسم نہ ايندي آ ـ سارا شگفتہ

• تماشي لاءِ جو تو پنهنجي ذات استعمال ڪرين هڪ وار ئي بيوفا ڇئي ڇڏين هان مان تماشو خود ٿي وڃان هان ( هڪ اردو نظم جو ترجمو)

• مان چانهہ اڄ بہ ٿڌي ڪري پيئندو هان. فضول بحثن جو پاسو بہ ناهي ڇڏيو. هر نئين نظم کي پراڻي نظم جو تسلسل سمجهندو هان. نہ ئي مان تنهنجي مزاج تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي آ. گهڻن دشمنن ۽ تورن سڄڻن سان تعلق بہ بحال ڪيون پيو اڃان منهنجي انهن سيني ڳالهين تي ۽ مون تي تون ان ڪري بہ گرم رهندي آن جو تون چانهہ اڄُ بہ گرم ئي پيئندي آن.
(روشن شيخ)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ماں پنهنجي زنده رهڻ جي چڪر ۾ ڦاسي پيو هان خود ڪشيءَ لاءِ ڪنيل رسيءَ سان ڪائيون بڌي گهر ڪٽي آيس رسي جڻ مون تي کلي رهي هئي ته بيوفا محبوبائن جا عاشق خودڪشي ناهن ڪري سگهندا (روشن شيخ)

رند. هزار شيوه را طاعت حق گران نه بود،
ليک صنم به سجده ناصيه مشترک نخواست!

رند جي لاءِ خدا جي بندگي ڪا ڏکي ڳالهه نه هئي، پر مسئلو هيءُ هو ته محبوب سائين نه ٿي چاهيو ته، جيڪا پيشاني سندس پيرن ۾ جهڪي ٿي، اها ڪنهن ٻي کي به سجدو ڪري.

• ماں سڄي رات سوچيندي رهيس ۽ اهو سوچي روئيندي رهيس ته منهنجو ۽ دشمن جو خدا هڪ آهي . (نامعلوم)

• جيڪڏهن تون ايترو روز قرب جو ذرو ڏيندي رهين، ته زندگيءَ جي ويڙهه ۾ هارجڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿئي . (راشد مورائي)

• معتبر ٿيڻ سان ماڻهپو نڪري وڃي ته اهڙو معتبر ٿيڻ ئي نه گهرجي.

• کتنے امن سے میں، اپنے گھر میں اداس رہتا ہوں ـــ گلزار

• پاڻ کي هڏايل نظم پاڻ کي هنيل ڏک ئي ته آهن. (آڪاش عامر)

• ننڍپڻ جا دوست ڪڏهن به پوڙها ناهن ٿيندا. (سعيد سومرو)

• "ماں جاڻان ٿو ته جهالت ۾ سڪُون آهي، پر مونکي اهڙي سڪُون جي تمنا ناهي ". [سارتر]

• ماڻهو کي مڪمل ۽ ترُيل تڪيل هجڻ لاءِ ڏاهپ (Wisdom) ۽ ٻاجهه ٻنهي کي وڌائڻو پوندو . [گوتم]

• هڪڙو پکي پڃري مان ڪڏي آيو آهيان، هاڻي پکيءَ جي دل مان پڃرو ڪڍڻو آهي. ـــ عمير نجمي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جيڪڏهن ڪو مونکي اها پڪ اچي ڏئي تہ سياڻي قيامت جو ڏينهن آهي ۽ مون کي يقين بہ اچي وڃي تہ ڏهن بہ آءُ اڄ گلاب جو ٻوٽو پوکڻ کان رهي نہ سگهندس. (جرمن شاعر)

• ”انسان کي سڀ کان پياري شيءِ آهي پنهنجي زندگي، جا هن کي صرف هڪ دفعو جيئڻ لاءِ ملي ٿي: تنهڪري اها زندگي هن کي اهڙيءَ ريت گهارڻ گهرجي، جو هو ائين محسوس نہ ڪري تہ پاڻ جيڪي ڏک ۽ تڪليفون سهي ٿو، سي سڀ بي مقصد پيو سهي: اهڙيءَ طرح جيئي، جو آخر ۾ پنهنجي گذريل زماني تي نظر ڦيرائيندي ، سندس گيد پاٽيءَ تي ڪيس ڪنڌ جهڪائڻو نہ پوي: ايئين جيئي جو مرڻ وقت هو چئي سگهي تہ ’ مون پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي سموري طاقت دنيا جي هڪ اوچي آدرش لاءِ خرچ ڪري ڇڏي – ۽ اهو اوچو آدرش آهي ’ انسان ذات جي آزاديگي!؟“ — لينن

• ڪيترن ئي ماڻهن جي حياتي، هن ڌرتيءَ جي هانو تي هڪ بار کان وڌيڪ حيثيت ڪانہ ٿي رکي؛ ليڪن هڪڙو سٺو ڪتاب هڪ ڪامل شخصيت جي جگر جو اهو املھ خون آهي، جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪيو ويو آهي...... ڇا، اسان کي جگري خون جي انهيءَ محفوظ سرمائي جو احساس آهي؟“ — ملٽن

• ڪڏهن آئون بہ ائين هوس، جئين اڄ تون آهين. ڪڏهن تون بہ ائين ٿيندين، جئين اڄ آئون آهيان. (وتايو فقير جي لحد تي لکيل جملا)

• مان ادب تان استعيفا ٿو ڏيان

هُو روز منهنجي پيڻ جي اُن شاعريءَ جي تعريف ڪندي گگ اگهڻ بہ وساري ٿو ويهي، جيڪا در اصل مان ئي لکندو آهيان. ـ هو روشن خياليءَ تي ڊگها ليڪچر ڏيئي منهنجي پيڻ سان سمهڻ ٿو چاهي. مان ادب تان استعيفا ڏيئي رهيو آهيان. تہ جئين پيڻ جي عزت محفوظ رهي. [نامعلوم]

• هوءَ آئي ۽ هلي وئي. زندگي کي اڄ اُها ”م خ ت ص ر“ ڪري وئي. (دعا سهتو)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• اٽچاٽائی

تو! اکين جی بلوتوٿ وسيلی عشق جا کيترا ئی فائيل مون ڏی منتقل کيا هُئا! جيکي منهنجي اٽچاٽائيءَ جي ڪري انسٽال ٿي نہ سگهيا. (**سائل پيرزادو**)

• هڪ ڏينهن چئي ڏنائين تہ ”مان تنهنجي ڪلهن تي ’سر‘ رکي سمهڻ ٿو چاهيان.“ سوچيان ويٺي تہ ڇا ڪلهو مٿاڻ سان ننڊ اچي ويندي آهي. (**دعا سهتو**)

درس:

• مون اجهان بغاوت جو پهريون اکر مس لکيو هو تہ ڪنهن دوست اڳتي وڌي منهنجون آڱريون ڪپي ونديون. (**دعا سهتو**)

• ايڏي، سهڻي آهين! توتي تہ، پوپٽ، اچي ويهندا هوندا...! **عزيز گل**

• 'بوڑھے پرندے کہاں مرنے جاتے ہیں'؟ [ارن دھتی رائے]

• نصاب زندگي جو اگر تون لکين ها، پڪ سان منهنجو قصو ڪين لکين ها! (**دعا سهتو**)

• ننڊ، اکين جو ناول آهي جيڪا خوابن جا ڪردار ميڙيندي رهندي آ.! (**اياز امر شيخ**)

• اهي ماڻهو، جيڪي حسابن جي علم کي ڄاڻيندا ناهن. مان نٿي ڄاڻان تہ اهي ماڻهو منهنجي وجود جي ماپ وٺڻ لاءِ ”انچي پٽي“ ڪٿي جا ماپيندا....!“ (**دعا سهتو**)

• "خوبصورت عورت اک لاءِ جنت ۽ ڪيسي لاءِ دوزخ هوندي آهي. " **مولانا ابوالڪلام آزاد**

خوابن جي گهٽين ۾ ڪي بہ اسپيڊ بريڪر نہ هوندا آهن. (**اخلاق انصاري**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن توهان پنهنجي دماغ تي قابو نہ پاتو تہ پوءِ ٻيو ڪو پائي وٺندو. (**جوهلن السٽن**)

- هڪ آئينو منهنجو تمام سٺو دوست آهي، ڇو جو جڏهن مان روئندو آهيان تہ اُهو ڪڏهن ناهي کلندو. (**چارلي**)

- مون اڄ اڌ شام ڪان پوءِ، اڌ سگريٽ پيتو. ۽ وڏي مدت ڪان پوءِ اڌ جام پيو. منهنجن اڌ دوستن کي اڌ خبر آهي تہ تون مون کي اڌ اڌ ڪري وئينءَ ۽ ڪو اڌ سبب بہ نہ ٻڌائي وئينءَ! (**سعيد سومرو**)

- هڪ ڪتاب، هڪڙي ڪائنات ٿی تہ هوندو آهي.! هڪ ڪتاب، لکندڙ ايترو ئي طاقتور هوندو آهي، جيترو ڪوئي "ديوتا" هوندو آهي! (**احمد شاڪر**)

- ياڻ اُن اُداس ناول جا بہ الڳ ڪردار ٿي ويا آهيون، جنهن کي اکيلائپ ويجهو اچڻ ئي نٿي ڏي. (**اياز امر شيخ**)

- خواری جا ڪيسا ايڏا وڏا آهن جيڪی يرجڻ سان بہ نہ يرجي سگهيا آهن، پر شرافت لاءِ تہ سمجهہ جو اشارو ئي ڪافي آهي. (**اياز امر شيخ**)

- اسان دنيا جو اييا‌س ئی غلط تا ڪريون ۽ پوءِ تا چئون تہ دنيا اسان سان دوکو ٿي ڪري. (**رابندر نات ٽئگور**)

- "اکيون بہ مُرڪنديون آهن ڇا؟"
"دراصل مُرڪ ٿيندي ئي اکين ۾ آهي." (**شيخ اياز**)

- منهنجو من سليٽ جيان آهي، اَءُ اچي پنهنجي ميلاپ جي تاريخ لکي وڃ. (**عامر انصاري**)

- جنهن سماج ۾ شهرتن ڀُنيان ڪردار وچائجي وڃن اُتي ادب خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي . (**حبيب لغاري**)

- اونداهي کي ننڌڻ بجاءِ ميڻ بتي ٻارڻ وڌيڪ بهتر آهي. (**چيني چوڻي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• پيار برسات وانگر آهي، جيڪو وسڻ لاءِ گاهه جي چونڊ نه ڪندو. (ڏکڻ آفريڪي پهاڪو)

• مُرڪ جي پويان دنيا هميشه روشن نظر ايندي آهي. (نامعلوم)

• هن اڪيلي ڪمري ۾ پنهنجي جسم تان سڀ ڪپڙا لاهي، مائيڪل اينجلو جي Nude Youth جيان، آرس پيجان. ان وقت تون ريوبنس جي Venusجيان، ٽڪجي ٽنجي اچي منهنجي پاڪر ۾ پئه. ته ڪو نئون شاهڪار نه هيون. (اخلاق انصاري)

• جيئن گلن جي ڍير مان ڪيئي هار ٺهي سگهن ٿا، تيئن ڪيئي سٺا ڪم هڪ ماڻهو جي هٿان ٿي سگهن ٿا.(گوتم ٻڌ)

• اخبارون روزانو ڪوڙ لکنديون آهن پوءِ به اخباري ادارا ڪڏهن به ڪو ترديدي بيان هلائي سچ ڪان معذرت نه هين گهرندا. (وفا گولو)

• تون
خدا جو آتو گراف آهين...! (انور ڪاڪا)

• مان الف ، ب جي ٻاونجاهه اکرن مان صرف تنهنجي نالي جي چئن اکرن جي روز تلاوت ڪندو رهندو آهيان ۽ آس اٿم ته اهي ئي چار لفظ منهنجي قبر جو قطبو به بڻجن ! (انور ڪاڪا)

• ماڻهو، عورت جي انڊرويئر مان تخليق ٿي، بريزر مان وڏو ٿو ٿئي ۽ پوءِ انهي انڊرويئر ۽ بريزر کي اگهاڙين اکين سان ڏسي ياد ڏياري ٿو ته ملائڪن انسان جي اوسر تي اعتراض ڇو واريا هئا! (معصوم سوندراڻي)

• جنگ لڳڻ جي آثارن ۽ بم گولن جي ڌماڪن ۾ تنهنجي آنڌ، ڪنهن بارودي سرنگهه جيان 'دوکو' نه ناهي. (اسلم آزاد)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• سبب

جڏهن بہ ياد ايندو اٿم تہ آدم کي حوا ڪئين بهشت مان ڪيرايو هو. تڏهن مان پنهنجي زال کي ماريندو آهيان. (**حليم بروهي**)

• ڪاش! اندر پڙهڻ جي بہ ڪا مشين هجي ها تہ مان بہ دوکن ڪائڻ کان بچي پوان ها. (**جي ايم لاڙڪ**)

• اوهان جي مرڪ، منهنجي ڳل جو تِــرُ آهي. (**عزيز قاسماڻي**)

• گُلرن کي وڙهندو ڏسي پاڻ ۾ ڪُترن چيو: ”ڙي شرم تہ ڪريو، ماڻهن جيان ڇاجي لاءِ وڙهو!“ (**اسلم آزاد**)

• جن جا پيٽ ۽ Hips وڏين گاڏين ۾ نٽا ماپن، اُهي معصوم ڊورن تي چڙهي پل صراط تان ڪئين لنگهندا!؟ (**اسلم آزاد**)

• او خدا! اهو ڪهڙو چريو شخص ماڻهو هيو، جنهن پهرين چمي ڏني؟“

• جڏهن مونکي منهنجي محبوبا ياد ايندي آهي تہ سمورا پڙهيل ڪتاب وسري ويندا آهن.

يا رب!

تون مون کي اهو پيغام ڏي جو منهنجا سارا وهم ۽ وسوسا متائي ڇڏي،
۽ اهي سارا فلسفا دنگ رهجي وڃن جي دنيا ڪتابن ۾ سانيي رکيا آهن.

هڪ چڱو بول، هڪ چڱو ڪارج بہ آهي
A Good word is also good deed

هوريان هلندڙ، گهڻووقت هلي سگهي ٿو. (**چيني چوڻي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيڪو بوتل نٿو پياري سگهي، ان مان برياڻيءَ جي اميد نہ رکو.
- جيڪو فيس بوڪ تي ناهي اهو ڄاڻو ئي ناهي.
- اڳي ڪتاب پڙهبا ها، اڄ اسٽيٽس ۽ ٽوئيٽس.
- يار اهو پلو، جيڪو وقت تي ايزي لوڊ ڪرائي.
- ڪپڙن ڪي ڪير ٿو ڏسي... رڳو ڪمينٽس ڀلا هجڻ ڪپن.
- غيرت پونستان جي ٽڪي ناهي. (**عباس ڪوريجو**)

- ڏکيو وقت دنيا جو هڪ اهڙو جادوگر آهي، جيڪو هڪ پل ۾ توهان جي چاهڻ وارن جا چهرا بي نقاب ڪري ڇڏيندو آهي. (**نامعلوم**)

- شرم جي ڪشش حسن ڪان وڌيڪ هوندي آهي. (**شيڪسپيئر**)

- هر محبت جي خلاف هڪ ڊُڪ هوندي آهي. (**آسڪروائلڊ**)

- جڏهن بہ طوفان ايندو آهي تہ پهريان وڻن جا پن ۽ پوءِ وڻ لڏندا آهن. (**ٽرانسڪي**)

- پاڻ سان پيار ڪندڙن جو ڪو بہ حريف نہ هوندو آ.

- رهزن جي دشمني نابين هوندي آ.

- ان ڏينهن اسان جو خاتمو تي ويندو، جڏهن اسان سچ ڏسي سگهندا سين پر سچ چئي نہ سگهندا سين. (**مارٽن لوٿر**)

- شراب جو جام، شاعريءَ جو ڪتاب ۽ تون گڏ هجين تہ پوءِ دوزخ بہ مون لاءِ جنت آهي. (**عمر خيام**)

- حضرت عيسي تو صحيح چيو تہ جيڪو هڪ ڳل تي ٿڦڙ هڻي تہ، ان کي ورائي ٻيو ڳل بہ ڏيو. پر جي ڪو هڪ شهر تي ايٽم بم هڻي تہ ڇا ان کي ٻيو شهر بہ ڏيون؟! (**تنوير عباسي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جيڪو ماڻهو ڪِلٽو نہ هجي، ان ي دوڪان کولڻ نہ کپي. (**چيني قول**)

• جنگ اهڙي راند آهي، جنهن ۾ ڪڏهن تہ حد کان وڌ قابل رانديگر بہ هارائي ويندو آهي.

• پاءُ کهڙو بہ هجي، ان سان نياڻٽو تو پوي، پر دوست ڳولي ڪبو آهي.

• مان، ان ڪنوار وانگي آهيان، جنهن کي سندس مڙس شادي جي مهڙين رات ئي گهونگهٽ لاهي چوي تہ منهنجو هيو سڀ ڪجھ تنهنجو آهي. هن دل کان سواءِ.. (**پروين شاڪر**)

• توٽي ڪٽي ڪراڙو آهيان، پر جي تون رات ۾ پنهنجي ٻڪ ۾ ڪرين تہ تنهنجي محبت جي ڪري جيڪر صبح تائين جوان ٿي وڃان. (**شيرازي**)

• نيريون اکيون چونديون آهن، ''اسان کي پيار ڪريو نہ تہ اسان مري ونديوسين.'' ڪاريون اکيون چونديون آهن تہ، ''اسان کي پيار ڪريو نہ تہ توهان کي ماري ڇڏينديون سين.'' (**اسپيني چوٽي**)

• مون کي پنهنجي ماءُ جي ، مون سان پيار جو اندازو ان ڏينهن ٿيو، جڏهن ڪاڙهي تتي ۾، پنهنجي ڏيءَ جا پير سڙندا ڏسي ڏانهنس ڀڳو هوس. (**نامعلوم**)

• لاشا ڪڏهن بہ پنهنجون قبرون نہ بدلائيندا آهن.

• اي شخص! ڪنهن تي ايترو ظلم بہ نہ ڪر جو ماڻهو پنهنجي محبوبائن کان محبت جي سوکڙي طور رڳو رائيفلون ئي گهرن.

• ڪا بہ عورت ڪنهن سان پيار ڪندي آ تہ ان لاءِ اگهاڙو ٿيڻ کان بہ نہ هٻڪندي. (**ڊي ڪاربن**)

• خيرات ڏيندا ڪريو، جئين اوهان جا ٻار ڪنهنجي اڳيان هٿ نہ ٽنگين. (**جرمن چوٽي**)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪنول پبليڪيشن قنبر جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| درد جي باک | سعيد سومرو | شاعري | ختم |
| روپ ۽ مايا پريت ۽ مايا | جاويد شبير | | ختم |
| سپني ۾ سنسار | سرتاج جاگيراڻي | | ختم |
| شهر شهر زخمي | زخمي چانڊيو | | ختم |
| چانڊني تو سوا نہ ٿيندي | مسرور پيرزادو | | ختم |
| گلابن جو ڪفن | ايوب کوسو | | ختم |
| اکر اکر سرهاڻ | ڊاڪٽر ذوالفقار سيال | ٻاراڻي شاعري | 20/ |
| مان ڪائنات آهيان | اخلاق انصاري | | ختم |
| ديوارن جي دنيا پويان | ايوب کوسو | | ختم |
| ٽڏا رستا | وشال | | ختم |
| اجرا ڳوڙها ميرا ڳل | وفا حاڪم وساڻ | شاعري | ختم |
| چنڊ ـــ چميون | قاسم راهي | شاعري | 50/ |
| تون مان ۽ خدا | ساجد سنڌي | | ختم |
| شاعري تنهنجو بدن | رضا بخاري | | ختم |
| سانت جو آواز | حبدار سولنگي | شاعري | ختم |
| توکي چاهيو سي | جواد جعفري | | ختم |
| خاڪ ۾ گل | ضمير ڪرل | شاعري | ختم |
| موکي | امر لغاري | ناول | 60/ |
| 32 | انور ڪليم | | ختم |
| باک ڦٽيءَ جا گيت | سليم چانڊيو | شاعري | ختم |
| خالي رستا | نياز ملاح | | ختم |
| سچ جا پاڇا | ملڪ آگاڻي | ناول | ختم |
| هوا جا نيڻ | ناشاد رحم علي | شاعري | ختم |
| چنڊُ نيڻن ۾ | وفا حاڪم وساڻ | شاعري | ختم |
| يونيورسٽيءَ ۾ گم ٿيل خواب | عبدالرافع شيخ | ناول | ختم |
| چنڊ پيرن هيٺ | غلام عباس ڪوريجو | ڪهاڻيون | ختم |
| خواب ـــ چارا | سعيد ميمڻ | شاعري | ختم |
| سرهائي جي سوپ | برٽرينڊرسل/غلام علي چنہ | نفسيات | 80/ |
| حسرتون رهجي ويون | سيف مگسي | شاعري | ختم |
| ساوڻ پهرين بوندَ | سرمد چانڊيو | شاعري | ختم |
| دعا مان ڪريل لفظ | سعيد سومرو | شاعراڻو نثر | ختم |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ▪ ماسٽر مائينڊ م-ا-ج | غلام علي چنڊ | تحقيق | 50/ |
| ▪ شبنمي بوندون | پائو مولا بخش چانڊيو | هائيڪا | ختم |
| ▪ مان، مٽيءَ جو راڳ | پنهل | | ختم |
| ▪ خيال ـــ اڏارون (نئون ڇاپو) | نثار احمد پناڻ | اقوالِ زرين | ختم |
| ▪ پن ڇڻ جي وچوڙي ۾ | فتاح ابڙو | ڪهاڻيون | ختم |
| ▪ هوا جي بانسري | رضا بخاري | شاعري | 50/ |
| ▪ ڏاڍو ساريندين | زخمي چانڊيو | | ختم |
| ▪ احساس ختم ٿي ويو | عاجز عاشق ٽنيو | شاعري | 50/ |
| ▪ ڪيرٿر تان اڏار | سهيڙ: سعيد سومرو | چونڊ ڪهاڻيون | 60/ |
| ▪ فراق جي منزل | منظور ڪوهيار | صوفي ڪهاڻيون | 100/ |
| ▪ عشق آزاد آ | مسيح مگسي | شاعري | 80/ |
| ▪ ڪجهه به نه | عزيز قاسماڻي | ڪهاڻيون | 60/ |
| ▪ سرءُ جي تنهائي | نياز ملاح | شاعري | 50/ |
| ▪ زخم زخم روشني | حفيظ باغي | شاعري | 100/ |
| ▪ هوا ڪي ننڊ ناهي | علي صفدر | شاعري | 50/ |
| ▪ انت ڪان پوءِ | راشد بروهي | شاعري | 100/ |
| ▪ ٽـٽل سج جا پاڇي | آتش سنڌي | شاعري | 120/ |
| ▪ فڪر ڦرهي هٽ ۾ | منظور ڪوهيار | ڪالم | 100/ |
| ▪ آئينا آس جا | مشوري اياز | شاعري | 100/ |
| ▪ ٽوهر هيٺان نـنڊ | فراق هاليپوٽو | شاعري | ختم |
| ▪ ڪُويچن ڪُٺي آهيان | احمد علي صابر چانڊيو | تاريخي ناول | ختم |
| ▪ اسين ناهيون اوپرا | نياز ملاح | شاعري | 50/ |
| ▪ ڪاڪ ڪڪوريءَ آءَ | احمد علي صابر چانڊيو | شاعري | 160/ |
| ▪ سانت هلندو رهي | سهيڙ: پائو درمحمد برڙو | مضمون | ختم |
| ▪ خاموش لفظن جو رقص | شبير حسين 'شبير' | شاعراڻو نثر | 80/ |
| ▪ ڪيرٿر تي صبح | سهيڙ: سعيد سومرو | چونڊ ڪهاڻيون | 80/ |
| ▪ سچا ڪوڙا رشتا | منظور ڪوهيار | ڪهاڻيون | 100/ |
| ▪ غمن جو ڪوئي حساب ناهي | محب الله تبريز ٽونيه | شاعري | 80/ |
| ▪ سمنڊ، چوڏهون ٽهڪ | سرڪش سنڌي | شاعري | 100/ |
| ▪ نگاهون، شام جو منظر | اسير امتياز | شاعري | 80/ |
| ▪ مينهن ڪٿيءَ جو سڏ | سعيد سومرو | طويل غزل | 100/ |
| ▪ مان اوهان مان ناهيان | عزيز قاسماڻي | ڪهاڻيون | 100/ |
| ▪ زندگيءَ جي ٻي تصوير | بيوس محرم مغيري | ڪهاڻيون | 100/ |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ▪ سمنڊُ تري آيا | شيخ فرازي | شاعري | 100/ |
| ▪ مَڌ جا رهيل رنگ | علي صفدر | شاعري | 150/ |
| ▪ وسا ورني | عابد ڪاظمي | فيچرز/ڪالم | 100/ |
| ▪ اڌوهي ڪاڏل وجود | سيف الحق سيف | ڪهاڻيون | 100/ |
| ▪ سمنڊ ڪي سوچي تہ ڏس | فراق هاليپوٽو | نثري نظم | ختم |
| ▪ ڪي ڪي ماڻهو وديا ساگر | منظور ڪوهيار | خاڪا/مضمون | 150/_ |
| ▪ گيت گوڙها ٿي ويا | حفيظ باغي | شاعري | 150/_ |
| ▪ چانڊنيءَ جو آبشار | رضا بخاري | ترويئيون | 70/_ |
| ▪ لفظ موتين کان مهانگا | سيد مدد علي شاهہ منظر | شاعري | 50/_ |
| ▪ امن موتائي ڏيو | گوهر سنڌي | شاعري | 150/_ |
| ▪ بيقراريءَ جو سمنڊ | اسير امتياز | شاعراڻو نثر | 80/_ |
| ▪ پنل آرسي | خالد راڄپر | شاعري | 150/_ |
| ▪ خدا سان ملون | حسن صوفاڻي | شاعري | 100/_ |
| ▪ ناچڻي | علي زاهد | شاعري | 200/_ |
| ▪ شوق چلڪي پيو | ڊاڪٽر منظور ملڪ | شاعري | 150/_ |
| ▪ جوين پهريان ڏينهن | اشرف پلي | شاعري | 150/_ |
| ▪ توڏي مان شاعري اماڻيندس | اسد مگڻهار | شاعري | 150/_ |
| ▪ پيار، پن چڻ ۽ وفا | وفا حاڪم وساڻ | شاعري | 100/_ |
| ▪ تو پڇا ڻان ... | منير چانڊيو | ناول | ختم |
| ▪ چنڊ سنڌوءَ ۾ | ايس نسيم ميمڻ | شاعري | 150/_ |
| ▪ اسان ڪي اکيون چڻ روئڻ لئہ مليون | ابل اداس ٻبر | شاعري | 150/_ |
| ▪ پونئرن جي انتظار ۾ | منظور ڪوهيار | مختصر ڪهاڻيون | 150/_ |
| ▪ اُجايل خواب | نجم سرهيو | شاعري | 150/_ |
| ▪ پرينءَ جو عڪس | امتياز دانش | شاعري | 100/_ |
| ▪ زندگي مرجهي ويل گل جهڙي | مصور حسين | ناوليٽ/ڪهاڻيون | 100/_ |
| ▪ لڙڪ لڙڪ منظر | نياز ملاح | شاعري | 100/_ |
| ▪ سفر چاهتن جو | ڪوثر برڙو/مشتاق بخاري | شاعري | ختم |
| ▪ بند اکيون آوارا سپنا | اسير امتياز | شاعري | 150/_ |
| ▪ تنهنجي خوشبو آئي هوا مان | محبتي ملاح | شاعري | 150/_ |
| ▪ جنم جنم الميو | يار محمد چانڊيو | ڪهاڻيون | ختم |
| ▪ زندگيءَ جي ويڙهہ ۾ .... | ناياب ڪوڪر | ڪهاڻيون | ختم |
| ▪ اوجاڳن جو سوڳ | بيوس محرم مغيري | ڪهاڻيون | 100/_ |
| ▪ چانڊوڪيءَ جي پاڪر ۾ | اداسي جکراڻي | شاعري | 120/_ |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| اڏ خيال جي خاڪ | سعيد سومرو | هڪ وزن ۾ سَوغزل | 200/- |
| سڀ فريب آ | مختيار جاگيراڻي | شاعري | 100/- |
| چاند اکیلا رہتا ہے | آفاق احمد آفاق | شاعری | 200/- |
| نيڻ آلا ٿي ويا | رحمت سومرو | شاعري | 130/- |
| عشق تو مون ۾ نچي | مرتضيٰ قل | شاعري | 200/- |
| گُلن مٺ | اويس پٺو | مضمون | 50/- |
| پرندي پرندي لاٽ | 'مجبور' ميمڻ سيتائي | شاعري | 150/- |
| آس جا ڏيئا | جبار تاثير سومرو | شاعري | 150/- |
| ننڊ نہ ڪجي ناڪئا | صدام حسين درس | آرٽيڪلز | 200/- |
| معصوم محبت جي ڪٿا | فيضان سهرياڻي | ناوليٽ | 100/- |
| گهڙين ٻڌا گهنگهرو | راشد بروهي | شاعري | 150/- |
| انڌيرا روشني ٻٽيا | پنهل | شاعري | 150/- |
| فقير | فقير مقيم ڪنيار | آرٽيڪلز | ختم |
| وصيت نامو | انور ڪاڪا | نظم | 300/- |
| اوسيڙي ۾ جُڙيل آس | عبدالسلام تهيم | ڪهاڻيون | 150/- |
| هاڻ جاڳو ڪٽي | گلزار تبسم | شاعري | 150/- |
| دليون درسگاهون | عائشہ ميمڻ | شاعري | 150/- |
| ويندي شام گهر ڏي | لياقت پنهور | شاعري | 150/- |
| زندگي جهومي پئي | نياز ملاح | شاعري | 150/- |
| سانجهہ لهي ٿي سوڳ ۾ | اداسي جکراڻي | قومي شاعري | 100/- |
| هجوم درد جو | سرتاج جاگيراڻي | شاعري | 200/- |
| جلاوطن ننڊون | مصطفيٰ آڪاش | شاعري | 200/- |
| آءُ آهيان نياز | نواز علي 'نياز' جعفري | شاعري | 150/- |
| اڻ پورا وجود | ممتاز لوهار | ڪهاڻيون | 150/- |
| راج ڪرته | منظور کوهيار | آرٽ ڊراما | 150/- |
| متيءَ لئہ مرڻ | شاهنواز ڪوسو | قومي شاعري | 200/- |
| عڪس ۾ رقص | امين چانڊيو | شاعري | 150/- |
| امر جلیل کے افسانوں کا سماجی مطالعہ | آفاق احمد آفاق | تحقیق | 300/- |
| هوائن چير چمڪائي | وسيم آڪاش سيتائي | شاعري | 200/- |
| ڳاءِ تہ ننڊ اچي | حفيظ باغي | شاعري | 200/- |
| فنا سواءِ سڀ فنا | جاويد شبير | شاعري | 200/- |
| چنڊ جهروڪي تي | نياز ملاح | شاعري | 150/- |
| ڪلام عثمان فقير سانگي | مرتب: سرمد چانڊيو | شاعري | 300/- |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ▪ پنهنجي ڌرتي | عباس ڪوريجو | ڪهاڻيون | 150/_ |
| ▪ اندلٺ جا رنگ اکين ۾ | عزيز 'بلال' بروهي | شاعري | 150/_ |
| ▪ انگاسَ تي ٽنگيل رباب | مرتضيٰ ناز | شاعري | 150/_ |
| ▪ آنءَ لهرَ سمونڊ جي | سعيد ميمڻ | دوها | 200/_ |
| ▪ سانڍ سپنا سانوري | بدر انصاري | شاعري | 150/_ |
| ▪ سِڪَ ۽ سوز | واحد سوز ملاح | شاعري | 200/_ |
| ▪ ماهتابِ | منظور ڪوهيار | آرٽ ڊراما | 150/_ |
| ▪ احساسن جو پنڌ | فدا ملڪ | شاعري | 200/_ |
| ▪ اُجري ڌرتي ميرا ماڻهو | يار محمد چانڊيو | ناول | ختم |
| ▪ سمنڊ جو رقص | خالد ساحل ڪيريو | شاعري | 200/_ |
| ▪ ڪاوا ڪاوا وات | اسير امتياز | تنقيدي اڀياس | 150/_ |
| ▪ سر ۾ چمڪيو سج | پريت گهمرو | شاعري | 150/_ |
| ▪ سچل سرمست ۽ ساميءَ جو فلسفو ڊاڪٽر تهمينہ مفتي | | تحقيق | 200/_ |
| ▪ سنڌ مرُوئي سُور | منظور سمون | شاعري | 1000/_ |
| ▪ اکيون اوهان جي آسري | ڊاڪٽر مسافر فهيم | شاعري | 150/_ |
| ▪ خواب تا ڪولين اکيون | حبدار سولنگي | شاعري | 200/_ |
| ▪ عشق جو آسمان | مولا بخش ڪيريو | شاعري | 150/_ |
| ▪ شفق رنگن جي مينهوڳي | اشفاق چانڊيو | شاعري | 200/_ |
| ▪ جديد ڪهاڻي فن ۽ موضوع | عباس ڪوريجو | تحقيق | 150/_ |
| ▪ خيال ڪَڙو ڪرڪائڻ تا | امر ساهڙ | ريڊيو اسڪرپٽ | 200/_ |
| ▪ يادن جو قيد | لالڻ چنو | شاعري | 200/_ |
| ▪ نڙيءَ ۾ اٽڪيل سج | انور ڪاڪا | ڪهاڻيون | 200/_ |
| ▪ ميرے بعد | زاہدہ پریت شیخ | شاعری | 500/- |
| ▪ خالي هٿين عورتون | سيد جُڙيل شاهہ بخاري | ڪالم | 250/_ |
| (Poetry) -/200 | *Dr. Waheed Jatoi* | | Sometimes |
| ▪ سپنا تڙپن ساڀيا لاءِ | بشير سيتائي | شاعري | 200/_ |
| ▪ شام صحرا جي | حسن وساڻ | شاعري | 150/_ |
| ▪ ڪچا رشتا | دريا خان شنباڻي | ڪهاڻيون | 160/_ |
| ▪ چاهہ چريا اُتساهہ چريا | بشير سيتائي | شاعري | 150/_ |
| ▪ ازل جو آڌاڻو | سعيد ميمڻ | طويل غزلُ | 150/_ |
| ▪ قدم ڪان عدم تائين | روبينہ ابڙو | شاعري | 300/_ |
| ▪ سانوڻي درد جي | درد هوش محمد | شاعري | 150/_ |
| ▪ دنيا آڪيرو | زاهده تاج ابڙو | (شاعري) | 150/_ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| سپنن جي جلاوطني | نياز ملاح | ڏيڊوٽا | 150/- |
| اڏيتن جي اُس | جعفر شاهاڻي | ڪهاڻيون | 160/- |
| آلا نيڻ آڪاس جا | وسيم آڪاش سيتائي | شاعري | 200/- |
| آلا ڏڳ برسات ۾ | سعيد ميمڻ | غزل | 200/- |
| تون اڃان به ياد آهين | خالد منعم شر | ناول | 300/- |
| شاهه لطيف ڀٽائي ڇندوديا | سرمد چانڊيو | تحقيق | 300/- |
| مان اڪيلو اوڪ | اخلاق انصاري | نوٽ بڪ | 300/- |
| صحرا مون ۾ ساهه کڻي ٿو | امر ساهڙ | شاعري | 250/- |
| وفائون اڪيليون | شبانه عالماڻي | شاعري | 200/- |
| ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا | خليق ٻگهيو | تنقيد | 300/- |
| نيڻ آساٿا | فرزانه شاهين | شاعري | 250/- |
| گنگا، گوتم ۽ مان | رمضان راهي | سفرنامو | 250/- |
| اي اکين جا انتظار | مصور حسين | شاعري | 200/- |
| هينئڙو اوني وڳ جيئن | علي آڪاش | شاعري | 300/- |
| ڪجهه ته ڳولن ٿيون اکيون | ملڪ وحيد | شاعري | 200/- |
| ڇٽيل گلن تي صبح | سعيد سومرو | 100 وزن 100 غزل | 200/- |
| ٻُڌ مت | سنڌيڪار: دُرجان | ٻُڌ فلسفو | 200/- |
| پهاڪا پهاڙ جيڏا | زاهده پريت | لسانيات | 700/- |
| اکي لئي اجهي جي ڳولا | ممتاز مصطفيٰ دوست | ڪهاڻيون | 200/- |
| ري اسٽور ٿيل ماڻهو | ناشاد رحم علي | ناول | 300/- |
| هڪ جهڙو درد (او هينري جا افسانا) | ممتاز لوهار | ڪهاڻيون/ترجمو | 200/- |
| صدائون دربدر آهن | عمران انجم | شاعري | 200/- |
| محبت جي تنهائي | دليپ دوشي لوهاڻو | ناول | 200/- |
| ڀٽائيءَ جو عشق | هوش محمد ڀٽي | ناول | 200/- |
| جديديت ۽ سنڌي ادب | ڊاڪٽر وحيد جتوئي | فلسفو ۽ تنقيد | 100/- |
| چانڊوڪيءَ چمڪايا چارا | عزيز ديرائي | شاعري | 200/- |
| گل اهڙي طرح ٿا هوا ۾ لڏن | اسحاق 'راهي' | شاعري | 200/- |
| چنڊ چهرو ڪنول | صفيه ڪنول ابڙو | شاعري | 300/- |
| هجومن ۾ اڪيلائي | محمد علي جروار | شاعري | 250/- |
| ماڻهو هڪ جهنگل آ | علي صفدر | ناول | 250/- |
| کاش ہم چکور نہ ہوتے | مصور لاشاری | ناول | 250/- |
| سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ | سرمد چانڊيو | تحقيق | 200/- |
| آلي واريءَ تي بارش | انور ڪاڪا | نثري نظم | 200/- |
| اڻڪٽ سفر زندگيءَ جو | عقيل ڀٽو | ڪالم/مضمون | 600/- |
| پنهنجي ڊائريءَ تي پراوا خيال | سعيد سومرو | چونڊ ڪوٽيشنز | 250/- |
| سنڌ ۾ گهرجي اُمن | واحد ''سوز'' ملاح | طويل هائيڪو نظم | 300/- |
| گلن سان تعزيت | عبدالسلام ٿهيم | ڪهاڻيون | 200/- |
| برف جون بيساکيون | امر لغاري | ڪهاڻيون | 200/- |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





















چوڏس چنبيليءَ جي چارن تي پيرَ ڏرڻ جو پنڌ پچاريندي سعيد سومري جو هر قدم پنبڻين تي پٽارڻ جهڙو ان ڪري بہ آهي جو سندس عميق رچنائون روح جي پاتال ۾ پيوند ٿيڻ جي سگهہ سان بہ سرشار آهن تہ فني توڙي فڪري گهُرجن پٽاندر سوچن جي وسيع پڌر تي بہ آٽي بيهارين ٿيون، جنهن جي تخليقي قد ڪاٺ ڪان منهن موڙڻ ڏکيو هجي، ان جي مطالعاتي اک جي تيز نظريءَ جو ڪمال ”پنهنجي ڊائريءَ تي پراوا خيال“ جي صورت ۾ پڙهي سچ تہ سوچ جا املهہ موتي پنهنجي مٿان رنگ برنگي پوپٽن جيان ڦرندي محسوس ٿين ٿا.

سعيد سومري جي سهيڙيل هن گلدان جا سوين گل پنهنجي پنهنجي منفرد رنگ ڍنگ سان وجود مٿان وٽندڙ سحرانگيزي طاري ڪن ٿا ۽ ان وٽندڙ مهڪ جو واس وٺندي سعيد سومري جيان هر ڌڙڪندڙ دل کي پنهنجي اندر جو ئي آواز محسوس ٿيندو ۽ اسان سعيد سومري جي تخليقي اڏار جيان هن فراخدلي ۽ فڪر انگيز سوکڙيءَ مان پڻ فيضياب ٿي پانهون ڦهلائي پليڪار ڪيون ٿا.

**ساجد سنڌي**

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com